# مُفصل سنڌي لغت

## جلد پنجون

(ڇ - ڃ - ح - خ - د - ڌ)

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

# مُفصل سنڌي لغت

## جلد پنجون

(چ-ڇ-ح-خ-د-ڌ)

سرپرست اعليٰ

پرويز احمد سِيهڙ


سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2019ع

# مُفصل سنڌي لغت

(ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ترتيب ڏنل جامع سنڌي لغات تي آڌاريل ڇاپو)

جلد پنجون

(چ-ڇ-ح-خ-د-ڌ)

سرپرست اعليٰ

پرويز احمد سِيهڙ

نظرثاني

پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا

ايڊيٽرز

شبنم گل

ضراب حيدر


ايڊيٽوريل بورڊ

* ڊاڪٽر غلام علي الانا * ڊاڪٽر آفتاب ابڙو

* پروفيسر نور احمد جنجهي * ڊاڪٽر اسلم سنديلو

سنڌي ڊڪشنري بورڊ جو تحقيقي عملو

* عبدالله ناصر قاضي (ريسرچ آفيسر) * اياز علي شيخ (ريسرچ آفيسر)

* راز محمد لغاري (ريسرچ اسسٽنٽ)



سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2019ع

[اهي ٻئي لغتون موجوده عربي- سنڌي لپيءَ ۾ تبديل ڪري سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران 2011ع ۾ ڇاپيون ويون آهن.] انهن کي ڏسڻ ڪانپوءِ ڇئي سگهجي ٿو ته سنڌ ۾ لغتن تي ڪم ڪندڙ ديوناگري ڄاڻندڙ ماهرن انهن مان گهڻو لاڀ حاصل ڪيو آهي ۽ چڱو خاصو 'لفظي خزانو' (Vocabulary) سامهون آيو. انهيءَ ساڳئي دور ۾ سنڌ جي هڪ عالم آخوند عبدالرحيم 'وفا' عباسيءَ جي تيار ڪيل لغت 'جواهر لغات سنڌي اڪيچار' جي قلمي نسخي مان به گهڻن فائدو ورتو جيڪا 'سنڌي_فارسي لغت' هئي. [اها لغت بعد ۾ 'سنڌي لئنگيج اٿارٽيءَ' پاران 1993ع ۾ ڇپجي چڪي آهي.] 1886ع ۾ 'جهمتمل نارومل وسناڻيءَ' جي جوڙيل 'وٿيپتي ڪوش' ۾ سنسڪرت جي بنياد وارا لفظ ڏنا ويا. تنهن کانپوءِ 1879ع ۾ مرزا صادق عليءَ، جارج شرٽ ۽ اُڌارام گڏجي هڪ 'سنڌي_انگريزي ڊڪشنري' جوڙي، جنهن ۾ هنن 'عربي- سنڌي لپي' ڪم آندي. جيئن جيئن تعليم عام ٿيندي وئي، انگريزيءَ جو واهپو وڌندو ويو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب ڇپجڻ جو عمل به وڌيو، تيئن تيئن 'سنڌيءَ کان انگريزي' ۽ 'انگريزيءَ کان سنڌي' ڊڪشنرين جي ضرورت وڌندي وئي.

اهڙيءَ ريت 'ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ' طرفان 1866ع ۾ شاهه جو رسالو ڇپجڻ کانپوءِ، شاهه جي ٻولي کي سمجهڻ جي ضرورت پيش آئي ته 1907ع ۾ پيرومل 'غريب اللغات' نالي لغت [ٽن ڀڱن تي مشتمل] جوڙي. پرمانند ميوارام جون لغتون ڊڪشنريون 'سنڌي – انگريزي'، 'انگريزي – سنڌي' 1910 ۽ 1933ع ۾ شايع ٿيون. 1914ع ۾ مرزا قليچ بيگ 'لغات لطيفي' شايع ڪرائي. سندس 'لغات قديمي' 1924ع ۾ منظر عام تي آئي. اهي ٻئي لغتون سنڌ ۾ گهڻي وقت تائين ضرورت پوري ڪنديون رهيون. 1940ع ۾ ان وقت جي وزير تعليم محترم جي. ايم. سيد جي دور ۾ 'سنڌي ساهتيہ مرڪزي سرڪاري بورڊ' جي طرفان عالمن جي هڪ لغت ڪاميٽي جوڙي وئي، جنهن سنڌيءَ ۾ هڪ 'جامع لغت' جوڙڻ جي ڪم جي باقاعدي شروعات ڪئي. هن ڪميٽيءَ 'الف_ب_ٻ ۽ ڀ' جي ڇئن اکرن وارن لفظن تي مشتمل هڪ لغت جو مسودو تيار ڪري ورتو جنهن ۾ چند هزار لفظ شامل هئا. 1951ع ۾ 'سنڌي ساهتيہ جي صلاحڪار بورڊ' کي 'سنڌي ادبي بورڊ' جو نالو ڏئي، سرڪار طرفان 'جامع سنڌي لغات' ناهڻ جي رٿا جوڙي وئي.

'سنڌي ادبي بورڊ' 1951ع ۾ هڪ باقاعدي ٽن سالن جي رٿا 'جامع سنڌي لغات' نالي سان شروع ڪرڻ جو ارادو ڪيو ويو ۽ اهڙي آڇ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي ڪئي وئي. ڊسمبر 1951ع ۾ علامه آءِ. آءِ. قاضي صاحب، سنڌ يونيورسٽيءَ جي اولڊ ڪئمپس ۾ 'ڊڪشنري آفيس' قائم ڪرڻ لاءِ هڪ ڪمرو ڏنو. لغت جو خاڪو جوڙيو ويو ۽ جنوري 1952ع ۾ ان آفيس ۾ باقاعدي ڪم جي شروعات ڪئي وئي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سربراهيءَ ۾ هڪ اهڙي ٽيم جوڙي وئي، جنهن کي ڪم ورهائي ڏنو ويو.

پر 1952ع کان 1958ع تائين مختلف تڪليفن ۽ مشڪلاتن جي باوجود 'جامع سنڌي لغات' جو پهريون جلد 1960ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو اُن جلد جي مواد جي نظر ثاني علامه ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي

ڪئي ۽ محترم محمد ابراهيم جويي اُن جا پروف پڙهيا ۽ درستيون ڪيون هيون. ٻين جلدن جي ڇپجڻ جا مرحلا 'سنڌي ادبي بورڊ' جي مختلف سربراهن جي نگرانيءَ هيٺ تيار ٿيندا رهيا. انهن جو سمورو خرچ سنڌ سرڪار جي ڏنل فنڊن مان 'سنڌي ادبي بورڊ' پنهنجي ذمي کنيو ان ڪري پهرئين ڇاپي تي هي اکر لکيا ويا: **"بسعي و اهتمام: سنڌي ادبي بورڊ. زير نگراني: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ"** ان ڳالهه کي 55 سال گذري ويا. اهڙيءَ ريت 'جامع سنڌي لغات' جا پنج جلد 'سنڌي ادبي بورڊ' شايع ڪيا ۽ وقت بہ وقت اُن جا ايڊيشن پڌرا ٿيندا رهيا.

سال 2011ع ۾ 'سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ' جي 'بورڊ آف گورنرس' جي گڏجاڻي ۾ طئي ڪيو ويو هو تہ نئين لغت رٿا تي ڪم ٿيڻ گهرجي. اٿين 'سنڌي ڊڪشنري بورڊ' جو ڪم شروع ڪرايو ويو. اهڙيءَ ريت مفصل سنڌي لغت جو ڪم پنهنجي تڪميل ڏانهن وکون کڻي رهيو آهي. اميد اٿئون تہ مفصل سنڌي لغت وارو ڪم پنهنجي تڪميل تائين پهچندو. سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، پنهنجي وس آهر سنڌي ٻوليءَ جي ڀلائي ۽ ترقيءَ لاءِ اطمينان جوڳي طريقي سان ڪم ڪري رهيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي خالص پڻي کي قائم رکندي، ترقي وٺرائڻ، اداري جي اهم ذميواري آهي. ۽ اهو پنهنجي ان ذميواري کي پورو ڪرڻ لاءِ هر ممڪن طريقي سان محنت ڪري رهيو آهي.

مان ٿورائتي آهيان پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي، جنهن هن جلد جي مسودي تي نظرثاني ڪئي ۽ پنهنجن قيمتي مشورن سان نوازيو. گڏوگڏ لغت جي ايڊيٽر صاحبان پروفيسر نور احمد جنجهي صاحب، ڊاڪٽر آفتاب ابڙي صاحب ۽ ڊاڪٽر اسلم سنديلي صاحب جن جي پڻ مشڪور آهيان، جن هن جلد تي نظرثاني ڪري، ضروري واڌارا ۽ سڌارا پڻ ڪيا. گڏوگڏ مان جس ڏيان ٿي، مفصل سنڌي لغت ۽ ڊڪشنريءَ بورڊ اسڪيم جي انچارج ضراب حيدر، علمي ريسرچ آفيسرز عبدالله ناصر قاضي، اياز علي شيخ ۽ ريسرچ اسسٽنٽ راز محمد لغاري کي، جن محنت ۽ لگن سان هي جلد تيار ڪيو آهي.

2 سيپٽمبر 2019ع
حيدرآباد

شبنم گل
سيڪريٽري
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

# لغت جي پڙهندڙن لاءِ رهنمائي

مفصل سنڌي لغت ۾ 'الف – ب' جي پٺيءَ جا اکر، 'جامع سنڌي لغات' واري ترتيب سان هن ريت رکيا ويا آهن.

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ا | ب | ٻ | ڀ | ت | ٿ | ٽ | ث |
| ث | پ | ج | ڄ | جھ | ڃ | چ | ڇ |
| ح | خ | د | ڌ | ڏ | ڊ | ڍ | ذ |
| ر | ڙ | ز | س | ش | ص | ض | ط |
| ظ | ع | غ | ف | ڦ | ق | ڪ | ک |
| گ | ڳ | گھ | ڱ | ل | م | ن | ڻ |
| و | ه | ء | ي | | | | |

- پهرئين جلد ۾ عربي، اردو ۽ سنڌي لغت جي اصول موجب ابتدا ۾ 'آ' رکيو ويو ۽ ان کان پوءِ 'ا' (الف)سان شروع ٿيندڙ لفظ ڏنا ويا.

- هر بنيادي لفظ لاءِ (●) نشاني ڏني وئي. لفظن جي وياڪرڻي جوڙجڪ 'جامع سنڌي لغات' کان وڌيڪ واضح ۽ جامع رکي وئي آهي. بنيادي لفظ کان پوءِ اُن مان نڪرندڙ/ٺهندڙ لفظن کي (_) نشانيءَ سان رکيو ويو آهي.

_ لفظن جي وياڪرڻي صورت ظاهر ڪرڻ لاءِ هيٺينءَ ريت 'لفظي مخفف' ڏنا ويا آهن:

## وياڪرڻي مخفف

اسم تصغير (ا – **تصغير**)، اسم حاليه (ا – **حاليه**)، اسم خاص (ا – **خاص**)، اسم عام (ا – **عام**)، اسم فاعل (ا_ **فاعل**)، اسم مصدر (ا – **مص**)، اسم مفعول (ا – **مفعول**)، حالت جري (**ح – ج**)، حالت فاعلي (**ح – ف**)، حالت مفعولي (**ح – م**)، حرف جر (**ح – جر**)، حرف جملو (**ح – جملو**)، حرف ندا (**ح – ندا**)، صفت (**صفت**)، فعل (**فعل**)، فعل لازمي (**فعل لازمي**)، فعل متعدي (**فعل متعدي**)، فعل متعدي بالواسطه (**فعل متعدي بالواسطه**)، فعل مجهول (**فعل مجهول**)، مذڪر (**مذ**)، مؤنث (**مث**)، واحد (**و**)، جمع (**ج**).

- 'مفصل سنڌي لغت' ۾ مختلف ٻولين ۽ لهجن جون نشانيون هيٺينءَ ريت ظاهر ڪيون ويون آهن.
اترادي لهجو (**ات**)، اپڀرنس (**اپ**)، انگريزي (**انگ**)، براهوي/بروهڪي (**بر**)، بلوچي (**ب**)، ترڪي (**تر**)، ٿري (**ٿ**)، پراڪرت (**پرا**)، پشتو (**پش**)، پنجابي (**پنج**)، جتڪي لهجو (**جت**)، جپاني (**جپ**)، چيني (**چ**)، روسي/رشين (**رش**)، سرائيڪي (**سرا**)، سنڌي (**س**)، سنسڪرت (**سن**)، عربي (**ع**)، فارسي (**ف**)، قديم سنڌي (**ق _ س**)، ڪڇي (**ڪ**)، ڪوهستاني لهجو (**ڪوه**)، گجراتي (**گ**)، لاڙي (**س.ل**)، لاسي (**لس**)، مارواڙي (**ما**)، هندڪو (**ه**)، هندي (**هند**)، يوناني (**يو**).

# چ

• **چ:** [ا - مذ] سنڌي الف - ب جو پندرهون. فارسي الف - ب جو سترون ۽ سنسڪرت جو ٻاويهون اکر

※ اُچار 'چي'

※ ابجد موجب عدد جيم جي برابر (3)

※ هن کي 'جيم عجمي يا فارسي' به چون

※ عربي حروف تهجيءَ ۾ هيءُ اکر شامل نه آهي

※ [سنڌي/ف/سن]

• **چا:** [مصدر 'چائڻ' = 'ڪٽڻ' مان امر] ڪٽ

※ [سرا]

• **چابُڪُ ج چابُڪَ:** [ا - مذ] ڪاٺ يا بيد وغيره جي ڇڙي (جنهن سان جانورن وغيره کي هڪليو وڃي)، ڇهبڪ. لَڪڻ، ٽلهڙ، ڇهو. تازيانو. ڪوڙو. هنٽر. قمچي

※ [صفت] چست. چالاڪ. ڦڙت. هوشيار

※ [ف]

– **چابُڪُ چيلهِ:** [صفت] تمام سنهڙيءَ چيلهه وارو. نازڪ ڪمر وارو

– **چابُڪ دانِي:** [ا-مث] گهوڙي گاڏيءَ ۾ ڇهبڪ رکڻ جي نلي

– **چابُڪُ دَست:** [صفت] تکڙو. چالاڪ. ڪاريگر. تکو ڪم ڪندڙ. ماهر. ڪم ۾ تکڙو. هٿ هلائيندڙ. هٿ جي ڪم جو هوشيار

※ ماهر ڪاريگر

– **چابُڪُ دَستِي:** [ا-مث] چالاڪي. هوشياري. ڪاريگري. مهارت

– **چابُڪُ زُبان:** [صفت] تکڙو ڳالهائڻ وارو. تيز ڳالهائيندڙ

※ گستاخ. زبان دراز. ڪنهن جو به لحاظ نه ڪندڙ

– **چابُڪُ سوارُ:** [صفت] گهوڙن کي پنڌ سيکاريندڙ سوار. گهوڙن ڦيرائڻ وارو سوار. شوقين ۽ ماهر سوار

– **چابُڪ عِنان:** [ا - مث/مذ] تکو هلندڙ گهوڙو. تکو ڪاهيندڙ سوار

– **چابُڪُ قَدَم:** [صفت] تيز رفتار. گهمڻ ۾ تکو. وڏي وک کڻندڙ

• **چاٻ:** [ا - مث] ڪچيءَ ٻاجهريءَ جو گاهه

※ [س/ٿ]

• **چاٻ ج چاٻون:** [ا - مث] چاٻو. چٻ. چهبڪو. چاڙين جي چرپر

※ چٻاڙڻ. ڪائڻ

※ جهٽڪ. چينب. دڙڪو. چڙب

※ دڙڪي. تنبيهه

※ [س/ل]

– **چاٻا ڏيڻ:** [اصطلاح] ڪاڏي جي شيءِ ڪان سواءِ خالي وات کي ڪائڻ واري چرپر ڏيڻ. وات هلائڻ (ڪاڏي وانگر)

※ بي دليو ڪائڻ

– **چاٻو ج چاٻا:** [ا - مذ] چاڙين جي چرپر (ڪاڏي ۾). چهبڪو. ڪائڻ جو آواز

※ [صفت - مذ] جيڪو هلندي ڦرندي. ڪم ڪار ڪندي. ڪجهه نه ڪجهه ڪائيندو رهي. چيونگم يا سوپاريءَ جو عادي

– **چاٻو ڪرڻ:** [اصطلاح] خالي وات هلائڻ

– **چاٻي ج چاٻيون:** [صفت - مث] اهڙي عورت. جيڪا گهر ۾ هلندي ڦرندي ڪجهه نه ڪجهه ڪائيندي رهي

– **چاٻي تي بندوق هڻڻ:** [اصطلاح] بنا سوچ ويچار جي ڪم ڪرڻ. ڏکي تي ڪم ڪرڻ

※ ڏڪو هڻڻ

• **چاٻولو ج چاٻولا:** [ا - مذ] چؤٻول. چؤٻولو. گهڻن ماڻهن جي وات جي ساڳي وائي. گهڻن ماڻهن ۾ ساڳيءَ ڳالهه جو ذڪر يا بيان

• **چاٻون/چاٻٽون:** [ا - مذ] گهڻا چاٻا ڏياريندڙ ڪاڏو (خصوصاً دندان گير حلوو وغيره). چيڙهالو

※ حلوي جو هڪ قسم

※ چٻاڙڻ. ڪائڻ

• ڇپو ج ڇپا: [ا - مذ] ڪاغذ يا ڪپڙي تي مَس يا پاڻي وغيره جو داغ
* تحرير دوران مس واري قلم جو ڪاغذ تي ٽيل داغ وغيره
* [صفت - مذ] ڇپو، گهيل
* [مث: ڇپي ج ڇپيون]

• ڇپوٽ تي وڃڻ: [اصطلاح] ڇُهڻي وڃڻ، چنبڙي وڃڻ
* گهرگهلو ٿيڻ
* [س/ڪوهر]

• ڇپوڙو ج ڇپوڙا: [ا - مذ] پراڻو ۽ ننڍڙو ڪپڙو، انگوڇو، ننڍڙو بوچڻ، ننڍڙي پوتي
* [س/ات]

• ڇپول ج ڇپولون: [ا - مث] گهوڙي جي پاچ، ٽاپي، ٽپال
* [س/ات]
* راتاهو رات وارو ڌاڙو، شبخون

• ڇپي ج ڇپيون: [ا - مث] ڇپي، اکين جي ميراڻ
* تاسري
* ڪرڏي

– ڇپيڙ: [صفت] ڇپير، ڇپڙ، جنهن جي اکين ۾ ڇپيون هجن

• ڇپيٽ ج ڇپيٽون: [ا - مث] ڌڪ، ضرب، چوٽ
* لپاٽ، چپاٽ
* گجهو ڌڪ، گهاءُ
* سيڪت، مار
* تڪليف، مصيبت
'ڇت ڇڪڻ جي ڇپيٽ، ات ساهو سير لنگهاءِ تون' (شاهه)

– ڇپيٽ ڏيڻ: [اصطلاح] چوٽ رسائڻ
* هلڪي مار ڏيڻ، سيڪت ڏيڻ
* تڪليف ڏيڻ، نقصان ڏيڻ، ڳجهيءَ طرح نقصان پهچائڻ

• ڇپيٺو ج ڇپيٺا: [ا - مذ] چمٽو
* [س/ٺ]

• ڇڄ: [ا - مث] ڏنگ، لچڻ
* عقل

• ڇچڙي: [ا - خاص] هڪ ذات جو نالو

• ڇچ: [ا - مث] خوشي

• ڇچ: [ا - خاص] قديم سنڌ جي هڪ برهمڻ راجا جو نالو (هن جو پٽ راجا ڏاهر هو جنهن کان عربن حڪومت فتح ڪئي)

• ڇچ نامو: [ا - مذ] سنڌ جي تاريخي ڪتاب 'فتحنامي' جو ٻيو نالو (جنهن ۾ راجا ڏاهر کان اڳ ۽ پوءِ وارين حالتن جو ذڪر آهي)

• ڇڇ ج ڇڇ: [صفت] ڪمزور، تمام ضعيف، هيڻو، عاجز، لاچار
* تمام مسڪين، نهايت غريب، رحم جوڳو

– ڇچ ڇيڪائڻ: [اصطلاح] مسڪين مارڻ، هيڻن کي تنگ ڪرڻ، غريبن کي ڇيڇلائڻ
* [س/ات]
'مارجن ته ميں نه ڇچ کهڙا ڇيڪائجن'

– ڇچ مارڻ: [اصطلاح] مسڪين مارڻ، غريبن تي ظلم ڪرڻ، هيڻن کي ناحق ستائڻ

• ڇچ: [صفت] چريو مست
* [س/ٺ]
* [ظرف] ٽمٽار، ڀرپور

• ڇچڙ پچڙ: [ا - مذ] ڳاڙهي ڪاڻي گهٽين شين جي ملاوٽ وارو ڪاڙهو، تيل (جيڪا درگاهن تي لنگر طور پچندي آهي)
* ڪچڪول

• ڇچرجڻ: [مصدر 'ڇچرڻ' جو فعل مجهول] ڇتجڻ، ذرا ذرا ٿيڻ
* سنهيون هوئيون ٿي وڃڻ
* زخمي ٿيڻ
* [ڇچريو، ڇچريو، ڇچريل]

– ڇچڙڻ: [مص - فعل متعدي] ذرا ذرا ڪرڻ، ٽڪر ٽڪر ڪرڻ، ڪتر ڪرڻ، ڏڏرڻ
* قيمو ڪرڻ
* ڇپڻ، ڇتڻ
* زخمي ڪرڻ، مرٽينگ ڪرڻ
* [مص] ڇچرڻ
* [امر] ڇچر

– **چَڪِرائُون:** [صفت] چَڪَر وارو، گولائيءَ وارو، ڦيري وارو

– **چَڪَرُ چَلائي ڇَڏِڻ:** [اصطلاح] مٿو ڦيرائي ڇڏڻ

* وائڙو ڪري ڇڏڻ، حيران ڪري ڇڏڻ

* اَفواهه پکيڙڻ، غلط ڳالهه هَلائي ڇڏڻ

– **چَڪَر دارُ:** [صفت] ڦيري يا وَٽَ وارو

* گول گول

– **چَڪَرُ ڏِيڻ:** [اصطلاح] گهمڻ، سير ڪرڻ

* گهمرو ڪرڻ

* ڦيرو ڏيڻ، وَڪڙ ڏيڻ

– **چَڪَرُ کائِڻ:** [اصطلاح] ڦِرڻ، گردش ڪرڻ

* چڪر ڏيڻ، ٿورو گهمي ڦِري اچڻ

– **چَڪَرُ لَڳائِڻ/ هَڻڻ:** [اصطلاح] گهمڻ، سير ڪرڻ

* هَرهَر اَچڻ، ڦِري ڦِري اَچڻ، وري وري اَچڻ

– **چَڪَرُ ڦندِڻ:** [اصطلاح] گهيرا گهمرا ڪرڻ

* [س/ڪوهه]

• **چَڪَرورتي:** [صفت] اهو راجا جنهن جو رٿ سڄيءَ دنيا تي بنا روڪ گهمي سگهي

* روءِ زمين جو حاڪم

• **چِڪَرَ:** [ا-مذ] وار

• **چِڪَرائُون:** [ا- مذ] پرت جو هِڪ قِسم

• **چَڪِرو:** [ا- خاص] ڪبوتر جو هڪ قسم

* پرت جو هڪ قسم

• **چَڪِرو ج چَڪِرا:** [ا - مذ] گول، گهيرو، چڪرُ ڪابه گول شيءِ، ڦيٿو، چاڪُ

* مانيءَ ٺَڪڻ جو ڪاٺَ جو گول ٺَڪر، ٺَڦِٽو

* [سن: چڪرم = گهيرو]

– **چَڪِرائُون:** [صفت] چڪري وارو، گول

– **چَڪِريدارُ:** [صفت] گول، گولائيءَ وارو، ڦيريدار، گولائيءَ سان

• **چَڪِري ج چَڪِريُون:** [ا-مث] ڪابه گول شيءِ، گهيرو، ننڍو چڪرو

* ٻارن جي هڪ راند جو نالو

* نارَ يا هَرلي ۾ ڪم ايندڙ هِڪَ گول ڪاٺي، ڦيري

* ويڙهه، لڙائي

* بَحث، مقابلو

– **چَڪِري/چَڪِريُون ڏيڻ/ کائڻ:** [اصطلاح] مقابلو ڪرڻ، ويڙهه ڪرڻ

* خوب بحث ڪرڻ

• **چِڪَڙِ:** [ا- مث] چِڪَ، گَپَ

• **چُڪِڙو ج چُڪِڙا:** [ا - مذ] 'چُڪو' جو اسم تصغير، ٿورڙو چُڪو، ڍُڪڙو (ڀنگ يا شرابَ جو)، سُرڪَ

– **چُڪِڙو پيئڻُ:** [اصطلاح] ڍُڪڙو پيئڻ، ڀنگ ڍُڪ پيئڻ، شراب جو ڍُڪ پيڻ، نشيدار شيءِ واپرائڻ

• **چَڪُلو ج چَڪُلا:** [ا-مذ] چَڪروُ

* گول تختو

* مانيءَ ٺاهڻ لاءِ ڪاٺَ جو گول چڪرو، ويلڻ

• **چَڪُلو ج چَڪُلا:** [بنيادي معنيٰ] ٻاهران چڪر ڏيندڙ (جتي هڪ وجي ٻيو اچي)

* [ا-مذ] فحاشيءَ جو اَڏو، لال بازار، ڪوٺو

– **چَڪُلائي:** [صفت - مذ] چڪلي وارو، چڪلي ۾ ويندڙ، حرامڪار، بدڪار، زاني، زنا ڪندڙ، ٻڙوو

• **چَڪُلِي ج چَڪُلِيُون:** [ا-مث] ڇوڪرين جي هڪ راند (ڇوڪريون هٿ هٿن سان ملائي گول چڪرو ٺاهي ڦرنديون آهن ۽ چونديون آهن: 'چڪلي ٻاپان ٻير ڳَسايان ٻيرڙ ڪنهن سهرو تهنجو منهو')

• **چِڪَمُ:** [ا - مذ] سنهي ڪپڙي تي پرت جو ڪم، چڪمدوزي، ڀهمڪ جي مڙهه

* پرت جو هڪ قسم

* [ف: چڪن]

– **چِڪَمدوز:** [صفت] پرت جو ڪم ڪندڙ زريءَ جو ڪم ڪندڙ

* سيم يا زريءَ جو پرت پريل ڪپڙو

– **چوڙ لَنگ/ لَگ:** [ا - مذ] بيماريءَ جو هڪ قسم (جيڪا چوپائي مال کي ٿئي جنهن ۾ چوپايو مال چُري پُري نه سگهندو آهي)

– **چوڙن ڦٽان موڙ:** [محاورو] چورن جي به چوري ڪندڙ، وڏو چور، ٺڳن سان به ٺڳي ڪندڙ وڏو بدمعاش، تمام سياڻو چور، چورن کان چوريءَ جو مال ڦُريندڙ

– **چوري ڄ چوريُون:** [ا -مث] بنا موڪل شيءِ کڻڻ جي حالت، لِڪي ڇپي ٻئي جي شيءِ کڻي وڃڻ جي حالت، سرقو، چورائڻ جي حالت، چوراڪاري

– **چوريٺو ڄ چوريٺا:** [صفت - مذ] چورڄو، چوراٺو

– **چوري چڪاري:** [ا - مث] چوري، چورين جي ڏمر، چوري وغيره

* [ڪنايو] بد امني

• **چُوڙ:** [صفت] بيِسَل، چورو ٿيل، ذرا ذرا ٿيل

* ڀڳَل، ٽُٽل، ڇڪنا چور

* ٿڪل

* ڪُهيل، هَڄيل

* ڀيِسيل

* مَدهوش، متوالو ورتل (نشي ۾)

* غرق، ٻَڏَل (خيالن ۾)

– **چُور ٿيڻ:** [اصطلاح] پيسجي وڃڻ، چُورو ٿيڻ، اُنو ٿيڻ

* ٿَڪجي پَوڻ، هَڄي پَوڻ

* نشي ۾ اَلوٽ ٿيڻ

– **چُوڙ چُوڙ:** [ا - مذ] ڀُڪا ڀُڪا، ذرا ذرا، پُرزا پُرزا، ڀوڙ ڀوڙ

– **چُوڙ ڪري ڇڏڻ:** [اصطلاح] ناس ڪرڻ، ڇٽ ڪرڻ، بي حال ڪري ڇڏڻ

* نشي ۾ غرق ڪري ڇڏڻ

• **چوراسُ ڄ چوراسَ:** [ا - مذ] ڪمر ٻڌي ۾ پيل چلو (جنهن ۾ تلوار جو مياڻ ٻڌل هوندو آهي)

* [صفت] چَورس، چوپاسو چئن پاسن واري شڪل (جنهن جا چارئي پاسا هڪ جيترا هجن)

– **چوراسِي:** [ا - مث] چوڪندي، چوپاسي (شڪل)

* [ظرف] چوطرف

* [ا - مث] ڳڻتي

• **چوراسِي (چورياسِي):** [صفت] هڪ عدد جو نالو (84)، اسي ۽ چارِ چارِ ايڪا اَٺ ڏهاڪا

* [سن]

– **چوراسِي پِنڊُ:** [ا -مذ] هندن جي عقيدي موجب چوراسي جوڻيون چوراسي جنمن وارو ڦيرو

• **چورا ڪورا:** [ا - مث] ڳڻتي، بيقراري، فڪر، آنڌ مانڌ، انتظار، هُرڪي هورا ڪورا

– **چورا ڪورا ٿيڻ:** [اصطلاح] خيال ٿيڻ، ڳڻتي ٿيڻ، فڪر ٿيڻ، هُرڪُر ٿيڻ، انتظار ٿيڻ

• **چورانوي:** [صفت] هڪ عدد جو نالو (94) نوي ۽ چار، چار ايڪا نو ڏهاڪا

* [سن]

• **چورائِڻُ:** [مص - فعل لازمي] چُهڻ (پاڻي)، جذب ڪرڻ

* [چورايس چوريا، چورائي، چورايُون، چورائيندس چورائيندا، چورائيندي، چورائينديُون، چورائل]

• **چورَپِٽِي:** [ا - مث] پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم

• **چورَٽ ڄ چورَٽُون:** [ا - مث] چُرچَ، چورَ حرڪت، هشي، بَرغلاءُ

* سيرڻ، سورڻ، ريڙهڻ، پري ڪرڻ، ڏِڪڻ، هٽائڻ، گِهلڻ چُرپُر ۾ آڻڻ، حَرڪت ۾ آڻڻ، تحرڪ ڏيڻ

* چيڙڻ، چيڙائڻ، چُرچ ڏيڻ، ڀڙڪائڻ، بَرغلائڻ، آهستي آهستي هلائڻ

* وڄائڻ (ساز)

• **چورَٽُ ڄ چورَٽُون:** [ا - مث] چانئٺ

• **چورَسِي ڄ چورَسِيُون:** [ا - مث] چوڪندو (جنهن جا چارئي پاسا ۽ چارئي ڪنڊون هڪ جيتريون هجن)

* [پرا: چترسو سن: چترسر]

# ڇ

• **ڇ:** [ا - مذ] سنڌي ’الف - ب‘ جو سورهون اکر

* تَلَفظ ’ڇي‘

* اَبجَدَ جي حِسابَ موجب ’ج‘ جي برابر (3)

* هِي اکر عَربِيءَ ۽ فارسِيءَ ۾ ڪونهي

* اُردو رَسم الخَط ۾ ’ج‘ ۽ ’ھ‘ کي ملائي [ڇھ]، هي اکر يعني ’ڇ‘ لکيو ويندو آهي

• **ڇا:** [ضمير اِستِفهام] سوال ڪرڻ جو لفظ، ڪهاڙو، ڪوھ، ڪهڙو

* [ف: چه]

– **ڇا بہ ٿِي پَوي:** [محاورو] جيڪي ٿيڻو هجي سو ڀَل ٿئي، هر حالت ۾، هر صورت ۾، نتيجو ڪهڙو بہ نڪري

– **ڇا تہ:** [ح - شبہ] شايد، مبادا، الائجي

* تعريف ڪرڻ جو لفظ

’ڇا تہ بهترين انسان آهي‘ (جملو)

– **ڇا ڇَٺجي:** [محاورو] تعجب ۽ عبرت جو محاورو ڪهڙي ڳالھ ڪجي، سبحان الله! ڇا بيان ڪجي

– **ڇا رَهيو:** [محاورو] ڪجھ بہ باقي نہ رهيو، ڪابہ اُميد باقي نہ رهي آهي

’تنهنجي منهن ۾ ڇا رهيو؟‘

– **ڇاڪاڻ:** [ح - جملو] ڇا لاءِ، ڇو

* ڇوجو، ڇو تہ

* دراصل، حقيقت ۾

– **ڇا مان ڇا:** [محاورو] اصل جي بلڪل خلاف، خيال جي برخلاف ٿي پوڻ

– **ڇا مان ڇا ٿِي وَيڻ:** [اصطلاح] حالت يا زماني جو بدلجي وڃڻ، حالت بلڪل بدلجي وڃڻ

* رنگ ڦري وڃڻ

* وڏو انقلاب يا ڦيرو اچي وڃڻ

– **ڇا مان ڇا سمجھڻ:** [اصطلاح] مفهوم ۽ مطلب جي بَرخلاف سمجھڻ، حقيقَتَ کي نہ سمجھڻ

– **ڇا مان ڇا ڪري وِجھڻ:** [اصطلاح] ننڍيءَ ڳالھ کي وڏائي وڏو ڪرڻ

* بگڙيل ڪم کي سنوارڻ

* ظاهري ناممڪن کي ممڪن ڪرڻ، عبرت جهڙو ڪم ڪري ڏيکارڻ

• **ڇاپ ج ڇاپون:** [ا - مث] وَهندڙ واھَ کي روڪڻ لاءِ ڏنل بَنڌ (جيڪو ککن ڪانن ۽ ڪاٺين مان ٺاهجي)، بندو، روڪ، اٽڪ، آڏ (وهندڙ پاڻيءَ کي)

* آڏار، پرجهلو

* ڪٺڪ وغيره جي تيلين مان ٿالهيءَ جي نموني ٺهيل ٽوڪري (جنهن ۾ ماني وغيره رکجي)، ڇَبي، ڏٻڪي، پِنڊي

* [س/ات]

* ٻيڙين وغيره ٻڌڻ لاءِ تماڪ رکڻ جي وڏو ڇَپو

* [س/ات]

* ننڍو پاٽي

* [س/ات]

* ويڪري جُتِي

* [س/ات]

– **ڇاپ ڏِيڻ:** [اصطلاح] وَهندڙ واھَ کي روڪڻ لاءِ بندو ڏيڻ، جهلو ڏيڻ

* سارين ۾ رونبي کان اڳ ۾ پاڻي بند ڪرڻ

– **ڇاپ مارڻ:** [اصطلاح] پاڻي ڏَڪ پِي ٿوري اُڃَ لاهڻ

* [س/ات]

– **ڇاپڻُ:** [مص - فعل متعدي] روڪڻ، بند ڪرڻ، ڇاپ ڏيڻ (پاڻيءَ کي)

* [س]

* [مص] ڇاپڻ

* [امر] ڇاپ

* [مضارع] ڇاپيان (ج) ڇاپيون، ڇاپين (ج) ڇاپيو، ڇاپي (ج) ڇاپين

– **ڇائي ڇٽو ج ڇائي ڇٽا:** [ا - مذ] گناه جو ڪم، ڏوهه، گناه، ڀڇڙي عادت

– **ڇائي ڇٽا پائڻ:** [اصطلاح] گناه جهڙا ڪم ڪرڻ، ڏوهه گناه ڪرڻ

– **ڇائي ڇٽڻ:** [اصطلاح] ڀڇڙائي ظاهر ٿيڻ

* منهن مان نحوست نمايان ھجڻ

– **ڇائي ۾ ڇيه هئڻ:** [اصطلاح] تمام نياڳو هئڻ، نياڳ جي آخري حَدَ هئڻ

• **ڇائيتاليهَہ:** [صفت] هڪ عدد جو نالو (46)، ڇهه ايڪا چار ڏهاڪا، چاليهه واڌو ڇهه

• **ڇايا:** [ا - مث] ڇانءَ، پاڇو سايو

* جِنُ ڀوت جو پاڇو آسيب، غيبات

* هڪ راڳڻيءَ جو نالو

* [سن: ڇايا؛ ف: سايہ]

– **ڇاياڻ:** [صفت] ڇانءَ وارو، سايہ دار

– **ڇايا ڀوڻ:** [اصطلاح] پاڇو ڀوَڻ

* جن جو واسو ٿيڻ

* ماٺِ لَڳڻ، خاموش ٿي وڃڻ

– **ڇايا نِيتَرُ:** [ا - مذ] سج جي پاڇي تي وقت ڏسڻ جو اوزار، سورج گھڙي

* [سن]

• **ڇايانٽ:** [ا - خاص] ديپڪ راڳ جي هڪ راڳڻيءَ جو نالو

• **ڇايان ڦايان ڪرڻ:** [اصطلاح] نبيرڻ

* نقصان وجهڻ، ضايع ڪري ڇڏڻ، بيدرديءَ سان مالَ کي هيڏي هوڏي ڪري ڇڏڻ

• **ڇَب:** [ا - مث] حسن، سونهن، خوبصورتي، سوڀيا، سُندرتا

* [سن]

– **ڇَبيلو ج ڇبيلا:** [صفت - مذ] سهڻو، حسين، خوبصورت

* ڪشادو

* [مث: ڇَبيلي ج ڇبيليُون]

• **ڇَپ:** [ا - مث] پاڻيءَ جي ڇَٽَ

* پاڻيءَ وارو ميدان، ڍورو، ريل

* نشن (نشين)

* وِهاڻي وغيره جو غلاف، ڇَوَ

* [س/ٿ]

* گهاٽي ڏاڙهي، سونهارِي

* ڪَپَ

* [س/ڪوهه]

* [صفت] گهاٽي، جَهپَ

* [لس]

– **ڇَپ ڇاڇولڻُ:** [اصطلاح] پاڻيءَ ۾ ٽاڦوڙا هڻڻ

– **ڇَپ ڇَپ:** شَپَ شَپَ، پاڻيءَ ۾ هلڻ جو آواز

– **ڇَپ مان جَهلي ڇَنبَ ڪڍڻ:** [اصطلاح] ڏاڙهيءَ مان جهلي سيڪت ڏيڻ

* [س/ڪوهه]

• **ڇپ ج ڇپُون:** [ا - مث] سواريءَ جي جانور کي بيهارڻ يا هلائڻ لاءِ لغام جي اوچتي ڇِڪ، ڇِپي

* هٿ لائڻ، ڇُهاءُ

* [س/ٿ]

* گاهه واري ابراضي، ماٿري

– **ڇپڻُ:** [مص - فعل متعدي] اوچتي ڇڪي ڏيڻ، ڇِپي ڏيڻ، لغام کي ڇپي ڏيئي گهوڙي کي روڪڻ

* ڇهڻُ (هٿ)

* دَڙڪو ڏيڻ

* [مص] ڇپڻ

* [امر] ڇپ

* [مضارع] ڇپيان (ج) ڇپيُون، ڇپين (ج) ڇپيو ڇپي (ج) ڇپين

* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا گَڏيا آهن]

* [حال] ڇپي ٿو (ج) ڇپين ٿا

* [حال مث] ڇپي ٿي (ج) ڇپين ٿيون

* [ماضي] ڇپيو (ج) ڇپيا

* [ماضي مث] ڇپي (ج) ڇپيُون

* [مستقبل] ڇپيندو (ج) ڇپيندا

* [مستقبل مث] ڇپيندي (ج) ڇپينديُون

* [اسم مفعول] ڇپيَل

* حقيقت
* خبر چار
* طريقو، طور
* [ظرف] هينئر، هن وقت، هاڻي، يڪدم
* فِي الحال، اجا، اجا تائين
* [ع]

**– حالا:** [ظرف] هاڻي، هينئر، هن وقت، موجوده وقت

**– حالانڪ:** [ظرف] حالت ڏِسي پوءِ بہ، باوجوديڪ، انهيءَ هوندي بہ

**– حالُ اَحوالُ:** [ا - مذ] خَبَر چارَ، سُڌِ سَماءُ

* ضرورت يا مقصد واري ڳالهہ
* تفصيل، پيرائتي ڳالهہ، سڀ خبرون، پورو داستان
* ڳالهہ ٻولهہ، ڪچهري

**– حالَ اَحوالَ کان نِڪرڻ:** [اصطلاح] خراب ڪرتوتن جي ڪري حالتَ چٽ ٿيڻ، بيڪار ٿيڻ

* دين دنيا کان نڪرڻ

**– حالُ اَحوال وَٺڻ:** [اصطلاح] خَبَر چارَ پڇڻ (مهمانَ کان)، اَچڻ جو سَبَب معلوم ڪرڻ

**– حال اِستمرارِي:** [ا - مذ] گرامر ۾ هڪ زمان جو نالو، اهو زمان جنهن مان خبر پوي تہ شروع ڪيل ڪم اجا هلندو اچي، يعني جنهن وقت ڳالهہ ڪجي ٿي تنهن وقت بہ ڪم جاري يا هلندڙ آهي، (هو خط لکي رهيو آهي)

**– حالَ پائي ڄ حالَ پائي:** [صفت] حال اوريندڙ، همدرد، هر حالت ۾ شامل ڏک سک ۾ همراهہ، حالَ جو واقف، حال محرم، همراز، غمخوار، گهڻگهرو، خيرخواهہ، گَهرو دوست، پڳ مٽ يارَ

**– حالَ پائي ٿيڻ:** [اصطلاح] حال محرم ٿيڻ، غمگساري ڪرڻ، همدردي ڪرڻ، غم ۽ رنج ۾ شريڪ ٿيڻ

**– حالَ تي ڇڏي ڏيڻُ:** [اصطلاح] اڪيلو ڇڏي ڏيڻ، وَڌيڪ تنگ نہ ڪرڻ

* نظر انداز ڪري ڇڏڻ (همدرديءَ طور)

**– حالَ تي روئَڻُ:** [اصطلاح] ڪنهن جي بري حالَ تي افسوس ڪرڻ، ڪنهن سان همدردي ڪرڻ

**– حالَ تي هَلَڻُ:** [اصطلاح] وِت ۽ سَگهہ آهر هلڻ، پنهنجي حيثيت ۽ لياقت مطابق هلڻ

* اڳلي جي حيثيت آهران سان نباهڻ

**– حالُ پُڇَڻُ:** [اصطلاح] خيريتَ معلوم ڪرڻ، بيمارَ جي عَيادَتَ ڪرڻ، طبيعَتَ پڇڻ

**– حال پريان نال:** [محاورو] جيڪا بہ ڪاڏي پيتي جي شيءِ موجود هجي، مهمانَ آڏو پيش ڪرڻ، تَڪلف نہ ڪرڻ

* ڪَچهريءَ ۾ جيڪو ڪجهہ ايندو هجي (ڪلام، بيت، شعر راڳ يا لطيفو وغيره)، اهو سڀني جي آڏو پيش ڪرڻ
* اَندَرَ جو احوال اورڻ
* [سرا]

**– حالَ جو نہ قالَ جو رَهَڻُ:** [اصطلاح] ڪنهن بہ ڪم جو نہ رهڻ، نڪمو ٿيڻ، بيڪار ثابت ٿيڻ

**– حالُ چالُ ڄ حالَ چالَ:** [ا - مذ] هَلَتِ چَلَتِ، رَسم رواج، رِيتِ رِيتِ، دستور، هَلِي چلي، زماني جو رخ رواج

* خَبَر چارَ، سڌِ سَماءُ
* ڳالهہ ٻولهہ، ڪچهري

**– حالُ حاضِرُ:** [ا - مذ] جيڪو موجود هجي، موجود، حاضر، هڪيو تڪيو فِي الحال

* [س/ات]

**– حالَ ڏاڳا:** [ا - مذ] فقيرن جا ڪنٺا ڪولابا، فقيراڻا ٽيڙ (رلي، گودڙي، ڪشتو لٺ، لوٽو وغيره)، فقيراڻو ويس

* [س/ات]

**– حالِ زَبُون:** [ا - مذ] بري حالَتَ، خراب ڪيفيَتَ، رَحمَ جوڳي حالتَ

**– حالِ فِي الحالِ:** [ظرف] هينئر هِن وقت، هاڻي، تڪڙو جلد

* تيستائين
* ڪجهہ حصو
* بِالفعل
* وقت لاءِ
* جيترو ٿي سگهي اوترو، ڪجهہ نہ ڪجهہ

• **حَبِسُ ج حَبِسَ:** [ا - مذ] قيد. بند. قيدخانو بنديخانو، جيل، ترمُ، ترنگ
٭ [ع: حبَس = هن قيد ڪيو]
٭ ٽيپ. سزا
٭ هوا جي بند ٿيڻ جي حالت، رڳهه، ٻوسات، مونجهه، گهٽ، اُٻس

— **حَبسِ بيجا:** [ا - مذ] ناجائز طور تي ڪنهن کي بند ڪرڻ جي حالت. ناحق روڪ، ناحق بند

— **حَبس ٿيڻ:** [اصطلاح] هوا جو بند ٿيڻ. اُٻس ٿيڻ، ساهه گهٽجڻ، گهٽ محسوس ٿيڻ

— **حَبسِ دَم:** [ا - مث] دم جو گهٽجڻ يا ساهه بند ٿيڻ جي بيماري، دم جي بيماري، Asthama
٭ جوڳين، صوفين وٽ گهڻي دير تائين دم بند ڪرڻ جو هڪ طريقو

— **حَبس دوام:** [ا - مذ] جنم ٽيپ، عمر قيد

• **حَبشُ:** [ا - خاص] آفريڪا کنڊ جو هڪ ملڪ (جنهن ۾ ڪاريءَ چمڙيءَ وارا ماڻهو گهڻا نا رهن)، سوڊان، زنجبار، شيدين جو وطن، حبشين جو ملڪ، آئيسينيا
٭ [ع: حبش = شيدي]

• **حَبشِي ج حَبشِي:** [صفت] حَبش ملڪ جو رهاڪو، ڪاريءَ چمڙيءَ وارو ماڻهو، شيدي
٭ [ا - مث: حبشڻ ج حبشڻيون]

• **حَبط:** [صفت] ضايع. ختم. ناس. برباد
٭ [ع]

— **حَبط اَعمال:** [ا - مذ] نيڪ عملن جو ثواب ضايع ٿيڻ، نيڪي برباد ٿيڻ

• **حَبلُ:** [ا - مث] رَڳ. نبض. نس
٭ رَسي، نوڙي، ٿلهو ڌاڳو
٭ [ع: حبَل - هن ٻڌو]

— **حَبلُ الوَرِيد:** [ا - مث] شاهه رڳ. گردن جي رَڳ
'حبلُ الوَرِيد کان ٻي ويجهو مقام تنهنجو' (قائل سرشاري)

• **حُبُوبُ:** [ا - مذ: 'حب جو جمع'] داڻا. ٻج
٭ [ع: حب = داڻو گولي]
٭ پاڻيءَ جا ٻوڙيا. ڦُوڪڻا. ڦوڦينڊا
٭ ڪوڙا اَفواهه. ڊونگَل، سنسني، اڏو. هور. گپ. هاواڻو، ڪوڙيون خبرون. هل. بغاغو. اٿاهه

— **حُبُوبات:** [ا - مذ] ڪوڙا افواهه. ڪوڙ بَدوڙ. ڪوڙيون خبرون

— **حُبُوباتِي ج حُبُوباتِي:** [صفت] ڪوڙا اَفواهه اُٿاريندڙ، اَجايا هَل هَلائيندڙ، افواهي، ناهه ناهيندڙ

— **حُبُوب اٿارڻ:** [اصطلاح] ڪوڙا هل اُٿارڻ، افواهَ پکيڙڻ
٭ بدنامي ڪرڻ، الزام مڙهڻ

— **حُبُوب ناهِڻُ:** [اصطلاح] ڪوڙا ناهَ ناهِڻ

• **حَبِيبُ ج حَبِيبَ:** [ا - خاص] رسول ڪريم صلي لله عليه وآله وسلم جن جي صفاتي نالن مان هڪ نالو
٭ [ا - مذ/صفت] پيارو، پيار وارو، پرين، پريتم، حب وارو، محبوب، دِل وارو. دِلدارُ. محِبُ. سڄڻ. دوست. يارُ. معشوق. محبوب
٭ [ا - عام] مرد جو هڪ نالو

— **حَبِيباڻو ج حَبِيباڻا:** [صفت] دوست وارو، دوست جو، دل گهرئي جو. پياري جو. دوستاڻو. ياراڻو
٭ [مث: حَبيباڻي ج حَبيباڻيُون]

— **حَبِيباڻِي هيجَ:** [ا - مث] محبوب جي سِڪَ يا چِڪَ
'حبيباڻي هيج، ٻسين منهن ميهار جو' (شاهه)

— **حَبِيبِ خُدا:** [ا - خاص] حضرت محمد مصطفیٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جو هڪ لقب
٭ [صفت] خدا جو پيارو

— **حَبِيبِي ج حَبِيبِي:** [صفت] حبيب جو. حبيب وارو. دوست جو. يار جو

• **حَتَرُ ج حَتَرَ:** [ا - مذ] احتياط. پاسو. پرهيز
٭ خيال. لحاظ
٭ پوءِ. ڍَبُ
٭ [س/ات/ ع: حذر جي بگڙيل صورت]

• **حَرارَتَ ج حَرارَتُون:** [ا - مث] گرمي، تَپش، حِدَتَ، ڪاڙهو، ڪوساڻ، سوزش، تابش، گرمائش، جوش، تاءُ

* تپ، هلڪو بخار
* بدن ۾ رت جي گرميءَ جو دؤرو
* غصو ڪروڌ، ڪاوڙ
* غضب
* [ع: حر = هو گرم ٿيو]

— **حَرارَتَ ٿِي پَوَڻُ:** [اصطلاح] ٿورو تَپ ٿِي پَوَڻ، بخار اچي وڃڻ، ڪڻس ٿي پَوَڻ

— **حَرارَتَ پيما:** [اصطلاح] گرمي پَد معلوم ڪرڻ وارو هڪ اوزار، ٿرماميٽر

— **حَرارَتِ دِين:** [ا - مث] مذهبي جوش، مذهبي غيرت

• **حِراسَتَ ج حِراسَتُون:** [ا - مث] سنڀال، حفاظت، نگراني، نگهباني، پهرو

* [ع: حرس = هن سنڀال ڪئي]
* قيد، قابو، بند، حوالات، گرفتاري، نظربندي
* دولاب، ٺڳي، دغا، فريب
* اٽڪل بازي، حرفت، هوشياري

— **حِراسَتَ ۾ رَهَڻُ:** [اصطلاح] حوالات ۾ رهڻ، نگهباني ۾ رهڻ، نظربند رهڻ

• **حَرام:** [صفت] حرمت وارو، عظمت وارو، وڏائيءَ وارو، پاڪ، پوتر، جنهن کي پليديءَ کان محفوظ رکيو وڃي، جنهن جو احترام واجب هجي (جيئن: مُسجدِ الحرام، مُحرمِ الحرام وغيره)

• **حَرامُ ج حَرامَ:** [ا - مذ] منع ڪيل، رد ڪيل، ممنوع، منع ٿيل

* [ع: حَرم = هن منع ڪئي]
* بي قاعدي، ناجائز، ناروا، غير مباح، اڻ رهائيندو شريعت جي خلاف
* پليت، نجس، ناپاڪ
* زنا، بدڪاري بَدپيشو، ڪَسَبُ
* [ضد: حلال]

— **حَرامُ ٿِيَڻُ:** [اصطلاح] مردارُ ٿيڻ، خراب ٿيڻ، جانور جو تڪبير سان ذبح ٿيڻ کان اڳ مري وڃڻ

* ضايع ٿي وڃڻ

— **حَرامِپائي ج حَرامِپائِيُون:** [ا - مث] حَرامزادائي، حرامزادگي، لچائي، خَرابي، شرارَتَ، شيطان گيري

— **حَرامَ جو مالُ:** [ا - مذ] مفت جو مال، ناجائز دولت، بدڪاريءَ جو ڪمايل مال، بچڙائي سان هٿ ڪيل مال

— **حَرام جِي هَڏِي پيٽَ ۾ پَوَڻُ:** [اصطلاح] مفت جو مال کائڻ، ناجائز طريقي سان هٿ ڪيل مال کائڻ، رشوت ملڻ، يتيمن جو مال کائڻ

— **حَرامُ خورُ ج حَرامُ خورَ:** [صفت] حرام کائو، حرام کائيندڙ، مردار کائيندڙ

* نمڪ حرام
* مفت خور
* ناجائز ڪمائي تي گذران ڪرڻ وارو، پرُوٽَ کائيندڙ

— **حَرامُ خوري:** [ا - مث] حَرامَ جي مالَ تي گذران، رشوت خوري

* حرامپائيءَ جو ڪم، شرارتَ، حرڪتَ
* بي قاعدگي
* نافرماني

— **حَرامِڙائي ج حَرامِڙائِيُون:** [ا - مث] لَچائي، خَرابي، بَدمعاشي

* ٺَڳي

• **حَرامِڙو ج حَرامِڙا:** [صفت] حَرامِي، بَدمعاش، حرامزادو، لُچ

* [ا - مث: حَرامِڙي ج حَرامِڙيُون]

— **حَرامزادائي:** [ا - مث] بَدمعاشي، لوفرائي، لچائي، حَرامزادگي، حرامپائي، بچڙائي، بي حيائي، نالائقي، بدفضيلتائي

* نافرماني

— **حَرامزادِگي ج حَرامزادِگِيُون:** [ا - مث] حرامزادائي، بي حيائي، ڪميڻَپ، لَچائي، شرارت، بدمعاشي، بچڙائي

● **حِسَ ج حِسُون:** [ا - مث] حواسن سان ڄاڻڻ جي طاقتَ، ڇهڻ جي طاقتَ، سهڻ جي طاقت، ڄاڻڻ جي قوت. ڪنهن اثر جي قبوليت جو جذبو،اِحساس، ڇهڻ جو حواس،اِندري

* **[ع: حس - هن محسوس ڪيو]**

* جذبو، جنبش، حرڪت

* **[جمع: حواس]**

– **حِسِ باصِره:** [ا - مث] ڏسڻ جي قوّتَ، بصارَتَ، بصِيرَتَ

– **حِسِ باطِني:** [ا - مث] دِلي احساس، ضَمِير جي حِسَ

– **حِسِ حافظ:** [ا - مث] حافظي جي قوّتَ، يادگيري جي سَگهه، يادداشتِ

– **حِسِ ظاهِري:** [ا - مث] ڏسڻ، ٻڌڻ، سنگهڻ، چکڻ ۽ ڇُهڻ جو هر هڪ ظاهريِ احساس

– **حِسِ مُشتَرڪُ:** [ا - مث] دماغن ۾ حواسن جي معلومات گڏ ڪرڻ جي طاقتَ، عقل، فَهَم، سَمجَهه، ٻروڙ

● **حِسابُ ج حِسابَ:** [ا - مذ] آنگن جو عِلم، عِلم رِياضِي، حِساب ڪتاب، آنگِي حساب (**زباني حساب، سليٽي حساب**)

* ليکو، ڳاڻيٽو، ڳڻپ، شمار

* تَخمِينو، اندازو، اٽڪل روءِ

* جاچَ، پڙتالَ

* آگهه، قِيمَتَ، مُلهه، نرخ، بَها، پئسا، ڏوڪڙَ

**’ٻاتا ڪهڙي حساب سان ملندا؟‘ (جملو)**

* **[ع: حسبَ - هن ڳڻيو - هن ليکو ڪيو]**

* قاعدو، اصول، قانون

* ڍَنگ، طور، طرحَ، نمونو

**’هتي جو حساب الاڳي ڪهڙو آهي؟‘ (جملو)**

* مِيزان، جوڙ، ٽوٽل، ڪُل

* معاملو

**’ڪهڙي منجهه حساب، هلڻ منهنجو هوتَ ري‘ (شاهه)**

* فَرق، ڦيرڦارَ

* نقص، رَنڊَڪ، خَرابِي

* حَرڪَتَ

* ڀُلَ، چُڪَ، غَلطِي

**ليکي ۾ ڪجهه حساب ٿي پيو آهي‘ (جملو)**

* بِلو، ڏيتي ليتي

* جِنّ ڀوتِ جو اَثَر، لَڳَت جي بيماري، سحر، جادو، آسيب

**’هن کي ننڍَ نہ ٿي اچي، ڀانءِ تہ حساب ٿي پيو آهي‘ (جملو)**

* بَدلو، انتقام، ٻہ ٻاٽي

– **حِسابُ بي باقُ ڪرڻُ:** [اصطلاح] حِسابُ چڪائڻ، ڏيتي ليتي صاف ڪرڻ، اڳيون پويون حساب صاف ڪرڻ، ڪجهه بہ باقي نہ ڇڏڻ

– **حِسابُ پيچڻُ:** [اصطلاح] حِسابَ جو جواب ٻڌائڻ، حِساب حَل ڪرڻ

– **حِسابُ پڇڻُ:** [اصطلاح] حسابَ حَل ڪرڻ لاءِ چوڻ

* پئسن جو تفصيل معلوم ڪرڻ

– **حِسابُ جَو جَو ڪرڻُ:** [اصطلاح] ذَري پرزي جو حساب ڪرڻ

**’بخشش سو سو حساب جَو جَو‘**

– **حِسابَ جو ڏِينهن:** [ا - مذ] يومِ حِساب، قيامَتَ جو ڏِينهن، محشر جو ڏِينهن

– **حِسابُ جوڙڻُ:** [اصطلاح] جوڙ لڳائڻ، ٽوٽَل ڪرڻ، ڪُل ڪرڻ، گڏ ڪرڻ

– **حِسابُ چڪاسَ:** [ا - مث] نڪتل حسابَ جي جانچ جونچ، چڪاسَ، ڪَٽَ ڪيل رَقَمَ جي پڙتالَ

– **حِسابِدانُ ج حِسابِدانَ:** [صفت] حِسابن جو ڄاڻو، علمِ رياضيءَ جو ماهر، رياضِي دان

* ليکي ۾ هوشيار

* ماهر، قابل

– **حِسابُ ڏِيڻُ:** [اصطلاح] ليکو ڏيڻ، وَهنوار ڏيڻ، ليکو صاف ڪرڻ لاءِ ڏيڻ

* رقم ڏيڻ

* عيوضو ڏيڻ

* ڪمَ جي جوابداري سونپڻ، چارج حوالي ڪرڻ

* جواب ڏيڻ

* لوڙڻ، نتيجو ڀوڳڻ

• **حَسَدُ ج حَسَدَ:** [ا - مذ] بَدخواهِي. بغض. مَتَ گهرائي، وروڌ، وير، دشمني، عَداوَتَ، بِيائِي

* ساڙ، پَچ، ڪامُ، ڪروڌ، زَنگ، جَلَ

* [ع: حسد - هن ساڙ ڪيو]

**— حَسَدُ رَکَڻُ:** [اصطلاح] دشمني رَکَڻ، سَڙڻ، پَچَڻ، جَلَڻ، نہ سهڻ

• **حَسرَتَ ج حَسرَتُون:** [ا - مث] ڪنهن شيءِ نہ ملڻ جو احساس، احساسِ محرومي

* پشيماني، پڇتاءُ، نَدامَتَ، شرمندگي

* اَرمان، غَمر

* اُميدَ، آرزو، تمنا

* شوق، سَڌَ، چاهہ، اُتساهہ

* هَوَس

* [ع: حسر - هن ڏڪ وساهہ ڪنيو]

**— حَسرَتَ آلُودُ:** [صفت] غَمَ وارو، غَمگِين، اَرمانَ ڀريو، وڏي اَفسوسَ وارو

**— حَسرَتَ اَنگيز:** [صفت] حَسرتَ اُڀاريندڙ، اَرمان پيدا ڪندڙ

**— حَسرَتَ باقِي رَهَڻُ:** [اصطلاح] اَرمان رَهجِي وَڃَڻ، دِل ۾ رَهجِي وڃڻ

**— حَسرَتَ ڀريو:** [صفت] اَرمانَ وارو

* شوق سان ڀَريَلُ

**— حَسرَتَ ڀريُون نِگاهُون:** [ا - مث] ڏک ۽ اَرمان سان ڀريل نگاهون

**— حَسرَتَ جُون هَنجُون هارَڻُ:** [اصطلاح] رَنجَ ۽ غَمَ جو اظهار ڪرڻ، پنهنجي قِسمَتَ کي روئڻ، ناڪاميءَ جي شڪايت ڪرڻ

**— حَسرَتَ پُوري ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] دِلِ جو اَرمان ڪڍڻ، خواهِش يا آرزو پوري ڪرڻ

**— حَسرَتَ زَده:** [صفت] غَمَ جو ماريل، ڏک سان ڀَريَلُ

• **حَسَنُ:** [صفت] سٺو، چَڱو، ڀَلو، عمدو، سهڻو، خوبصورت

* [ع: حسن - موچارو ٿيو]

* [ا - خاص] حضرت علي عليہ السلام جن جي فرزند ارجمند اِمام حسن عليہ السلام جن جو اسمِ مبارڪ (جيڪي اسلام جا امام هئا، جن جي شهادت زهر ملڻ سبب 28 صفر 47 هجريءَ ۾ 47 ورهين جي ڄمار ۾ ٿي)

**— حَسنات:** [ا - مث] نيڪيون، خوبيون، ڀلايون

* [ع]

**— حَسَنِي:** [صفت] حضرت امام حسن عليہ السلام جن جو اولاد

• **حُسنُ ج حُسنَ:** [ا - مذ] چَڱائِي، ڀَلائِي، سٺائي، خوبِي، عمدگي

* خوبصورتي، سونهن، سهڻائي، ملوڪائي، جمال، سوڀيا، جوڀن، روپ، سندرتا، دِلربائي، نزاڪتَ، زِينَت، رونق، رَنگ، سِينگار

'حسن تي توکي لاپرواهي، عشق اسان جي مجبوري' (جواد جعفري)

* [ع: حسن - هو موچارو ٿيو]

**— حُسن آرا:** [صفت] سونهن وڌائڻ وارِي، حسن جو نِکارڻ واري

**— حُسنِ اِتفاق:** [ا - مذ] ڪنهن غير متوقع سٺي عملَ يا نتيجي جو اوچتو ظاهر ٿيڻ

**— حُسنِ اَخلاقُ:** [ا - مذ] لَڇڻن جي خوبي، سَٺا لَڇڻَ

**— حُسناڪُ ج حُسناڪَ:** [صفت] حُسن وارو، سهڻو، خوبصورت، مَلُوڪ، سَندَر

'عبداللطيف چئي ڀرين اسان جو هميشہ آ حسناڪ' (شاهہ)

**— حُسنِ اِنتِظامُ:** [ا - مذ] بَندوبَست جي خوبِي، سهڻو بندوبست، معياري انتظام

**— حُسنِ بَيان:** [ا - مذ] خوش بياني، وڻندڙ ۽ اَثر وارِي تقرير

**— حُسنِ تَدبِير:** [ا - مث] سهڻي اَٽڪَل، سٺي تَدبِير، سهڻِي رِٿَ يا تجويز، سهڻي صلاحَ، عمدو مشورو

**— حُسنُ پَرَستُ:** [صفت] عاشِق مِزاج، حسن کي پسند ڪندڙ

'حُسن پرست ۽ پيار پوڄاري، دنيا ۾ استاد بخاري' (استاد بخاري)

**— حُسنِ خُلق:** [ا - مذ] نيڪ مِزاج، سٺِي طبيعَتَ، نيڪ طبيعَتَ

**— حُسنِ راءِ:** [ا - مث] نيڪ خيالي، چڱي راءِ، سٺي راءِ، سهڻي صلاحَ

- **حَق پَرَستِي:** [ا - مث] خدا جي حڪمن جي پيروي، حَق جي مڃتا، شريعَت موجب هَلَڻ
* سَچائيءَ تي هلڻ جي حالت
* اِنصاف، عدل

- **حَقُ پَسَندُ ج حَقُ پَسَندَ:** [صفت] سَچَ جو ڳولائو، سَچار
* اِنصاف پسند، عدل ڪندڙ

- **حَقُ حَقُ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] خدا جو نالو وٺڻ
* اِنصاف ڪرڻ، عَدل ڪرڻ
* صوفين جو هڪ ذڪر ڪرڻ

- **حَق حُقُوق:** [ا - مذ] سڀئي اختياريون، صحيح حق، سڀ فرض
* واسطا، لاڳاپا، ناتا
* حڪم، احڪام

- **حَق حَلال:** [صفت] جائز، رَوا، موزون، شرعي طور اجازت مليل

- **حَقِ خود آرادِيت:** [ا - مث] خودمختياريءَ جو حَق، آزادي

- **حَقدارُ ج حَقدارَ:** [صفت] حَق وارو، حَق رکندڙ، حَقي، سَچو مالڪ، اصل مالِڪ، ڌڻي، مالِڪ، قبضيدار، واسطيدار، لاڳاپيدار

- **حَقدارِي ج حَقدارِيُون:** [ا - مث] واسطيداري، حَق ذاتي حصو

- **حَق رَسِي ج حَق رَسِيُون:** [ا - مث] انصاف، عدل يا نياءُ پلئه پوڻ جي حالت، انصاف مطابق ڀاڱو

- **حَقُ شَرَعُ پاڙڻُ:** [اصطلاح] مڙس جو پنهنجي نڪاح ٻڌي زال سان همبستر ٿيڻ

- **حَقُ شُفعه:** [ا - مذ] پنهنجي گهر يا زمين جي پرواري گهر يا زمين جي خريد ڪرڻ جو سڀ کان پهريون حق
* پاڙي واري جو حق، پرواري جو حق

- **حَقُ شَناسُ ج حَقُ شَناسَ:** [صفت] خدا کي سڃاڻندڙ، حق سڃاڻندڙ
* حَق صحيح طرح ڪر آڻيندڙ ٻري ڀلي جي ڪسوٽي ڪندڙ، حق جو ڄاڻندڙ، حق بجا آڻيندڙ، عادل، منصِف، انصاف وارو
* قدردان
* شڪر گذار، اَحسانمند

- **حَقُ شُناسِي:** [ا - مث] سچ جي سڃاڻپ
* ٿورو مڃڻ، اَحسانمندي، شڪر گذاري
* قدرداني

- **حَقُ فِراموشُ:** [صفت] ٻئي جو حَق وِسارِيندڙ، ناشناس، احسان فراموش، ٿورو نه مڃيندڙ

- **حَق فِراموشِي ج حَق فِراموشِيُون:** [ا - مث] ٻئي جو حق وِسارڻ جي حالت

- **حَقُ فِروشِي ج حَقُ فِروشِيُون:** [ا - مث] بي اِيماني، رشوت وٺي نا اِنصافي ڪرڻ جي حالت، بي ديانتي

- **حَقُ ڪَرڻُ:** [اصطلاح] انصاف ڪرڻ، عَدل ڪرڻ
* شادي ڪرڻ
* وَفات ڪرڻ، مَري وڃڻ (صوفين جي اصطلاح ۾)

- **حَق کَسِڻ:** [اصطلاح] حق غصب ڪرڻ، حَق مارڻ، حقن کان محروم ڪرڻ

- **حَق گُذارُ ج حَق گُذارَ:** [صفت] اِنصاف ڪندڙ، حَق تي هلندڙ

- **حَق گو ج حَق گو:** [صفت] سَچ چوندڙ، سَچار، حق ڳالهائيندڙ

- **حَق گوئِي ج حَق گوئِيُون:** [ا - مث] سچ چوڻ جي حالت سَچ چئي ڏيڻ، سَچائي، سَچي شاهدي، سچي ڳالهه ڪرڻ، سچ ڳالهائڻ
* انصاف جو فيصلو

- **حَقُ مارَڻُ:** [اصطلاح] ڪنهن جو حق گم ڪرڻ يا غَصب ڪرڻ، نا انصافي ڪرڻ، اَنياءُ ڪرڻ

- **حَق مِهر:** [ا - مذ] زال جو پنهنجي مڙس کان مهر وصول ڪرڻ جو حَق

- **حَق ۾:** [ظرف] جي باري ۾، بابت، متعلق، جي طرف، واسطي، لاءِ
* حمايت ۾، فائدي ۾، طرفداريءَ ۾

- **حَق ۾ رَهَڻُ:** [اصطلاح] بيوهه عورت جو شادي نه ڪرڻ، بلڪ پهرئين مڙس جي حق ۾ گذارڻ

- **حَق مُبِينُ:** [ا - مذ] حَق يا سَچ، جيڪو پڌرو هجي
- **حَقُ ناحَقُ:** [ظرف] بي سبب، خواه مخواه، اَجايو، آهاني بَهاني، هَروڀَرو، آهينڍِي
- **حَقُ ناشناسُ:** [صفت] احسان فراموش، ناشڪر گذار، بي شناس
- **حَق نَمڪ:** [ا - مذ] نوڪِريءَ يا نَمڪ خواريءَ جو حَق، اُهو حَق جو مالِڪَ جو نوڪر تي هجي
  * وَفادارِي، دِيانتدارِي، خيرخواهِي
- **حَقُ وَنڻُ:** [اصطلاح] پنهنجو حصو وٺڻ، پنهنجو اُجورو وٺڻ
  * فيصلي مطابق ڇَٽيءَ جي رقَمَ ڇڪڻ
- **حَقُ وَڍِڻُ:** [اصطلاح] ورثو ڦٻائڻ، حَق غَصب ڪرڻ، حَقِي ملڪيت کَسي وَٺڻ
- **حَقُون نا حَقُون:** [ظرف] واجب غير واجب
  * هَر حالتَ ۾ اَمان گهرڻ جي حالت
  ’رَب سائين حَقون بہ رکي ناحقون بہ رکي‘ (دعائيہ جملو)
- **حَقُون ناحَقُون رَکَڻُ:** [اصطلاح] پناهَ ۾ رکڻ (بي انصافي ۽ ظلم کان)، ڪنهن سزا ملڻ کان اَمانَ گهرڻ (بي ڏوهي هجڻ جي حالت ۾ به)
- **حَقِي:** [صفت] واجبِي، سچو، حقدار
  * اِنصافَ وارو
  * مناسب، رَوا (اگهہ يا معاوضو وغيره)
  * [ظرف] سَچِيءَ طرح، صحيح نموني ۾، برابر حق، جائز نموني ۾
- **حَقِي وارِثُ ج حَقِي وارِثَ:** [صفت] شريعت موجب وارث، سَچو پَچو وارث، اولادِ، قانوني حقدار
- • **حَقابو ج حَقابا:** [ا - مذ] ڍَلَ جو هِڪ قِسم، جاگيردارن کان پوکَ لاءِ ڪم آندل پاڻيءَ جو ورتل معاوضو، پاڻيءَ جو حق
  * [ع: حَقُ + ف: آب = پاڻي = پاڻيءَ جو حق]
- • **حِقارَتَ ج حِقارَتُون:** [ا - مث] نيچائي، گهٽتائي، بُرائِي، ڌِڪارَ، نَفرَتَ، ڪِراهَتَ، بُڇان
  * ذِلَتَ، خوارِي، بي عِزتي، ڇِٽ ڦِٽ
  * [ع: حقر = هو گهٽ ٿيو]
- **حِقارَتَ جِي نَظَر سان ڏِسَڻُ:** [اصطلاح] ڪنهن کي ذليل ۽ خوار سمجهي، گهٽ توجهہ ڪرڻ، ڌِڪارڻ، نيچ ڪري سمجهڻ
- • **حُقبہ:** [ا - مذ] اَسِي (80) سالن جو عرصو
  * [ع]
- • **حَق داداڻِي:** [ا - خاص] لاشاري بلوچن جو هڪ پاڙو
- • **حُقنُو ج حُقنا:** [ا - مذ] پيٽَ صَفا ڪرڻ جي هڪ پِچڪارِي، قبضِي پِڃندڙ هڪ طِبي اوزار، مقعد کان پچڪاري ذريعي قبض ٽوڙڻ جو هڪ علاج جو نمونو
  * [ع: حقنہ > حقن = من پچڪاري هڻي]
- **حُقنُو ڪَرائِڻُ:** [اصطلاح] پِچڪارِيءَ سان پائخانو ڪرائڻ
- • **حُقو ج حُقا:** [ا - مذ] تَماڪ وِڇهي ڇِڪڻَ لاءِ هڪ قِسمَ جو (ٺڙ ڳوءِ نڙيءَ جو) مانداڻو، گُڙگُڙو، ننڍي چِلمَ، ڊِبي
  * [ع/ف: حُقہ = ننڍڙي پيتي]
- **حُقا ڀَرڻُ:** [اصطلاح] چِلمَ ٺاهي ڏيڻ
  * غلامِي ڪرڻ
  * ذَلِيل ٿي گذارڻ
- **حُقائِي ج حُقائِي:** [صفت] حُقي وارو، حُقي پيئڻ جو عادِي، حُقو ڇِڪيندڙ، حُقي پياڪ، تَماڪ پِيئندڙ، موالي، ٻانڌائِي
- **حُقو تازو ڪرڻُ:** [اصطلاح] حُقي جو پاڻي بدلائڻ، نڙ ۽ ڳوءِ تي پاڻي وجهڻ
- **حُقو ٽيڪڻُ:** [اصطلاح] حُقو ڀَري وِيهي پِيئڻ
  * ڪم ڪار نہ ڪرڻ
- **حُقو پاڻِي بَند ڪَرڻُ:** [اصطلاح] بِرادرِيءَ مان ڪڍي ڇڏڻ، سماجي وهنوار ختم ڪرڻ
  * کَرچ پاڻِي بند ڪرڻ، ٻَگهار روڪي ڇڏڻ، پاڃي ٻُڪو بَند ڪرڻ
  * تڪلِيف پهچائڻ
- **حُقو رَسائِڻُ:** [اصطلاح] حُقو تيار ڪرڻ
  * [س/ڪوھ]
- **حُقي بَردارُ ج حُقي بَردارَ:** [صفت] حُقو جهلِيندڙ، حُقو يا چِلمَ تيار ڪندڙ
  * گهٽِ دَرجي جو نوڪَر

**– حَلالُ ٿِيڻُ:** [اصطلاح] شَرِيعتَ موجب اِجازَتَ ملڻ، جائز ٿيڻ، رَوا ٿيڻ
* کائڻ جوڳو ٿيڻ
* ڪُٺَڻ، ذبح ڪرڻ (جانور)

**– حَلالُ جو:** [صفت - مذ] حَقِي، قانوني، شرعي، دراصل، واجبي، سچو، رِهندو
* صحيح طريقي سان ڪمايل روزي، جائز ڪمائي، محنت سان ڪمايل

**– حَلالُ جو هُئِڻُ:** [اصطلاح] قاعدي موجب هئڻ، حق جو هئڻ

**– حَلالُ خورُ ج حَلالُ خورَ:** [صفت] حق حلال جي ڪمائي کائيندڙ، مباح شيءِ کائيندڙ
* ايمانداريءَ سان ڪمائيندڙ، حلالي
* [ڪنايه] ڀنگِي، ٻهاريءَ وارو، ٻاليشاهي

**– حَلالُ ڪرڻُ:** [اصطلاح] شَرِيعَتَ موجب جانور کي تڪبير وجهي ڇري وهائڻ، سِير وجهڻ، ذبح ڪرڻ، تڪبير وجهي ڪهڻ
* شَرِيعَتَ موجب اِجازَت ڏيڻ

**– حَلالُ ڪري کائِڻ:** [اصطلاح] محنت ڪري کائڻ، جائز نموني سان کائڻ
* ڊيوٽِي پوريءَ طرح ادا ڪرڻ، سونپيل ڪم نهايت اِيمانداريءَ سان ڪرڻ

**– حَلالہ:** [ا - مث] اها عورت، جيڪا ٻئي ماڻهوءَ سان نڪاح ڪري ۽ ان کان طلاق ملڻ بعد واري پهرئين مڙس سان نڪاح ڪري

**– حَلالِي ج حَلالِي:** [صفت - مذ] حَلال مان پيدا ٿيل، حَقي ٻار، حق حلال جو تخم
* نيڪ، فرمانبردار، چڱيوان، فضيلت وارو
* وفادار، نيڀاهو
* حلال خور
* [ضد: حرامِي]

**– حَلالِي ٻارُ:** [صفت - مذ] جائز طريقي سان پيدا ٿيل ٻار
* صالح ٻار، مرادوند

**– حَلالِي چمڙُ:** [ا - مذ] ذبح ڪيل جانور جي کل مان تيار ڪيل چمڙ
* [صفت] وفادار، نيڀاهو

**– حَلالِي پُٽُ:** [صفت - مذ] جائز طريقي سان پيدا ٿيل ٻار
* صالح پٽ، مرادوند

**• حَلاوَتَ ج حَلاوَتُون:** [ا - مث] مٺائي، ميٺاج، مِٺاڻ، شِيريني
* پڪَل ميوي جو رَس
* لَذَتَ، مزو، ذائقو
* راحتَ، آرام، سُک، چين
* [ع]

**• حَلَب:** [ا - خاص] شام ملڪ ۾ هڪ مشهور شهر جو نالو (جيڪو قديم زماني ۾ آريبين نهڻ ڪان مشهور هو)
* [ع]

**• حَلَفُ:** [ا - مذ] قَسم، سنهن، سوڳَند، عهد، انجام، اقرار
* اعتبار، ساک، يقين، ويساهه، پَتِ
* [ع: حلف - هن قسم کنيو]

**– حَلَفاً:** [ظرف] قَسَمَ سان، ساکَ سان

**– حَلَفُ بَردارِي:** [ا - مث] ڪو اهم عهدو سنڀالڻ کان اڳ سرڪار توڙي عوامَ سان وفاداريءَ جو قسم کڻڻ واري تقريب يا رَسَمَ

**– حَلَفُ کَڻَڻُ:** [اصطلاح] قسم کڻڻ، قرآن کڻي قسم کڻڻ
* ڪو وڏو سرڪاري عهدو سنڀالڻ کان اڳ قسم کڻڻ

**– حَلَفِ مَنصَب:** [ا - مذ] ڪنهن عهدي وٺڻ وقت، ڪنهن سرڪاري آفيسر اڳيان، سرڪار سان وفاداري ۽ خيرخواهيءَ جو قَسم

**– حَلَف نامُو ج حَلَف ناما:** [ا - مذ] لکيل قسم، قسم نامو (جنهن ۾ سونپيل ذميوارين جو اندراج هوندو آهي)

**• حَلَقُ ج حَلَقَ:** [ا - مذ] ڪاڪڙو، ڪاڪڙي وارو هَنڌ، نڙي، نڙگهٽ، ڪنٺ، گهٽ، ڳاٽ
* [ع]

**– حَلَقُ بَندِ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] زبان بند ڪرڻ، وات بند ڪرڻ، ماٺ ڪرڻ
* چپ ڪرائڻ، چپ ڪرائي ڇڏڻ

# خ

• **خ:** [ا - مث] سنڌي الف - بُ جو ارڙهون حَرف، عربيءَ جو ستون، اُردوءَ جو سورهون ۽ فارسيءَ جو ناٿون اکر

⁎ اُچار: 'خائي'

⁎ ابجد جي حساب موجب عدد 600

⁎ علم هيئت ۾ اهو اکر منگل يا مريخ کي ظاهر ڪري ٿو

• **خا:** [ا - مذ] ڪنڌ يا ڪياڙيءَ جا وارَ

• **خابُ ج خاب:** [ا - مذ، 'خواب' جو عامي اُچار] ننڊ ۾ ڏٺل

⁎ نظارو، سپنو

⁎ ننڊ، انگهه، آرام

⁎ خيال، تصور

• **خابِرُو ج خابِرُو:** [ا - فاعل/صفت] خَبَر ڏيندڙ، خبر پهچائيندڙ، اطلاع ڏيندڙ، سڏ سماءُ ڏيندڙ، احوال ٻڌائيندڙ، جاڻ ڪندڙ، قاصد، پيغامبر، خبر رسانُ

⁎ جاسوس، مخبر

⁎ [ع: خبر]

• **خاتَمُ:** [اَ - مث] مُنڊيءَ جي ٽِڪَ، مُنڊي، ڇاپ لڳل مُنڊي

⁎ ٺپو، ڇاپَ، مُهر، خانگي مُهر، تڪميل جي نشاني

– **خاتَمُ بَندُ ج خاتَمُ بَندَ:** [صفت] عاج، ڪاٺيءَ يا هڏي تي اُڪَر جو ڪم ڪندڙ، جَڙاتَ جو ڪم ڪندڙ، خاتوبند

– **خاتَمُ بَندِي ج خاتَمُ بَندِيُون:** [ا - مث] عاج، ڪاٺيءَ يا هڏي تي اُڪر جو ڪم، جَڙاتَ جو ڪم

– **خاتَمِ سُليمان:** [ا - خاص] حضرت سليمان عليہ السلام جي مُنڊِي (جنهن تي اسم اعظم لکيل هو ۽ وڏيءَ برڪت واري هُئي)

• **خاتِمُ:** [صفت] پورو ڪندڙ، ختم ڪندڙ، پڇاڙي ڪندڙ، توڙ تائين رسائيندڙ

⁎ [ع: ختم - مان پورو ڪيو]

– **خاتَمُ الانبِياءِ:** [صفت] سڀني نبين جي نبوت ختم ڪندڙ، آخري پيغمبر، حضرت محمد مصطفىٰ صلي الله عليه وآله وسلم

⁎ [ا - خاص] رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جو تعظيمي خطاب

– **خاتَمُ المُرسَلِين:** [صفت] سڀني رسولن جي رسالت ختم ڪندڙ، آخري رسول

⁎ [ا - خاص] رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جو تعظيمي خطاب

– **خاتَمُ النَبِيين:** [صفت] سڀني نبين جي مهر، سڀني نبين جي نبوت کي ختم ڪندڙ، سڀني نبين کان بعد ۾ اچڻ وارو

⁎ [ا - خاص] رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جو تعظيمي خطاب

• **خاتِمو ج خاتِما:** [ا - مذ] پڇاڙي، دنگ، آخر، پڄاڻي

⁎ انجام، نتيجو، انت

⁎ آخرت، موتَ، وفات، رحلت

⁎ ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ لکيل عبارت

⁎ [ع: خاتِمة]

– **خاتِمہ بِالخير:** [ا - مذ] نيڪيءَ واري پڇاڙي، پڇاڙيءَ جو وقت ايمان جي سلامتيءَ سان گذرڻ جي دعا، مرڻ وقت شهادت جو ڪلمو نصيب ٿيڻ جي حالت، خير سان گذاري وڃڻ يا مرڻ

– **خاتِمو ٿِيڻُ:** [اصطلاح] پڇاڙي ٿيڻ، مري وڃڻ، فوت ٿيڻ، انجام کي پهچڻ، گذر ڪري وڃڻ

• **خاتُو بَندُ ج خاتُوبَندَ:** [صفت] سازگر، ساز ناهيندڙ

⁎ ڪاٺ جو سامان ناهيندڙ، واڍو، سونهڙ

⁎ عاج تي اُڪر جو ڪم ڪندڙ

⁎ آرسين جا فريم ۽ ڪبٽ ناهيندڙ

⁎ عينڪن جا ڪوڪا ناهيندڙ

⁎ [ع: خَتَم +ف: بند مهر هڻندڙ]

⁎ [ا - خاص] حيدرآباد شهر ۾ هڪ گهٽيءَ جو نالو

• **خاصِيَتَ جِ خاصِيَتُون**: [ا - مث] انفراديَتَ، جداگانگي، يگانگي
* اثر، تاثِيرُ
* وصف
* صفت، گڻ، سيرتَ
* لَڇڻ، عادَتَ، خَصلَتَ
* لياقت، هوشياري
* مزاج، طبيعت
* چڱائي، نيڪي
* [ع]

• **خاطِر**: [ا -مث] جيڪي دِل ۾ گذري، دِل، مَن، هانءَ، جگرُ، چِتُ
* [ع: خطَرَ = دل ۾ آيو]
* ڌيانُ، خيال، ويچار
* ارادو، قصد

'ڪِڪِيءَ خاطر ڌيرِيون، ڌَڻ منجهه ڌيون' (سچل)

* مرضي، خوشي
* آدر ڀاءُ، ڪيڪار، مرحبا، تعظيم
* عزت، حرمت، شانُ، مانُ
* خدمت، چاڪري، ٽهل، خاطر تواضع
* طرفداري، پاسخاطري، لحاظ، رياءُ، مروت
* [ظرف] لاءِ، واسطي، جي ڪري، ڪري، جي لاءِ، باري ۾، ڪارڻ، بابت

– **خاطِر آزارِي**: [ا -مث] رَنجِيدگي، ناراضپو
* صدمو پهچائڻ، دِلِ ڏُکائڻ

– **خاطِر آزرده**: [صفت] رنجيده، ناراض، رَنجايَل، ڏکويل، ملول
* [ف: آزرده = رنجايل]

– **خاطِر جَمَعُ**: [ا - مذ] دِل جِي تَسَلِي، دِلجاءِ، خاطِري، پَڪَ، يَقِين، دلداري، تَسڪِين، اطمينان، خاطري، ڀروسو، آسرو، اعتماد، دل جمعي

– **خاطِر جَمَعِي**: [ا -مث] اطمينان، تسلي، تسڪين

– **خاطِر خُواهُ**: [ظرف] مرضيءَ موجِب، حسب منشا، دل جي چاهت موجب، مرضيءَ سان، دلچسپيءَ سان، گهرج موجب، دل جي يقين سان، دل جمعي سان، پڪي ڀروسي سان، دل جان سان
* [صفت] موزون، ٺيڪ، مناسب

– **خاطِرداري**: [ا - مث] خاطر جمعي، دِلداري، خاطِري، پَڪَ، يَقِين، دِلجاءِ
* آدرڀاءُ، ڪينڪار، ڀليڪار
* تواضع، خدمت، مهمان نوازي، مهماني

– **خاطِر ڪرڻُ**: [اصطلاح] خدمت ڪرڻ، آدر ڀاءُ ڪرڻ
* طرفداري ڪرڻ، خوشامد ڪرڻ
* دلجوئي ڪرڻ

– **خاطِرِ مُدارات**: [ا -مث] آدر ڀاءُ، مهمان نوازي
* لحاظ لياقت، نياز نوڙت

– **خاطِر ۾ نه آڻِڻُ**: [اصطلاح] خيال ۾ ئي نه آڻڻ
* مناسِب اهميتَ نه ڏيڻ

– **خاطِر نَشِين**: [صفت] اُها ڳالهه، جيڪا ياد ٿي وڃي
* دل ۾ جاءِ ڪرڻ واري، دِلپَسند، پياري

– **خاطِرِيُون ڪرڻُ**: [اصطلاح] تمام گهڻي مرحبا ڪرڻ، تمام سٺي مهماني ڪرڻ، تمام گهڻي خدمت ڪرڻ

• **خاطِرِي**: [ا- مث] پڪ، يقين، دلجاءِ، خاطرجمعي
* دلداري، همت افزائي، ڏڍُ، تسلي، دلاسو
* خدمت، آدرڀاءُ، خوش مرحبا
* خوشِي، سک، راحت

– **خاطِرِيءَ جَهڙو**: [صفت] پسنديءَ جهڙو، دلپسند، وڻندڙ، خواهش موجب، دل گهريو، دل جاءِ جهڙو، خاطرخواهه
* يقين جهڙو اعتماد جوڳو، قابل اعتماد

– **خاطِرِيءَ سان**: [ظرف] دل سان، دل وجان سان،
* پڪَ سان، يقين سان
* لحاظ سان، مروت سان

• **خاطِفُ ج خاطِفت**: [صفت] کسيندڙ، اوچتو کسي کڻي ويندڙ

* هيءُ لفظ برق (يعني وڄ/کنوڻ) سان گهڻو ڪري استعمال ٿيندو آهي

* [ع: خطف - هن کسيو]

• **خاطُو ج خاطُو**: [صفت] خط لکندڙ

* [ع: خطّ - هن لکيو]

* خط پهچائيندڙ، پيغام رسائيندڙ، خط رسان، قاصد، ٽپالي

* اخبارن کي خبرون پهچائيندڙ، خابرو، مخبر، صحافي

• **خاطِي ج خاطِي**: [صفت] خطا ڪندڙ، خطاڪار، خطا وارو، گنهگار، ڏوهاري، پاپي

* [ع: خطي - هن ڏوهه ڪيو]

* خط پهچائيندڙ، پيغام رسائيندڙ، خط رسان، قاصد، ٽپالي

• **خاقانُ ج خَواقِين**: [ا - مذ] وڏو بادشاه، شهنشاه، سلطان

* [تر: خاخان - وڏو خان]

* [ا - خاص] چين ۽ ترڪستان جي آڳاٽي بادشاه جو لقب. (اهو لقب چنگيز خان اختيار ڪيو هو ۽ پوءِ چين جي بادشاه کي ڇوڙ لڳا پر هاڻي هر بادشاه کي سڏيو ويندو آهي)

• **خاقاني**: [ا - خاص] فارسيءَ جي هڪ وڏي قصيده گو شاعر جو تخلص

• **خاڪِ**: [ا - مث] مِٽي، لَٽَ، ڌِسڙ، ڌڌڙ، دَز، رَڄي

* ڦُلهيار، ڦُلهيس، ڇارَ، ڪيري، رَک

* زَمين، پَٽ، ڌَرتي

* بزرگن جي مزار تان آندل مٽي يا خاڪ

* [ڪنايہ] ڪجهہ بہ نہ، بلڪل نہ، ذرو بہ نہ

* [ف: خاڪ - مٽي]

– **خاڪِ آلُوده**: [صفت] مِٽيءَ سان ڀريل، مِٽيءَ ۾ لٿوڙيل، مِٽيءَ هاڻو

– **خاڪِ اُڏامڻُ**: [اصطلاح] مِٽي اُڏامڻ، ڌوڙ اُڏامڻ

* تَباهه ٿيڻ، بَرباد ٿيڻ

* رسوا ٿيڻ، مِٽي پليد ٿيڻ

* ڪجهہ بہ باقي نہ رهڻ

– **خاڪِ اُڏائِڻُ**: [اصطلاح] مِٽي اُڏائڻ

* آهہ و زاري ڪرڻ، ماتم ڪرڻ، پِٽڻ، روڄ ڪرڻ

* بَدنام ڪرڻ

* آواره ڦرڻ، ڀٽڪندو رَهڻ

– **خاڪِ بازي**: [ا - مث] مِٽيءَ سان راندِ، راندِ روندِ

* هَوَس پَرستي

* هڪٻئي تي خوشي ملهائڻ لاءِ گَپَ اُڇلڻ

– **خاڪ بَرسَر**: [ا - مث] ڌوڙ مٽي ۾ ڀيل، خَراب خوار

* [ڪِنايہ] اَهنج، ڏکيائي، مشڪلات، پريشاني، تنگي

– **خاڪِ بَرسَر هُئَڻُ**: [اصطلاح] مفلس ٿيڻ، پريشان هئڻ

– **خاڪِ بَستر**: [صفت] مَٽي ۾ ڌوڙ ڀَيل، مِٽيءَ ۾ رهندڙ، خراب حال، ڏُتڙيل

– **خاڪ بَسِيط**: [ا - مث] زمين، ڌرتي، زمين جي ساري سطح يا مٿاڇرو

* [بَسِيط - ويڪرو ڪشادو ڪليل]

– **خاڪِ تان کَڻِي آفلاڪَ تي پُهچائِڻُ**: [اصطلاح] هيٺ زمينَ تان کڻي مٿي ڪرڻ، غريب مان امير بنائڻ، گهٽ درجي مان وڏو درجو عطا ڪرڻ، تمام وڏو احسان ڪرڻ، لياقت کان مٿي رتبو ڏيڻ

– **خاڪِ تُودَه**: [ا - مذ] مِٽيءَ جو ڍِڳ، ڍِبَ، دڙو

* [ف: توده - ڍيرُ، ڍِڳُ، انبارُ]

* تير انداز لاءِ نشان چٽڻ جي جاءِ

* مِٽيءَ جو ڍيرو

* هَدَفَ، نِشانو

– **خاڪِ ٿِيَڻُ**: [اصطلاح] مِٽي ٿيڻ، نابود ٿيڻ، برباد ٿيڻ، ناس ٿيڻ، سڙي ڀسم ٿيڻ

– **خاڪِ ٿِي وَڃَڻُ**: [اصطلاح] ڇَٽ ٿِي وَڃڻ، ڳري مِٽي ٿي وڃڻ، نابود ٿي وڃڻ، ناس ٿي وڃڻ، برباد ٿي وڃڻ

– **خاڪِ پا**: [ا -مث] پيرن جي مِٽي، پرن جي خاڪِ (عاجزيءَ منجهان)

* نهايت حقير شيءِ

* [صفت] عاجز، مسڪين

– **خاڪِ جو پُتِلو**: [ا-مذ] مِٽيءَ مان ٺهيل بوتو
* [صفت] انسان، ماڻھو، آدمي

– **خاڪِ چاڻڻُ**: [اصطلاح] رُلڻ، دَربدَر ٿيڻ، خوب ڳولڻ، تلاش ڪرڻ
* برباد ٿيڻ، تباهه ٿيڻ

– **خاڪدانُ ج خاڪِدانَ**: [ا - مذ] مِٽي يا گند وغيره اُڇلڻ جو ٺانءُ
* [ڪِنايہ] دنيا

– **خاڪدانُ ڪُھُن**: [ا-مذ] ڪُھنو يا پراڻو مِٽيءَ جو ٺانءُ
* [ڪِنايہ] دنيا، هِيءَ جهانُ

– **خاڪِ روبُ ج خاڪِ روبَ**: [صفت] مِٽي ٻهاريندڙ، ٻهاريدارُ، ٻُهارو ڏيندڙ، ڀنگي، ٻاليشاهي
* [ڪنايہ] حلال خور
* سادِگي پسند، سادي مزاج وارو

– **خاڪِ زاده**: [صفت] مِٽيءَ مان جاول، مِٽيءَ جو پتلو
* انسان، ماڻھو آدمي

– **خاڪِسارُ ج خاڪِسارَ**: [صفت] خاڪ جهڙو، مِٽيءَ جهڙو، مِٽيءَ جو، مِٽيءَ وانگر
* غَريب، مسڪين، عاجز نماڻو
* حقير، عرضدار، ليلائيندڙ، نوڪر

– **خاڪِسارِي**: [ا - مث] عاجزي، نِوڙت، نياز، نِماڻائي، نهٺائي، نيازمندي
* لاچاري، مجبوري، مسڪيني حال
* هيٺاهين اختيار ڪرڻ

– **خاڪِستر**: [ا-مث] رَکَ، ڇارَ، ڦُلھيار

– **خاڪِ سِياهُ ڪَرڻُ**: [اصطلاح] ساڙي رک ڪري ڇڏڻ، ناس ڪري ڇڏڻ

– **خاڪَ شِفا**: [ا - مث] شفا ۽ تندرستي ڏيندڙ مِٽي، مڪ معظم ۽ مدينہ منوره ۽ ڪربلا معلیٰ جي خاڪ

– **خاڪِ شو**: [صفت] سونارن جي ٻٺيءَ جي مِٽي ڌوئيندڙ، ڌوڙ ڌُٺو

– **خاڪِ شورِي**: [ا -مث] مِٽيءَ جو ڪم، محنت، جسماني پورهيو، مزوري، روزگار، هٿن جي ڪمائي

– **خاڪِ شورِي ڪَرڻُ**: [اصطلاح] هاريو ڪرڻ، پوک پوکڻ
* پورهيو ڪرڻ، مزوري ڪرڻ

– **خاڪِ صِفَت**: [صفت] مِٽيءَ جهڙو، مِٽيءَ وانگر

– **خاڪِ ڪَرڻُ**: [اصطلاح] ساڙي ڀسم ڪرڻ، مِٽي ڪرڻ، رَکَ ڪرڻ
* اُجاڙڻ، تباهه ڪرڻ، برباد ڪرڻ

– **خاڪِ ڪَشُ ج خاڪِ ڪَشَ**: [صفت] ٻنين ۾ مِٽيءَ کي گڏ ڪري، ٻنن ناهڻ جو اوزار، ڪوڏر
* ڏانداري

– **خاڪِ ۾ خاڪِ ٿِيڻُ**: [اصطلاح] تمام هيٺاهين وٺڻ، ڳولن جو غلام ٿيڻ، وجود وڃائڻ، من مارڻ، فنا ٿيڻ
* سخت محنت ڪرڻ، جفاڪشي ڪرڻ

– **خاڪِ ۾ مِلائِڻُ**: [اصطلاح] مِٽيءَ ۾ مِلائڻ
* برباد ڪرڻ، تَباهه ڪرڻ، چٽ ڪرڻ، ناس ڪرڻ
* بِگاڙڻ، خراب ڪرڻ
* پائمال ڪرڻ، ذليل ۽ رسوا ڪرڻ

– **خاڪِ ۾ مِلڻُ**: [اصطلاح] تباهه ٿيڻ، برباد ٿيڻ، چٽ ٿيڻ، ناس ٿيڻ، نالو نشان مٽجي وڃڻ، مري وڃڻ

– **خاڪِ ۾ مِلِي وَڃڻُ**: [اصطلاح] مِٽيءَ ۾ دفن ٿيڻ، مري وڃڻ، ختم ٿيڻ
* رَد ٿي وڃڻ (رٿون وغيره)
* ناڪام ٿيڻ

– **خاڪِ نَشِينُ ج خاڪِ نَشِينَ**: [صفت] مِٽيءَ تي ويھندڙ، ساده مزاج، سادين عادتن وارو، مسڪين

– **خاڪِ وَسائِڻُ**: [اصطلاح] خاڪ اُڏائڻ، ڌوڙ وِجهڻ
* ڌوڙيو ڪرڻ
* ماتم ڪرڻ، واويلا ڪرڻ، پٽڻ

– **خاڪِ وَسڻُ**: [اصطلاح] مِٽي پوڻ
* واري وسڻ
* ويراني ٿيڻ، بي رونق ٿيڻ

– **خالِصي ڪَرَڻُ**: [اصطلاح] ضبط ڪرڻ، ڪَسڻُ
* ظلم ڪرڻ، ڏاڍُ ڪرڻ
* ايڪانت ۾ رهڻ، گوشہ نشيني ۾ رهڻ

• **خالِقُ**: [ا - ذات] الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو، پروردگار، خداتعاليٰ
* [صفت] پيدا ڪندڙ، ڪرتار، سرجڻهار، خَلقڻهار، خَلقيندڙ، اُپائڻهار
* [ع: خلق = هن پيدا ڪيو]

• **خالُو ج خالُو**: [ا - مذ] ماسيءَ جو مڙس، ماسڙُ
* [ا - مث] خالا

• **خالِي ج خالِي**: [صفت] اڻ پريل، ڪوڪلو، سکڻو، پالهو، پوررو
* ڪم ۾ نہ ايندڙ، بي ڪار، نِڪمو، واندو
* اڪيلو، تنها
* [ظرف] صرف، فقط، ڇڙو

– **خالِي پيلِي**: [ظرف] بناسبب، هروڀرو، بي سبب، خواهہ مخواهہ، اجايو، ناحق، بي فائدي، ري گناهہ، بنا ڏوهہ جي، هاسڪار

– **خالِي ڪرڻُ**: [اصطلاح] سکڻو ڪرڻ، ٺلهو ڪرڻ، پالهو ڪرڻ، واندو ڪرڻ
* ڇڏي وڃڻ
* برطرف ڪرڻ
* ڇوٽڪارو ڪرڻ

– **خالِي وڃڻُ**: [اصطلاح] ٺلهو وڃڻ، سکڻو وڃڻ، بيڪار وڃڻ

– **خالِي هٿين**: [ظرف] بنا ثمر جي، ٺلهين هٿين
* [صفت] سکڻو مفلس، غريب، نادار، پالهو

• **خامُ ج خامَ**: [صفت] ڪچو، اڻ پڪل، اڻ رسيل، ناپختو
* رَدي، خراب، ناقص، عيبدار، وِڏ وارو
* ناتجربيڪار، اَناڙي، نادان، ڄٽ، جاهل، نالائق، اڻ لائق، ڪلينگو
* [ف]
* ڪاٺَ جي مٿان لڳل چمڙو
* [س/ات]
* ڪچو يا اڻ رڱيل (ڪپڙو)

– **خام خو**: [ا - مث] بي وقوفي، ناداني

– **خامُ خِيالُ ج خامُ خِيالَ**: [ا - مذ] اَجايو خيال، غلط خيال، وَهَم

– **خامُ خِيالِي**: [ا - مث] ڪوڙو خيال، غلط شڪُ، وَهم، گمان

– **خامُ طَبَع**: [صفت] ڪم ذهن، ابوجهہ، موڳو، بيوقوف، منجهيل
* ناتجربہ ڪار

– **خامُ عَقلِي**: [ا - مث] بي عقلي، بي وقوفي، چريائي
* ڀُلَ، چُڪَ، غَلطِي

– **خامُ ڪارِي ج خامُ ڪارِي**: [صفت] بي هنر، اَناڙي، اَڻ آزمودگار، اَڻ واقف، ناتجربيڪار

– **خامِي ج خامِيُون**: [ا - مث] ڪَچائي، اَڻ پَڪائي، اَڻ پورائِي، ڪَمِي، ڪوتِ، گهٽتائي، نقص، وڏ، اوڻائي
* غَلطِي، ڀُلَ، چُڪَ، سَهوَ

• **خاموشُ**: [صفت] ماٺ، چُپ، ساڪت، صبر، چپ چاپ، سانتِ
* [ف]
* گهوڙي جي مٿئين چپ جي بيماريءَ جو قسم
* سارين جي ٻيجي لاءِ تيار ڪيل زمين

– **خاموشُ ڪَرائِڻُ**: [اصطلاح] ماٺِ ڪَرائڻ، صبر ڪَرائڻ، بَسِ ڪَرائڻ، چپ ڪَرائڻ

– **خاموشِي**: [ا - مث] ماٺِ، چُپ، ڇَپڙِي، چپ چاپ، گنگ ٻوڙ، سانتِ، سڪوت
* صبر

• **خانُ ج خانَ**: [ا - مذ] سردار، رَئيس، مسلمان اميرن جو هڪ لقبُ (اڳي فقط تاتارن جي بادشاهن جو لقب هو پر هاڻي هرهڪ رئيس امير يا سردار جو لقب آهي، جيئن پٺاڻ قوم جو لقب ۽ سنڌ ۾ بلوچ قوم جو لقب)
* بزرگ
* اصيل، پلو، اتم
* امير
* [مث: خانم]

— **خَبَرَ آڻَڻُ:** [اصطلاح] ڄاڻ ڪٿي اَچڻ، سراغ معلوم ڪرڻ، احوال آڻڻ، سڌ آڻڻ

* فوتيءَ جو اطلاع اچڻ

— **خَبَرَ اُڏائِڻُ:** [اصطلاح] ڪوڙي ڳالهه مشهور ڪرڻ، افواهه اُڏارڻ

— **خَبَرَ پَوَڻُ:** [اصطلاح] معلوم ٿيڻ، سُڌِ پَوَڻ، سمجهه ۾ اَچڻ، ڄاڻ پَوَڻ، واقف ٿيڻ

— **خَبَرَ پُهچائِڻُ:** [اصطلاح] اطلاع ڪرڻ، احوال ڏيڻ، نياپو ڏيڻ، آگاهي ڪرڻ

— **خَبَرَ چارَ ج خَبَرُون چارُون:** [ا - مث] حال اَحوال، سُڌِ سماءُ، سماچار، واءُ سواءُ

* بيان

— **خَبَردارُ:** [صفت] باخبر، خبر چارَ رکندڙ، ڄاڻ رکندڙ، ڄاڻُو، آگاهه

* هوشيار، سچيت، سجاڳ، ڦُڙت، چالاڪ، سريتو، چوڪس

* [ح - نِدا] تنبيهَ جو لفظ، خبردار ٿيو! هوشيار ٿيو! هيڏي ڌيان ڌريو!

* [ف]

— **خَبَردارُ ٿِيَڻُ:** [اصطلاح] واقِف ٿيَڻ، هوشيار ٿِيَڻ

— **خَبَردار خَبَردار پُڪارِڻُ:** [اصطلاح] ٻهرو ڏيڻ

* هوشيار ڪرڻ

— **خَبَردارُ رَهَڻُ:** [اصطلاح] چوڪس رهڻ، تيار رهڻ، هوشيار رهڻ، هر وقت خيال رکڻ، حذر ڪرڻ

— **خَبَردارُ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] ڄتائِڻ، ٻُڌائِڻ، هوشيار ڪرڻ

— **خَبَردارِي:** [ا - مث] خبرگيري، نگهباني، هوشياري، سجاڳي، سچيتائي، پرداخت، سنڀال، احتياط

* چالاڪِي، سياڻپ

— **خَبَرَ ڏِيَڻُ:** [اصطلاح] اطلاع ڏيڻ، آگاهه ڪرڻ، آگاهي ڏيڻ، ڄاڻ ڏيڻ، ڄتائِڻ، حال احوال ٻڌائڻ، احوال ٻڌائڻ

— **خَبَر رَسان:** [صفت] اطلاع پهچائيندڙ، خابرو، قاصد، نامبر

— **خَبَرَ رَکَڻُ:** [اصطلاح] سُڌِ رَکَڻ، واقفِيَتَ رَکَڻ، خيال رکڻ

— **خَبَر گِيرُ ج خَبَرگِيرَ:** [صفت] خبر وٺندڙ

* نگهبان، چوڪيدار

* چاري، جاسوس

— **خَبَرگِيرِي ج خَبَرگِيرِيُون:** [ا - مث] خبر وٺڻ جي حالت، سارَ سنڀال، معلومات

* خبرداري

* جاسوسي

— **خَبَرَ لَهَڻُ:** [اصطلاح] خبر وٺڻ، سارَ سنڀالَ لَهڻ

* چڱيءَ طرح سان تپاس ڪرڻ

* سيڪت ڏيڻ

— **خَبَرَ نہ هُجَڻُ:** [اصطلاح] واقفِيَتَ نہ هجڻ

* اطلاع نہ هجڻ

— **خَبَرَ وَٺَڻُ:** [اصطلاح] حال احوال وٺڻ، پڇا ڪرڻ، پڇڻ، دريافت ڪرڻ، معلومات وَٺڻ، سُڌِ سماءُ وٺڻ، واقفيت وٺڻ

* جاچَ ڪرڻ، سنڀال ڪرڻ

* ڏسڻ، نظر رَکڻ

* [مجاز] مارڻ، ڪٽڻ، سزا ڏيڻ

* بدلو وٺڻ

* مزو چکائڻ

* ٺيڪ ڪرڻ، درست ڪرڻ

— **خَبَرَ وَڃَڻُ:** [اصطلاح] اطلاع وڃڻ، نياپو وڃڻ، قاصد وڃڻ

— **خَبَرُون:** [ا - مث] اڪثر جمع ۾ استعمال ٿئي، اخبار، ٽيليويزن يا ريڊيئي وغيره مان ملندڙ ملڪي توڙي بين الاقوامي حال احوال

* [ڪنايہ] ناڪارِي نتيجا، برو انجام وغيره

'توکي هن ڪم جون ترت خبرون پونديون' (جملو)

— **خَبَرُون پِڇِيءَ تي پَوَڻُ:** [اصطلاح] دير سان نتيجو ظاهر ٿيڻ، دير ۾ سزا پوڻ

• **خَبِطُ ج خَبطَ:** [ا - مذ] عقل جو جنون سان گڏ هجڻ جي حالت، چريائي، ديوانگي، سوداءُ، مستي

* [ع]

• **خَچَرُ ج خَچَرُ:** [ا - مذ] جانور جو هڪ قسم (جيڪو نر گڏه ۽ مادي گهوڙيءَ يا مادي گڏه ۽ نر گهوڙي جي ميلاپ مان پيدا ٿئي). اُستر، ڪاڏڙ

٭ [سن: کيچر ف: آستر]

٭ [مت: خچر ج خچريون]

٭ [ا - خاص] دادو ضلعي ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو

– **خَچَرائو ج خَچَرائا:** [صفت] خچر جو، خچر جهڙو، خچر وارو

– **خَچَرپائِي:** [ا - مث] گڏه پائي، بيوقوفي، جهالت، بدتميزي، اڏنگائي

– **خَچَرخانو ج خَچَرخانا:** [ا - مذ] اُها جاءِ، جتي هميشه مانداڻ متل هجي، هل بکيڙي وارو هنڌ

– **خَچَر کَلو ج خَچَر کَلا:** [صفت] گوڙ، بکيڙو، هل، فساد، ڌمچر، ڌمچڪر، خچرخلو

– **خَچَرِي ج خَچَرِيون:** [ا - مث] مادي خَچَر

٭ [ف: استرماديہ]

• **خُدا:** [ا - ذات] الله پاڪ جو هڪ صفاتي نالو، ربّ، پروردگار، معبود، الله، خداوند

٭ [صفت] پاڻهي ايندڙ، خود ايندڙ ۽ موجود رهندڙ، واجب الوجود

٭ مالڪ، صاحب، آقا

٭ [ف: خود = پاڻ + آ > آمدن = اچڻ]

– **خُدا بَخشِيِ!:** [محاورو] خدا شل معاف ڪري! مغفرت جي هڪ دعا

– **خُداترس ج خُدا ترس:** [صفت] الله تعالىٰ ڪان ڊڄندڙ، خدا جي خوف ڪان بندن تي ڪهل ڪندڙ

٭ رَحمدل، قياس وارو، ٻاجهارو

٭ بزرگ، مؤمن

– **خُداترسِي:** [ا - مث] خدا جو خوف، الله جو ڊپ

٭ ڪهل، ٻاجهہ

٭ نيڪي، بزرگي، تقوىٰ، پرهيزگاري

– **خُدا تعالىٰ:** [ا - مذ] الله سائين سڀني ڪان بلند آهي، قادر مطلق آهي

– **خُدا تعالىٰ تي ڀاڙڻُ:** [اصطلاح] توڪل تي رهڻ، خدا تي ڀروسو ڪرڻ

– **خُدا تي ڇڏڻُ:** [اصطلاح] خدا تي ڀروسو ڪرڻ، توڪل ڪرڻ، خدا تعالىٰ جي مرضيءَ تي ڇڏي ڏيڻ، خدا تعالىٰ جي حوالي ڪرڻ

– **خُدا پَرَستُ ج خُداپَرَست:** [صفت] خدا جي بندگي ڪندڙ، عبادت ڪندڙ، عابد، موحّدُ، زاهد، پوڄاري

٭ ديانتدار، نيڪ نيت، بزرگ، حق پرست

٭ خداتعالىٰ کي يگانو ۽ لاشريڪ سمجهڻ وارو

– **خُداپَرَستِي:** [ا - مث] رڳو خدا جي عبادت، مالڪ جي پوڄا، ڌڻيءَ جي بندگي

٭ رحمدلي

٭ ديانتداري، نيڪ نيتي، بزرگي

– **خُدا جو شانُ!:** [محاورو] خدا جي قدرت! خدا جي حڪمت! (حيرت جي وقت استعمال ٿيندڙ جملو)

– **خُدا جو قَهَرُ نازِل ٿيڻُ:** [اصطلاح] آسماني آفتَ جو اچڻ، مصيبت ظاهر ٿيڻ

– **خُدا جو ڪارخانو:** [ا - مذ] دنيا جو انتظام، ساري ڪائنات جي هَلڻ چَلڻ، جڳ جو وَهنوار

– **خُدا جو گهر:** [ا - مذ] مسجد، عبادتگاهہ

٭ ڪعبة الله، بيت الله

– **خُدا جو نالو وَٺڻُ:** [اصطلاح] خدا کي ياد ڪرڻ، ذڪر ڪرڻ، نماز ادا ڪرڻ

٭ انصاف ڪرڻ، سچ ڳالهائڻ

٭ ڪنهن چڱي ڪم جي شروعات ڪرڻ

– **خُدا جي پَناهہ:** [ا - مث] خدا شل پناهہ ڏئي! مالڪ سائينءَ جو سهارو! الله شل بچائي! معاذ الله! خدا تعالىٰ شل رکي وٺي!

– **خُدا جِي قُدرَتَ:** [ا - مث] خدا جي سگهه يا طاقت. خدا تعاليٰ جي وڏائي. خدا تعاليٰ جي بزرگي (حيرت وقت استعمال ٿيندڙ محاورو)

– **خُدا جِي لَٺِ کي آواز نہ هُئَڻُ:** [اصطلاح] ڌڻي تعاليٰ جو غضب اوچتو اچي ڪڙڪڻ. ڳجهيون يا نامعلوم مصيبتون نازل ٿيڻ

– **خُدا جِي مارَ:** [ا - مث] خدا جو غَضَب. خدا جو ڏَمَرُ

– **خُدا جِي مارَ پَوَڻُ:** [اصطلاح] خدا جو غضب نازل ٿيڻ. اوچتي مصيبت اچڻ

– **خُدا جي واسِطي:** [محاورو] الله پاڪ جي راهَ ۾، خدا جي خاطر

– **خُدا جي واسِطي ڪُوئُو بہ نہ مارِڻُ:** [اصطلاح] هميشہ رڳو خود مطلبي جو ڪم ڪرڻ

– **خُدا ڄاڻي:** [هڪ ڪلمو] ڪجهه بہ نہ آهي. خدا کي خبر، مون کي ڪو پتو ڪونهي. مون کي ڪا خبر ڪانهي

– **خُدا چاهي:** [هڪ ڪلمو] اِنشاءَ اللهُ تعاليٰ. خدا جي مرضي ٿي تہ! جيڪڏهن خدا تعاليٰ گهريو تہ!

– **خُدا حافِظُ:** [دعائيہ ڪلمو] موڪلائڻ وقت دعا جو هڪ ڪلمو. خدا جي حفاظت ۾ توکي ڇڏيم. ربّ توکي بچائي. الله توهار، الوداع. في امانِ اللهِ. آسرو الله جو

– **خُدا خُدا ڪَرڻُ:** [اصطلاح] خدا جو نالو وٺڻ. عبادت ڪرڻ. ذِڪرُ ڪرڻ. الله الله ڪرڻ. توبهہ ڪرڻ. خدا جو خوف ڪرڻ. حذر ڪرڻ

'ها ڪري جي خدا خدا نہ ڪري' (احمد خان مدهوش)

– **خُدا خُدا ڪري:** [ظرف] مشڪل سان. وڏي تڪليف سان. تمام ڏکيائيءَ سان. مس مس. حيلن سان. وڏي انتظار کان پوءِ

– **خُداداد:** [صفت] خدا جو ڏنل. اِلاهي نعمت. خدا جي ذات

– **خُدارا:** [ظرف] خدا جي نالي. خدا جي واسطي. خدا ڪارڻ

– **خُدا رَسِيدِه:** [صفت] الله کي پهتل يا ويجهو. الله وارو. پرهيزگار. وَلِي. پهتل. نيڪ. درويش. بزرگ

– **خُدا رکي:** خدا تعاليٰ شل پناهہ ڏئي! ڌڻي تعاليٰ بچائي

'خدا رکي تہ ڪير چکي' (چوڻي)

– **خُدا سان ڪَمُ پَوَڻُ:** [اصطلاح] خدا تعاليٰ وٽ حِساب ڪتاب ٿيڻ. خدا تعاليٰ جي قبضہ قدرت ۾ اچڻ يعني مرڻ کان پوءِ ضرورا ن جي اڳيان حاضر ٿيڻ

* [ڪناية] پاسو ڪرڻ
* زيادتي نہ ڪرڻ
* سچ چوڻ

– **خُدا سان لَنئُون لَڳَڻُ:** [اصطلاح] خدا سان ڌيان لڳڻ. خدا ڏانهن متوجہ ٿيڻ. هر وقت خداتعاليٰ کي ياد ڪرڻ

– **خُدا سان مِلَڻُ:** [اصطلاح] فوت ٿيڻ. مري وڃڻ

– **خُدا سَمجهي:** [اصطلاح] خدا انهيءَ جو بدلو وٺي (مون کي بدلي وٺڻ جي طاقت ڪانهي)

– **خُداشُناسُ:** [صفت] خدا کي ڄاڻڻ وارو. الله وارو. معرفت وارو. الله لوڪ. بزرگ. درويش. نيڪ. پارسا. عارِفُ بِاللهِ

– **خُدا ڪري:** شل ائين ٿئي!

– **خُدا کان ڏِڄَڻُ:** [اصطلاح] خدا جو خوف ڪرڻ

* [ڪِناير] ڪوڙ نہ ڳالهائڻ
* ظلم نہ ڪرڻ

– **خُدا کي مَڃَڻُ:** [اصطلاح] خدا کي برحق سمجهڻ

– **خُدا کي يادِ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] خدا کي حاضر ناظر ڄاڻڻ. الله تعاليٰ جو ذڪر ڪرڻ. هر وقت خدا کي سوال ڪرڻ. خدا کان مدد گهرڻ. خدا جي مدد ۽ رحمت ۾ اُميدوار هجڻ

– **خُدا لَڳِي چَوَڻ:** [اصطلاح] انصاف جي ڳالهہ ڪرڻ. سچ چوڻ. ڪنهن جو پاسو نہ وٺڻ. اقربا پروري نہ ڪرڻ (فيصلي وغيره ۾)

– **خُدا نہ خواستہ:** [ظرف] خدا نہ ڪري! ائين نہ ٿئي! شل خدا ائين نہ ڪري!

– **خُدا وَٽِ وَڃَڻُ:** [اصطلاح] مرڻ. وفات ڪرڻ. انتقال ڪرڻ

'اڳي پوءِ سڀني کي خدا وٽ وڃڻو آهي' (جملو)

– **خُدا وَندُ:** [صفت] صاحب. مالڪ. آقا. آڳو. ڌڻي. سائين

* [ف: خدا + وند = جهڙو]

• **خَدِيجه:** [ا - خاص] نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي پهرين بيبي، خديجة الڪبرىٰ (جنهن بيبي سڳوريءَ رسول اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي هجرت کان ٽي سال اڳ ۾ وفات ڪئي)

• **خَدِيو:** [ا - خاص] بادشاھ، حاڪم، مالڪ، آقا
* مصر جي بادشاھ جو لقب

• **خِدمتَ:** [ا - مث] 'خِدمت' جي بگڙيل صورت

• **خَرُ ج خَرَ:** [ا - مذ] جانور جو هڪ قسم، گڏھ، ڪَرُ
* [سن: ڪس ف: خر = گڏھ]
* [صفت] بيوقوف، احمق، نادان، جاهل
* خراب ماڻهو، لُڇ، بدمعاش، حرامي، ڪريل، ڪمينو
* دشمن، رقيب
* وڏو جيئڻ: [خرسنگ = وڏو پٿر خرمگس = وڏي مک وغيره]

– **خَرِ:** [ا - مذ] گڏهن ڪي هڪلڻ جو آواز

– **خَرُ بِتِيجَڻُ:** [اصطلاح] بيوقوف ٿيڻ، بي عقل ٿيڻ

– **خَرخَر:** [ا - مذ] گڏھ ڪي هڪلڻ جو آواز
* ٻليءَ جو ننڊ ۾ آواز

– **خَردَجالُ:** [ا - مذ] دَجالَ جي سواريءَ جو گڏھ (روايت آهي ته آخر زماني ۾ 'دَجال' نالي هڪ شخص گڏھ تي سوار ٿي، ماڻهن کي گمراھ ڪرڻ لاءِ دنيا ۾ ايندو)

– **خَردماغُ ج خَردماغَ:** [صفت] بَددِماغ، ڪند ذهن، بيوقوف، جاهل
* مغرور، گهمنڊي، هٺيلو ضدي

– **خَردماغِي:** [ا - مث] بي عقلي، بد دماغي، ڪند ذهني
* هٺ، وڏائي، تڪبر

– **خَرڪار:** [صفت] گڏهن جو واپار ڪندڙ، گڏھ چاريندڙ

– **خَرمستُ ج خَرمستَ:** [صفت] ٺِلر، هوڏي، ضِدي
* ڪندذهن، ڏڏ، بي عقل، بيوقوف
* بَدمست، بي پرواھ

– **خَرمستِي:** [ا - مث] گڏھ جهڙي مستي، بدچالي، ڪلچٽائي، شرارت، بدمعاشي

– **خَرمغزُ ج خَرمغزَ:** [صفت] گڏھ جي مغز جهڙو، احمق، ڪند فهم، ڏڏ، بيوقوف
* ٺوائي، ديوانو
* فسادي، ٺِلر

• **خَرابُ ج خَرابَ:** [صفت] ڪِنو، بَڇڙو، گندو، بَد، بُرو، مَندو، عيبدار، بَدزيب، رَدي
* [ع: خربَ = هو تباھ ٿيو]
* وِيَلُ، نڪمو
* مَرمتَ جوڳو، ناڪارو، ڪَرِيل (ڪم اوزار وغيره)
* ڪوجهو
* ناپاڪ، اَپوِتر، پَليت، پَليد، قبيح
* ويران، تَباھ، بَرباد، ڦِٽل، دف، ڊٺلُ، خسته، ضايع، چٽ، ناس، اجڙ

– **خَراباتِ:** [صفت] 'خرابُ' جو جمع، خرابيون، بڇڙايُون، بدعادتون، خراب ڪم
* خراب جايون (جهڙوڪ: شراب خانو گٽو هڪلال خانو فاحش ڪاريءَ جو اڏو جوا خانو)

– **خَراباتِي ج خَراباتِي:** [صفت] شرابي، ڀنگوڙو (ڀنگ پيئڻ وارو)، نشئي، موالي
* جواري
* بدچال

– **خَرابُ ٿِيڻُ:** [اصطلاح] بڇڙو ٿيڻ، ڪِنو ٿيڻ، گندو ٿيڻ
* بَرباد ٿيڻ، اُجڙ ٿيڻ
* بگڙڻ، آواره ٿيڻ، بَدچال ٿيڻ، ڪَري پَوڻ

– **خَرابُ حالُ ج خَرابَ حالَ:** [صفت] بَڇڙيءَ حالت ۾، اَبتَرحال، پريشان حال، بَدحال

– **خَرابُ خَستہ:** [صفت] سڄو بَرباد، اُجڙيل، ناسُ، ويران
* اُداس، پريشان

– **خَزاني دارُ ج خَزاني دارَ:** [صفت] خزانچي

• **خَزانہ بَندُ:** [ا -خاص] بلوچستان ۾ بارشو وٽ هڪ جهوٽو دڙو (1913ع ۾ راءِ صاحب ديوان جميعت راءِ کي، جو رياست قلات جو بالا عملدار هو، هتان هڪڙي تصوير هٿ لڳي، جنهن تي هڪڙي هاٿيءَ جي پالڪيءَ ۽ فيل بان سميت شڪل نڪتل هئي)

• **خَزرجُ:** [ا -خاص] عربستان جي هڪ قبيلي جو نالو

※ [ع]

• **خَزِيمہ:** [ا -خاص] بلوچستان جي جهلاوان علائقي جو هڪ ڳوٺ (جتان غزنوي تاجدارن جي زماني جا ڪي سِڪا هٿ لڳا آهن)

• **خَزِينو ج خَزِينا:** [ا - مذ] خزانو

※ [ع: خزانہ]

• **خَس:** [ا - مذ] سُڪل گاهہ، ڪَک، ڪانا، گاهہ جو تيلو

※ ڏَرو

※ [ف]

– **خَس و خاشاڪ:** [ا - مذ] ڪَک ڪانا، گاهہ گند، ڪِن ڪچرو، ٻهر

※ اَجائي ڳالهہ

• **خَسارو ج خَسارا:** [ا - مذ] نقصان، گهاٽو، ٽوٽو ڇيهو زيان، ضرر

※ [ع: خسر = هن گهاٽو پاتو]

– **خَسارو پَوَڻُ:** [اصطلاح] ٽوٽو پَوَڻ، نقصان پَوَڻ، حَرج پَوَڻ، گهاٽو پوڻ

• **خَستو (خَستہ):** [صفت] ڏکويل، ستايل، رنجور، رنجايل

※ [ف: خستن = زخمي ڪرڻ]

※ عاجز، مايوس، نا اُميد

※ ٿاڪئون، پرٽو پرڪٽ

※ بيزار، ڪِڪ، خَفي، ڪاوڙايل، چيڙايل، ڏمرايل

※ هيڻو، اهرو، ڏٻرو

※ زخمي، گهايل

※ عاشق

※ بِيمار

※ مفلس، تنگدست

– **خَستائي ج خَستائِيُون:** [ا - مث] ڏک، رنج، ڳڻتي

※ ڪَپَتِ، ڪجائي

※ ڪاوڙ، ڏَمر، چڙ

※ خَرابِي

※ بِيمارِي

※ مفلسي

– **خَستِگي ج خَستِگِيُون:** [ا - مث] زخمي ٿيڻ جي حالت، گهائلي

※ دلگيري، مايوسي، رنجيدگي، اداسي، پريشاني، ڏک، ارمان، غم

※ ناراضپو

※ مُفلِسِي، تنگدستي

• **خَستُوري ج خَستُورِيُون:** [ا -مث] خوشبودار وکر جو هڪ قسم (جيڪو چيو وڃي ٿو ته هرڻ جي ڌن مان نڪري ٿو)، ڪستوري، ڪٿوري، مشڪ

• **خَستہ:** [صفت] زخمي، گهايل

※ دلگير، ڏکويل، رنجيده، رنجور

※ ٿاڪئون، پرٽو پرڪٽ

※ بَدحال، پريشان، تنگدست

※ ڪِرِيل

※ خاموش

※ بيمار

※ نادار مفلس

※ [ف: خستن = زخمي ٿيڻ - زخمي ڪرڻ]

– **خَستہ حالُ ج خَستہ حالَ:** [صفت] خراب حال، بدحال، پريشان حال

※ ڏکويل، رنجايل، پيڙيل، دل شڪستہ، ناخوش، رنجيده خاطر، آزرده دل

※ [ف: خستن = زخمي ٿيڻ، زخمي ڪرڻ]

– **خَستہ دِل:** [صفت] رَنجِيده دِل، دِل شِڪستہ، پريشان حال وارو، بري حال وارو

• **خَصلَتَ ج خَصلَتُون:** [ا - مث] عادَتَ. لَڇَڻ. سڀاءُ، ارڪان. اعمال. اخلاق، پرڪار. عِلَتَ. خوءِ. چال. سيرت. چلت. رغبت

* طبيعت. مزاج

* خاصيت. وصف. گُڻ. صفت. لياقت

* قِسم. نمونو. جنس

* [ع: خصل - هو فائق ٿيو. اڳرو ٿيو]

• **خَصَم:** [صفت] ويري. دشمن. بدخواهه. حريف. مقابل. مخالف

* [ع: خصم = هن جهڳڙو ڪيو]

* مالڪ. آقا. خاوند

* گهر وارو. مڙس. پتار. شوهَر

• **خُصُوص:** [صفت] خاص. اَهَم

* [ظرف] خاص ڪري. خاص طرح. خصوصا. تاڪيد سان

* [ع: خص = هن خاص بنايو]

– **خُصُوصاً:** [ظرف] خاص طرح. علي الخصوص. خاص ڪري، گهڻو ڪري. اُنهيءَ ڪري. اُن سبب

– **خُصُوصِيَتَ ج خُصُوصِيتُون:** [ا - مث] خاصيت. اهميَتَ. خاص گڻ. خاص صفت. خاص ڳالهه

• **خُصُومَتَ ج خُصُومَتُون:** [ا - مث] دشمني. عداوت. بدخواهي. ويرُ. وِروڌ. ڪلفت. ايرکا. بغض. ڪِينو. عڪس. خار. ڪام. حسد. ساڙ. تيسو

* جهڳڙو جهيڙو. ڏونڌو فساد

* [ع: خصم = هن جهيڙو ڪيو]

• **خَصِي:** [صفت] پيلا وَڍيل. ڪُٺ ڪيل. ڪُٺ. مخنَثُ، نامرد. ڪدڙو

* اُها عورتَ جنهن کي پِستان (ٻُبا) نہ هجن

* [ع: خَصِيَ = هن خصيا ڪڍيا]

– **خَصِي ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] ڪدڙو ڪري ڇڏڻ. نامرد ڪري ڇڏڻ

* ڪنهن ڪم جو نہ ڪرڻ. بيڪار ڪري ڇڏڻ. بي همت ڪري ڇڏڻ

– **خَصِيو ج خَصِيا:** [ا - مذ] پيلو. آنورو. ڪَپُور

• **خِضابُ ج خِضابَ:** [ا - مذ] عام طرح هڪ رنگ. خاص طرح هڪ وسمہ ميندي ۽ ٻنير مان تيار ڪيل رنگ. وارن کي ڪارو ڪرڻ جو رنگ. ڪيسُ

* [ع: خضبَ = هن وار رنگيا]

– **خِضابُ لائِڻُ:** [اصطلاح] وارَ ڪارا ڪرڻ

* ٺِڪو لائڻ. عيب لَڳائڻ. اِلزام مڙهڻ. گِلارو بنائڻ

• **خِضِر:** [صفت] رهبر. رهنما. گمراهه کي رستو ڏيکاريندڙ

* [ا - خاص] هڪ پيغمبر سڳوري جو نالو (جنهن لاءِ روايت آهي تہ هو جنهن هنڌ ويهندو هو يا هلندو هو تہ اهو هنڌ هميشہ سرسبز ۽ آباد رهندو هو. قديم خيالن مطابق هو سنڌ ۽ دريائن جو بادشاهہ ليکيو ويجي ٿو)

* هڪ نبيءَ جو نالو جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هن ظُلمات ۾ وڃي آبِ حيات پيتو هو. جنهنڪري هو قيامت تائين جيئرو رهندو

* حضرت خضر عليہ السلام (اُن جي نبوت ۾ اختلاف آهي ڪي چون ٿا تہ نبي هو پر ڪن جو خيال آهي تہ ولي هو اُن جو اصل نالو ارميا چيو وڃي ٿو)

تہ گهرجيم خواجہ خضر جي حياتي' (استاد بخاري)

• **خُضُوعُ:** [ا - مذ] عاجزي. نيزاري. نياز. نوڙت

* نَرمِي. نرم دلي. ٻاجهہ

* [ع: خضع = هن عاجزي ڪئي. هولڙو]

• **خَطُ ج خَطَ:** [ا - مذ] چِٺي. رقعو. پٽر. نامو

* لکيت. لِکت. لِکٿي. تحرير. رَسمُ الخط. صورتخطي. دَستاويز. سَنَد

* [ع: خط = هن لکيو]

– **خَطُ اَچَڻُ:** [اصطلاح] چِٺي اچڻ. ڪاغذ اچڻ. خط موصول ٿيڻ

– **خَطُ پَٽُ ج خَطَ پَٽَ:** [ا - مذ] چِٺي چپاٽي. حال احوال. سَڌ سماءُ (لکت ۾)

– **خَطُ خُطُوط:** [ا - مذ] خَط پَٽَ. چِٺيون چپاٽيون

– **خَط طُغرا:** [ا - مذ] بادشاهي فرمان جو نمونو

– **خَط ڪِتابَت:** [ا - مث] چِٺي چَپاٽِي. خط پٽ. حال احوال. سَڌِ سَماءُ

– **خَط وَڪِتابَت:** [ا - مث] خط پٽ. لکپڙهہ

– **خُفيه پوليس:** [ا - خاص] پوشيده پوليس، جاچ ڪندڙ پوليس، جاسوسي پوليس، سي، آء، ڊي (C.I.D)

• **خَفِيفُ:** [صفت] هلڪو، گهٽ، ٿورو

* [ع: خفّ = هو هلڪو ٿيو]
* رسوا، بي عزت، نيچ
* [ا - مذ] هڪ بحر يا وزن جو نالو
* [ا - خاص] سومرن جي حاڪمن مان هڪ جو نالو

• **خَلا:** [ا - مذ] خالي جاء، خالي هنڌ، خال

* [ع: خلا = هو خالي ٿيو]
* زمين ۽ آسمان جي وچ وارو خال، پور، پولار، وايو منڊل

• **خَلاصُ ج خَلاصَ:** [صفت] آزاد، ڇٽل، رها، ڇيڪ، ڇوٽ

* فارغ، واندو، آجو
* ختم، پورو، ڪٽل، ڪم آيل

– **خَلاصِي ج خَلاصِيُون:** [ا - مث] آزادي، رهائي، نجات، مڪتي، ڇوٽڪارو، موڪ، ڇڙواڳي

• **خَلاصَ پاپِڙِي:** [ا - مث] پسارڪي وکر جو هڪ قسم (ڳاڙهي، ميري، زردي ۽ اڇي رنگ جون ٽڪيون ٿين)

• **خُلاصو ج خُلاصا:** [صفت] صاف

* خالص، نج، نجو، خاص
* پنهنجو، ذاتي، شخصي
* نويڪلو، اڪيلو، علحده
* خانگي، غير سرڪاري
* هڙ، موڙي، سجوئي
* بلڪل
* پوشيدو
* بي اونو
* اختصار، تت، نچوڙ، حاصل ڪلام
* ست، جوهر، عرق
* [ع: خلص]

– **خُلاصائِي ج خُلاصائِيُون:** [ا - مث] ويڪرائي، ڪشادگي، موڪرائي، ڇوڙائي

* نويڪلائي، فراغت، اڪيلائي
* لِڪ، پوشِيدگي

– **خُلاصِڳائِي ج خُلاصِڳائِيُون:** [ا - مث] واندڪائي، خلاصائي، فرصت

* اَڪيلائي، خِلوَت

– **خُلاصو ٿِيَڻُ:** [اصطلاح] ويڪرو ٿيڻ، وڏو ٿيڻ، ڪشادو ٿيڻ

* ڍِلو ٿيڻ
* کُلڻ
* اَڪيلو ٿيڻ، نِويڪلو ٿيڻ
* پيٽان ويهڻ

– **خُلاصو ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] ويڪرو ڪرڻ، ڪشادو ڪرڻ، وڏو ڪرڻ، کولڻ، ڍِلو ڪرڻ

* اِختصار ڪرڻ، تَتُ ڪرڻ

• **خَلاصِي ج خَلاصِي:** [صفت] ناکئو ملاح

* توبخاني يا جهازتي ڪم ڪندڙ
* تنبُن جو رَکپال

• **خِلافُ ج خِلافَ:** [صفت] پٺتي هٽي بيهڻ جي حالت، برخلاف، برعڪس، اُبتڙ، ضِد

* حَريف، دشمن
* ناموافق
* مقابل، سامهون
* [ا - مذ] ڪوڙ، جوٽ، ڪوٽ
* [ع: خلف - هن مخالفت ڪئي]

– **خِلافُ بَيانِي ج خِلافُ بَيانِيُون:** [ا - مث] ڪوڙي ڳالهه، ڪوڙو بيان

* رد ۾ ڏنل بيان

– **خِلاف چَوَڻُ:** [اصطلاح] ڪوڙ ڳالهائڻ

* طبيعَتَ جي ناموافق ڳالهه ڪرڻ
* گِلا ڪرڻ، غيبَتَ ڪرڻ

– **خِلافِ دَستُورُ:** [صفت] رواج جي خلاف، قانون کان اُبتڙ، بي قاعده، بي قانون

– **خِلافِ راء:** [ا - مث] مرضيء جي خلاف ڳالهه، ڪنهن جي خيال جي اُبتڙ

– **خِلاف سَمجھڻُ**: [اصطلاح] اُبتو سمجھڻ. ڪوڙ سمجھڻ. غلط سمجھڻ

– **خِلافِ شَرَع**: [صفت] شَرِيعَتِ محمديءَ جي اُبتڙ. شريعت جي برعڪس. ناجائز

– **خِلافِ طَبَع**: [صفت] طَبِيعَتَ جي برخلاف. مزاج جي برعڪس

– **خِلافِ عَقلُ**: [صفت] عقل جي اُبتڙ. سمجھ کان ٻاهر

– **خِلافِ قِياس**: [صفت] ناممڪن. عقل جي خلاف

– **خِلافُ ڳالهائِڻُ**: [اصطلاح] اُبتڙ ڳالهائڻ. فائدي ۾ نه ڳالهائڻ

– **خِلافُ وَرزي**: [ا - مث] قاعدي جي ڀڃڪڙي. برخلاف ڪم ڪرڻ

– **خِلافِ وَضع**: [صفت] طريقي ۽ عادت جي برخلاف. رسم ۽ رواج جي اُبتڙ. عام دستور جي خلاف

– **خِلافُ هُجَڻُ**: [اصطلاح] برخلاف ٿيڻ. مخالف هجڻ. اُبتڙ هجڻ. دشمن هجڻ

• **خِلافَتَ ج خِلافَتُون**: [ا - مث] ڪنهن حڪمران جي وَفاتَ کان پوءِ اُن جي جاءِ تي ويهڻ جي حالت. نائبي. نيابت. وليعهدي. مسلمانن جي بادشاهت. مسلمان خليفي جو عهدو. نبي يا ولي جي جاءِ نشيني

– **خِلافَتِ تَحريڪ**: [ا - خاص] ترڪيءَ ۾ خلافت کي وري قائم ڪرڻ لاءِ هندستان ۾ 1920ع ۾ هلايل هلچل

– **خِلافَتِ راشِده**: [ا - خاص] حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان غني ۽ حضرت علي رضوان الله تعاليٰ عليهم جي حڪومت ۽ حڪومت جو زمانو

– **خِلافَتِي ج خِلافَتِي**: [صفت] خِلافَتَ ڪندڙ. خِلافَتَ جو. خِلافَتَ تَحريڪ ۾ بهرو وٺندڙ

• **خَلاقُ**: [ا - مذ] پيدا ڪرڻ وارو. پيدا ڪندڙ
* [ع: خَلق = هن پيدا ڪيو]

• **خَلالُ**: [ا - مذ] ٻن شين جي وچ ۾ مفاصلو
* [ع: خل = هن وِٿي ڪئي]
* ڏندن ڪوٽڻ جو اوزار
* نقهه موجب ڏاڙهيءَ جي ٻاڙن يا هٿن ۽ پيرن کي پاڻي پهچائڻ لاءِ وارن ۽ آڱرين کي جدا ڪرڻ جي حالت

– **خَلالُ ڪَرڻُ**: [اصطلاح] ڏند ڪوٽڻ
* ڏاڙهيءَ جي وارن جي ٻاڙن کي پُسائڻ لاءِ وارن کي هٿن جي آڱرين سان ڪولڻ ۽ بار بار جدا ڪرڻ

• **خُلَتُ**: [ا - مث] دوستي. ياراڻي. ياراڻو. سنگت. ياري. اخلاص. آشنائي. محبت. سچو عشق ۽ مستي
* [ع: خال = هن انکي دوست ڪري ورتو]
'دوئي ڏار ڏري، جو خلت خنجر آيو' (شاهه)

– **خُلَتِ خَنجَر**: [ا - مذ] محبت جي ترار
* [س/ل]

• **خَلجانُ**: [ا - مذ] ڏڙڪ. تردد. اَنديشو. فڪر. گھٻراهٽ. چنتا
* [ع: خلج = هن چوريو يا هلايو]

• **خَلجِي**: [ا - خاص] ترڪ نسل مان دهلِي جي بادشاهن جو هڪ گهراڻو (جنهن جو پهريون بادشاهه جلال الدين فيروز شاهه خلجي، عيسوي سنه 1281ع کان 1321ع تائين)
* هڪ ذات جو نالو
* [س/ات]

• **خَلخال**: [ا - مذ] ڳَهَه جو هڪ قِسم. پازيبَ. آواز ڪرڻ وارو ڳَهه. پيرن جا گھنگھرو
* [ع]

• **خُلدُ ج خُلدَ**: [ا - مذ] هميشگي. هميشه رهڻ جي حالت. بهشت. جنت. فردوس. سرڳُ. هميشه رهڻ واري شيءِ
* [ع: خلد = هو هميشه لاءِ رهيو]

– **خُلدُ آشِيان**: [صفت] جَنتِي. بهشتي. جنهن جو بهشت ۾ مڪان هجي
* [آشيان = آکيرو]

– **خُلدِ بَرِين**: [ا - مذ] سڀ کان اعليٰ بهشت. فردوسِ اعليٰ

– **خُلدُ مَڪاني**: [صفت] بهشتي. جنتي. خلد آشيان

• **خَلِش**: [ا - مث] چڀڪارَ. ڪنڊي جو جسم ۾ چُڀڪو
* ڪشڪش. خصومتَ. جهڳڙو
* رنڊڪ
* ڀڃڪڙي
* بي آرامي. بي قراري. هورا ڪورا
* [ف]

– **خُلُوصِ نِيَت:** [ا - مث] سچائي، نيڪ ارادو

• **خَلِيتو ج خَلِيتا:** [ا - مذ] هڪ قسم جي ڳوٿري (جنهنجو منهن ڏاڪي سان اٽين ٻيٻلڻ هجي، جيئن ان کي کولي يا بند ڪري سگهجي)، ڳوٿري، پوتڙي، ڦوتڙي. ٿيلهو

* [ع: 'خريط' = کيسو' جي بگڙيل صورت]

• **خَلِيجُ:** [ا - مذ] اُپسمنڊ، پاڻيءَ جو هڪ ڀاڱو (جنهن جي ٽن پاسن کان خشڪي ۽ چوٿين پاسي کان سمنڊ مليل هجي، جيئن: خليج بنگال، خليج فارس وغيره)، درياءُ، نهر

* [ع]

• **خَلِيفو ج خَلِيفا:** [صفت] ولي عهد، قائم مقام، جاءِ نشين (بادشاهه وغيره جو)، بدران آيل يا بدران موڪليل، عيوضي، نائب

* [ع: خَليفه > خَلَف - هو پوءِ آيو]

* الله تعالىٰ جي طرفان ملڪ جي حڪومت هلائيندڙ، خدا جو نائب، پريت ڪم ڪندڙ، مددگار، واهرو، سهايڪ

* سيد يا پير جو خاص نوڪر

* خادم، نوڪر، ٻيلي

• **خَلِيفَةُ الله:** [صفت] الله جو نائب

* [ا - خاص] حضرت آدم عليه السلام جو لقب

– **خَلِيفَةُ المُسلِمِين:** [صفت] مسلمانن جو بادشاهه يا خليفو

• **خَلِيقُ ج خَلِيقَ:** [صفت] پيدائشي نيڪ سڀاءَ وارو، خلق وارو، سهڻيءَ هَلَتِ چلت وارو، مروت وارو، لحاظي، ڪلمک، سلڇڻو، خوش مزاج، نرم دل، رحم دل، ٻاجهارو، مهربان

* [ع: خَلَق - هن پيدا ڪيو]

• **خَلِيلُ ج خَلِيلَ:** [ا - مذ] سچو دوست، مُخلِص دوست، سنگتي، ساٿي، يارُ، سڄڻ، همراهه

* [ع: خلة = دوستي]

– **خَلِيلُ الله:** [صفت] الله جو دوست

* [ا - خاص] حضرت ابراهيم عليه السلام جو لقب

• **خَلِيلُ ج خَلِيلُون:** [ا - مث] تاش راند جو هڪ قسم (جنهن ۾ رڳو ٽي ڄڻا راند ڪري سگهن ٿا)

• **خَلِيلاڻي:** [ا - خاص] بلوچن جو هڪ قبيلو

• **خَمُ ج خَمَ:** [ا - مذ] ڏِنگائي، وَنگ، ٽيڙ، آڏائي، وَر، وَڪَڙُ، موڙُ، پيچُ، وَٽ، ٻيچُ

'ٿَفسِ ڪافَرَ جي ڪاڪُلَ جا، ڏِنم خوني خَما خَم خَم' (غمدل فقير)

– **خَمِ آبرُو:** [ا - مذ] ڀِرون جي ڏِنگائي، ڀِرون جو وڪڙ/ڦير

– **خَم دارُ ج خَم دارَ:** [صفت] وَرَ وَڪڙَ وارو، وَنگ وارو، ڏِنگو، ٽيڙو، آڏو، ترڇو، پيچدارُ، پيچيدو

• **خُم:** [ا - مذ] شرابَ جو مَٽُ، دُنگ، ٻِيپ

* [ف]

– **خُم خانه:** [ا - مذ] شراب خانو، گُمٽو، شراب پيئڻ يا تيار ڪرڻ جي جاءِ، ڀَٽي

• **خُمارُ ج خُمارَ:** [ا - مذ] نَشو ڪيف، نَشي جي مَستي، نَشي جا پورَ، مَدهوشي، نشي لَهَڻ کان پوءِ سستي، پچاڙيءَ جو نشو

* ننڊ جو زور، اونگهه، گُهر، گُهر، ننڊاکڙائي، خماري، پِنڪي

* اکين جي گُرانڻ، اکين جي ڳاڙهاڻ، متوالي نظر

– **خُمارُ آلُوده ج خُمارُ آلُوده:** [صفت] نشي ۾ چور، مَخمور، مست، متوالو

– **خُمارجَڻُ:** [مصدر 'خمارڻ' مان فعل مجهول] نَشي ۾ پرَجڻ، نشو ٿيڻ، هلڪي بيهوشي طاري ٿيڻ

* ننڊ ۾ پرجڻ، گُهرجڻ

* [خُماريو خُمارِيندو خُماريل]

– **خُمارَڻ:** [مص - فعل متعدي] شَرابَ پيئارڻ، نَشئي ڪرڻ

* [فارسي مان ورتل]

* [مص] خُمارڻ

* [امر] خُمارِ

* [خُماريو خُمارِيندو خُماريل]

– **خُمارِي ج خُمارِي:** [صفت] خمارَ وارو، خمار جو، نَشئي، پِنڪيلُ

* [ا - مث] خمار، نشو، پِنڪي

• **خُماسِي ج خُماسِي:** [صفت] عِلمَ نَحو جي اصطلاح موجب پنجن اکرن وارو لفظ (جهڙوڪ: سفرجل وغيره)

* [ع: خمسة = پنج]

• خُمچو ج خُمچا: [ا - مذ] ڪاٺَ يا لوهَ جو وڏو ٿالهه (جنهن ۾ ڪاڌي جا ٿانو رکجن) ڪومچو، خوانچو
* [ف: خمچه - ڪومچو]
* [ڪنايہ] ناز نخرو، اَنگل
* [س/ڪوهہ]
– خُمچا ڪَرَڻُ: [اصطلاح] ناز نخرا ڪرڻ
* [س/ڪوهہ]

• خَمرُ ج خَمرَ: [ا - مذ] انگورن جو رَس (پچايل)، شراب، مَئي، مد
* [ع: خمرُ = شراب، نشو]
* مستي (محبت جي)، عشق
'خُمر خمار انهيءَ ۾ خاص موت اهو مسروري' (سچل)

• خُمرو ج خُمرا: [ا - مذ] نِڪَرَ جي ٿانوَ جو هڪ قسم (جيڪو گدري جي ڦاڪن وانگر ٺهيل هجي)، ٽيو
* [س/ات]

• خَمس: [صفت] پنج، پنجن جي نسبت ڏيکاريندڙ (جيئن: 'حواس خمسہ' يعني پنج حواس: ڏسڻ، سنگهڻ، چکڻ، ٻڌڻ ۽ ڇهڻ جا حواس)

• خَموشُ: [صفت] ماٺ ڪيل، چپ، سانت، خاموش
* [ف]

• خَميازه: [ا - مذ] آرس، اوٻاسي
* لِڱَ، عضوا، ڪَرَ
* [ف]
* بَدلو، عيوض
* تاواڻ
* رنج، تڪليف
* پشيماني، افسوس

• خَميده: [صفت] ڏِنگو، ڦِڏو، خم وارو، مڙيلُ، ڪبو، ڇِپو، جهڪيل
* [ف]

• خَميرُ ج خَميرَ: [ا - مذ] ڳوهيل پاروٺو اَٽو (جيڪو گهڻو وقت اڳي ڳوهي رکجي ۽ ڪنوٽي پوي)، ڪنواٽو ڳوهيل اٽو
* ڪنهن بہ ڳوهيل شيءِ جو چاڙهو پنوڙو
* ماڻهوءَ جي اصلي بناوت جو موادُ، سِرشتِي، خلقت، فطرت، پيدائش، ترڪيب
'مِٽي اُن خميرجي، اَصلان هئي اِيتري' (شاهہ)
* ملاوت، ست، جوهر، عرق
* مغز
* عطر
* دفن ڪرڻ جي جاءِ (ڪنهن مردي کي)، لحد، قبر
* مِٽي (جسم جي)
* [صفت] بالغ، رسيلُ، سامايل، پڪو، پڪلُ
* مِزاج، طبيعت، سياءُ
* [ع: خمير]

– خَميرو ج خَميرا: [ا - مذ] ڳوهيل اَٽو (جيڪو گهڻو وقت اڳ ڳوهڻ ڪري ڪنوٽي ويو هجي)
* ڪنڊ ۾ چاش ڪيل دوا (جيئن: خميرو ڳاؤزبان وغيره)

• خَميسُ ج خَميسُون: [ا - مث] هفتي جي ستن ڏينهن مان هڪ ڏينهن، هفتي جو پنجون ڏينهن ('خمس' يعني پنج جي نسبت سان)، وسپت، جمعرات، Thursday
* [ع]
* قميص مان بگڙيل شڪل، چولو، پهراڻ

• خَميصُ ج خَميصُون: [ا - مث] قَميص، چولو، پهراڻ

• خَناسُ ج خَناسَ: [ا - مذ] سرڪش ديو، شيطان رَجِيم، خَبِيث روح، بَدروح، شيطان
* وسواسن ۾ وجهندڙ، مردود، شَرِير
* [صفت] بُڇڙو، پاپي، بَدڪار، جيڪو بڇڙائيءَ جو ڏس ڏيئي پاڻ هٽي وڃي
* [ع: خنس = هو پوئتي هٽي ويو]

— **خُودبخُود:** [ظرف] پنهنجو پاڻ، ازخود، پاڻمرادو، پاڻهي، بنا چوڻ يا چورڻ جي

— **خُود بِينُ ج خُود بِينَ:** [صفت] پاڻ کي ڏسندڙ، پاڻ کي پسند ڪندڙ، وڏائي خور، پاڻ کي وڏو سمجهندڙ، خود پسند، ايماني، هٺيلو مغرور، پاڻ کي پڏائيندڙ

— **خُودبِيني:** [ا - مث] پاڻ کي ڏسڻ جي حالت، خودپسندي، مغروري، غرور، تڪبر، هٺ، وڏائي، ايماني

— **خُودثَنا:** [صفت] پنهنجي پاڻ واکاڻ ڪندڙ، پاڻ کي ساراهيندڙ، ٻٽاڪي، مغرور، پاڻ پڏائُو

— **خُودثَنائي:** [ا - مث] پاڻ ساراهڻ جي حالت، آپ وڏائي، پنهنجي ساراهه، پنهنجي تعريف

— **خُود پَرَستُ:** [صفت] پنهنجو پاڻ کي پوڄيندڙ، پنهنجي نفس جو پوڄاري، خودپسند، هٺيلو، مغرور، وڏائي ڪندڙ، ايماني، پڏڻو، ٽرڙو، ٻٽاڪي، هلڪي طبيعت وارو، خود مطلب

— **خُود پَرَستِي:** [ا - مث] پنهنجو پاڻ پوڄڻ جي حالت، خودثنائي، خود پسندي، مغروري، وڏائي، هٺ، تڪبر، خود مطلبي

— **خُود پَسَندُ:** [صفت] پاڻ کي پسند ڪندڙ، پنهنجو پاڻ وڻندڙ، پنهنجو پاڻ کي هرڪنهن کان بهتر سمجهندڙ، پنهنجي مرضي مطابق هلندڙ، خودبين، خودثنا، خودپرست

— **خُودپَسَندِي:** [ا - مث] پنهنجو پاڻ کي بهتر سمجهڻ جي حالت، خودرائي، خودبيني، خودثَنائي، خودپرستي

— **خُوددارُ ج خُوددارَ:** [صفت] پنهنجو پاڻ رکندڙ، پنهنجي آبروءَ جو پاڻ خيال رکندڙ، غيور، غيرتمند، غيرت وارو، ٻين جي اڳيان پنهنجي گهٽتائي نه ڏيکاريندڙ، ٻئي جي محتاجي نه قبوليندڙ

※ گنڀير، سنجيده

※ صابر، برُدبار

— **خُودداري:** [ا - مث] پنهنجو پاڻ کي سنڀالڻ جي حالت، پنهنجي عزت، شخصيت، مان، شان، عزتِ نفس، غيرت

※ بي پرواهي، لاغرضي

— **خُود راءِ:** [صفت] پنهنجيءَ راءِ تي هلڻ وارو، پنهنجي مرضيءَ موجب هلندڙ، خودخيال

※ هٺيلو، مغرور

— **خُود رَفتگِي ج خُود رَفتگِيُون:** [ا - مث] آپي کان ٻاهر نڪرڻ جي حالت

※ بي خودي، مدهوشي، بي خبري

— **خُود رَفته:** [صفت] آپي کان نڪتل، آپي کان ٻاهر

※ مدهوش، بي خبر، بي خود، جنهن کي پنهنجي خبر نه پوي، هوش کان ٻاهر

— **خُود رُو:** [صفت] پاڻ ئي اُڀرندڙ (جهنگلي ٻوٽا)

— **خُود ساخته:** [صفت] پنهنجو جوڙيل، ٺاهيل، هَٿ جو ٺاهيل، بڻايل

※ پنهنجي منهن ٺهيل، پنهنجو پاڻ ٺهيل

— **خُود سَر:** [صفت] سرڪش، ضدي، هٺيلو، هوڏي، خودراءِ، پنهنجي مرضيءَ موجب هلندڙ

— **خُودسَري:** [ا - مث] سرڪشي، ضديت، هٺيلائي، تڪبر، خودرائي

— **خُود غَرضُ ج خُود غَرضَ:** [صفت] پنهنجي مطلب وارو، پنهنجي غرض وارو، پنهنجي ڪم وارو، غرضائتو، مطلبي، خود مطلبي، فقط پنهنجو فائدو ڳوليندڙ، لالچي

— **خُود غَرضِي:** [ا - مث] پنهنجو ڪم، پنهنجو مطلب، پنهنجو غرض، خود مطلبي، لالچ، پنهنجو فائدو سوچڻ واري حالت

— **خُود فَراموشُ ج خُود فَراموشَ:** [صفت] پاڻ کي وساريندڙ، غافل، پاڻ وساريندڙ

— **خُود فَراموشِي:** [ا - مث] پاڻ کي وسارڻ واري حالت، غفلت

— **خُود ڪامِي:** [ا-مث] خود غرضي، خود مطلبي، فقط پنهنجي بهتري چاهڻ واري حالت

— **خود ڪشِي:** [ا - مث] پاڻ کي مارڻ جي حالت، آپگهاتِ، آتم هتيا

— **خُود ڪشِيدو ج خُود ڪشِيدا:** [صفت] پنهنجو پاڻ ڇڪيندڙ، موهيندڙ، پرڪشش

※ تمام سٺو، بهترين

**– خُود ڪُشِي ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] پنهنجو پاڻ کي مارڻ، آپگهات ڪرڻ، آتم هَتيا ڪرڻ

**– خُود مُختِيارُ ج خُود مُختيار:** [صفت] پنهنجي مَرضِيءَ تي هَلندڙ، خودخيال، خود راءِ ('مختار' عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جو سنڌيءَ ۾ لڙي 'مختيار' ٿيو آهي)، اختيار وارو، ڇڙواڳ، آزاد، پابنديءَ کان آجو، بي پرواهه، بي ڪاٺيو

* پنهنجي پيرن تي بيٺل، پاڻ پرو، روءِ سوءِ، پنهنجيءَ وارو، هوند وارو، بي احتياج

**– خُود مُختِيارِي:** [ا - مث] آزادي، خودخيالي، بي پرواهي، لاپرواهي، ڇڙواڳي

* شَخصي حڪومت

**– خُود مطلَبُ ج خُود مطلَب:** [صفت] خود غرض، رڳو پنهنجو فائدو چاهيندڙ

**– خُود مطلَبِي:** [صفت] خودغرضي، فقط پنهنجي شخصي ڀلائي چاهڻ جي حالت

**– خُود نُما ج خُود نُما:** [صفت] پنهنجو پاڻ ڏيکاريندڙ، ڏيکاڻتو، ڏيکر، ڏيکِي، ٽرڙو، هلڪڙو

* آڊمبري، ضِدِي، مغرور، هٺيلو

**– خُود نُمائِي:** [ا - مث] پنهنجي ڏيکاڻي ڏيڻ واري حالتِ، ڏيکاءُ، ڏيکٽ، ڏيکر، اڊمبري

* مغروري، شيخِي، وڏائي، ضِديتَ

**– خودِي ج خوديُون:** [ا - مث] پاڻ پڻو، آپو، خودداري، شَخصِيتَ، اَنانيت

* وَڏائِي، ڪِبريائِي

* خود مختيارِي، خودسَرِي

* خودپسندي، خودبيني، غرور، هَٺ، گهمنڊ، ايمان، ٽانءِ، تِندِ، احساس برتري

**– خُود ياوَرِي:** [ا - مث] پنهنجي مدد، پنهنجي هِمَت، پنهنجي مڙسي

**– خُوديُون وَرَندِيُون ڏِيڻُ:** [اصطلاح] سامهون ٿيڻ، اَجايا سَجايا لفظ ڪڍڻ، لحاظ نه رکڻ، ڪٿيون وَرَندِيون ڏيڻ

* [س/ات]

**• خُودُ ج خُودَ:** [ا - مذ] لَڙائِيءَ ۾ مَٿي جي بچاءَ لاءِ ڪم ايندڙ هِڪَ قِسمَ جي لوهي ٽوپي يا ٽوپ، لوهَ جو هول، مٿي جي زِرهَ، ڪَلنگِي، لوهو ٽوپلو

* [س/ات/ف]

**• خُودبافُ:** [ا - مذ] ڳل جو هِڪ قِسم

* ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم (جنهن ۾ ڳـل اُڀَيل هجن)

* [ف]

**• خُورُ:** [ا - مذ] سج، آفتاب، سورج، مهر، شَمس

* [ف: 'خورشيد' مان تخفيف ٿيل]

**• خورُ ج خورَ:** [صفت] کائيندڙ

* 'کائيندڙ' جي مفهومَ ۾ مرڪب لفظن ۾ استعمال ٿيندڙ پڇاڙي (جيئن: گوشت خور، رشوت خور، حرام خور وغيره)

* [ف: 'خوردن' منجهان امر جو صيغو]

**• خوراڪَ ج خوراڪُون:** [ا - مث] کائڻ جي شيءِ، کاڌو، کانو ماني، طعام، راشن، کاڄ، غذا، ڀوڄن، آهار

* عمدو کاڌو، مغزيات ڀيل کاڌو، طاقتور غِذا، طاقتور شيءِ، ڀوڳهڙو

* روزينہ، راتِبَ، چوڻو، رَسَدُ

* اذقو، توشو، قوت، گذران

* جانورن جو کاڌو چارو

* (ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن جو اصطلاح) هڪ وزن (دوا وغيره جو)

* [ف: خوردن = کائڻ]

**– خوراڪِي ج خوراڪِي:** [صفت] خوراڪ وارو، سٺا ۽ طاقت وارا کاڌا کائيندڙ، طاقت واريون شيون (کاڌو ۽ دوائون وغيره) کائيندڙ، سٺي کاڌي جو شوقِين

**• خوردُ:** [ا - مذ] کاڌو، ڇوڙُو، قُوتُ

**– خُوردِ بُردُ:** [ا - مذ] کائي، کپائي هَضَم ڪرڻ جي حالت (پئسا، کاڌو وغيره)، خيانتَ، بي اِيمانِي، ٺَڳِي، هَڙپ، هَضم، غبن، تَغلبَ

* بيجا کاپو، فضول خرچ، بيجا تَصرفُ (پئسن وغيره جو)

* [ف: خوردن + بردن = کائي وڃڻ]

**– خُورد بُردُ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] کائي ناس ڪرڻ، ڪنهن جا پئسا کائي وڃڻ، هضم ڪرڻ

* بي اِيماني ڪرڻ، خيانت ڪرڻ، ڪنهن سان ٺڳي ڪرڻ

* بيجا کاپو ڪرڻ

# د

• **د:** [ا - مذ] سنڌي 'الف - ب' جو اوڻيهون، عربيءَ جو اٺون ۽ فارسيءَ جو ڏهون اکر

※ ابجد موجب اُن جا عدد چار آهن

※ فارسيءَ ۽ هنديءَ ۾ ب، ت، ج، ز، س، ش، گ، ل، ن، و، ھ سان بدلجندڙ

※ اُچار: 'دال'

※ [ع:ف]

• **دا:** [ا - مذ] لفظ 'ادا' جو مخفف

• **دابُ:** [ا - مذ] نَمونو، رِيت، رواج، رَسمَ، طريقو، طور

※ [ع: داب = ادم ڪرڻ]

※ ڪم، ڪاج، ڌنڌو، چال

※ دٻاءُ، رعب، تاب، دڙڪو

※ [س/ات]

※ [صفت] جوش، ڪيفيت

※ معاملو

※ عادت

※ پَريل

※ تکو، سخت، ڏاڍو، زورائتو

• **دابت:** [ا - مذ] ريڙهيون پائيندڙ جانور، جِيت جَڻيون

※ [ع]

– **دابت الأرض:** [ا - مذ] زمين تي ريڙهيون پائيندڙ جانور

※ [ع: دابت + ارض = زمين]

• **دابشلم:** [ا - خاص] هندستان جي هڪ قديم عادل راجا جو نالو، ڪتاب 'ڪليلہ دمنہ' جو اهم ڪردار

• **دابو ج دابا:** [ا - مذ] ماتا جو نشان، داڻو

※ اَنُ، اناج

※ ڏرو

※ ٻيرُ

※ مٽيو، موهيڙو، ڦوڦينڊو، چُٽو، ڏٻو

• **داٻ ج داٻون:** [ا - مث] مٿان کان هيٺ ايندڙ زور، دَٻ، بوجهہ، بار، دَٻڪُ

※ [سن: دَرپَ]

※ ڏانوڻُ، ڏانُ

※ ڪام ڪي هيٺان ايندڙ ٽيڪ

– **داٻُ ج داٻ:** [ا - مذ] مٿان آيل زور، دَٻاءُ، زور، دَٻ

※ سختي، تنگي

※ بار، بوجهہ، وَزَن

※ دهمان، دڙڪو، تاب، ڌمڪي

※ خوف، رعب، دبدبو

※ داغ، عيب، چٽو

– **داٻائِڻُ:** [مص - فعل متعدي] دَٻائڻ، زور ڏيڻ، زور ڏيارڻ، دٻڻ

※ [مص] داٻائِڻ

※ [امر] داٻاءِ

※ [داٻايو داٻائيندو داٻايل]

– **داٻائو ج داٻائو:** [صفت] اڳئين حصي ۾ وڌيڪ بار پيل گاڏي، بار سان پريل گاڏي

– **داٻائون:** [صفت] هيٺائون، جهم وارو، لوڻ وارو

– **داٻُ دَڙڪو ج داٻ دَڙِڪا:** [ا - مذ] ڪاوڙ، دَهمان، تاب دَڙڪو

– **داٻُ ڏِيَڻُ:** [اصطلاح] مٿان زور ڏيڻ، پيچائڻ، چِپڻ

– **داٻُ رَکَڻُ:** [اصطلاح] حشمت رکڻ، زور رکڻ، رعب تاب رکڻ

– **داٻِڙ ڏوٻِڙ:** [ا - مث] دَڙڪو، تاب، هائَڙَ هوئَڙ

※ [س/ات]

– **داٻُ ويهارڻُ:** [اصطلاح] رعب ويهارڻ، حشمت ڄمائڻ

– **داٻڻُ:** [مص - فعل متعدي] ڪنهن شيءِ کي مٿان زور ڏيئي پچائڻ، زور ڏيڻ، پِيڙ ڏيڻ، پيچائڻ، سوڙهو ڪرڻ، دٻڻ، چِپڻ، پِچائڻ

※ [مص] داٻڻ

※ [امر] داٻ

※ [داٻيو داٻيندو داٻيل]

– **داٻو ج داٻا:** [ا - مذ] حشمت، رعب، ڏاڪو

• **دارُ ج دارَ:** [ا - مذ] رهڻ جو هنڌ، گهر، مڪان، جاءِ، ماڳ، مقام، خانو، جڳهه

* [ع]

'دار دنيا ڇڏي، لنگهه لڱا پرڏانهه' (گرهوڙي)

* دنيا، جهان، سنسار

— **دارُ الآخِرت:** [ا - مذ] آخرت جي جاءِ، آخرين رهڻ جي جاءِ، ٻيو جهان، دارالبقا، قيامت

* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + آخرت = آخري وقت، قيامت]

— **دارُ الآدَب:** [ا - مذ] سکڻ جي جاءِ، علم جي جاءِ، علم ادب جو مرڪز

* يونيورسٽي، دَرسگاهه، اِسڪول، مڪتب

* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + اَدَب = تهذيب، شائستگي]

— **دارُ الارشادِ:** [ا - مذ] حڪم جو گهر، فرمان ملڻ جي جاءِ، حڪم جاري ٿيڻ جي جاءِ

* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + اِرشاد = حڪم، فرمان]

— **دارُ الاسلام:** [ا - مذ] اسلامي مملڪت، اسلامي حڪومت، اِسلامي راڄ

* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + اسلام]

— **دارُ الاقامہ:** [ا - مذ] رهڻ جي جاءِ، بورڊنگ هائوس، هاسٽل

* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + اَقامہ = قيام، سڪونت]

— **دارُالامارت:** [ا - مذ] تخت گاهه، ڪنهن بادشاهه يا امير جي رَهڻ جي جاءِ

* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + اَمارَت = سرداري، حڪومت]

— **دارُ الآمان:** [ا - مذ] سلامتيءَ جي جاءِ (جتي لڙائي يا فساد نہ هجي)

* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + اَمان = اَمن، پناهه، حفاظت]

— **دارُالاَمن:** [ا - مذ] امن جو گهر جيئن سُک ۽ آرام سان گذارڻ، سلامتيءَ وارو هنڌ

* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + اَمن]

* امن وارو ملڪ (جتي مذهب، نسل، فرقي يا ذاتِ پاتِ تي ڪا پابندي نہ هجي، جتي ذهني آسودگي هجي)

— **دارُالبقا:** [ا - مذ] قائم رهندڙ گهر، هميشگيءَ وارو هنڌ، عالم بالا، ٻيو جهان، هوءَ دنيا، اڳيون جهان، پرلوڪ

* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + بقا = دوام، هميشگي]

— **دارُالبَوارِ:** [ا - مذ] تباهيءَ جي جاءِ، موتَ جو گهر يعني دوزخ

* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + بَوار = بلائن جوجمع]

— **دارُ التشخِيص:** [ا - مذ] شفاخانو، اسپتال، مطب، جتي علاج ڪيو وڃي

* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + تشخِيص = جانچ، ٿپاس]

— **دارُالجَزاء:** [ا - مذ] بدلي جو گهر، عالمِ آخرت، نيڪ عملن جو بدلو ملڻ واري جاءِ يعني جنت

* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + جَزا = نيڪ عملن جو بدلو]

— **دارُالحَربِ:** [ا - مذ] لڙائيءَ جو گهر، جنگ جو هنڌ، اهڙو گهر جتي لڙائي ٿيندي هجي

* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + حَرب = جنگ، لڙائي]

* اُها جاءِ جتي مذهبي فرض ادا ڪرڻ ڏوهه هجي

— **دارُالحُڪومت:** [ا - مذ] گاديءَ جو هنڌ، تخت گاهه، حڪومت جو مرڪز، راڄڌاني، صدر مقامُ، دارالسلطَنت

* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + حڪومت]

— **دارالخِلافہ:** [ا - مذ] گاديءَ جو هنڌ، تختگاهه، راڄڌاني، دارالحڪومت

* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + خلافہ = حڪومت]

— **دارُالسُرُور:** [ا - مذ] خوشيءَ جو گهر، بهشت، جنت

* مدهوش ٿيڻ واري جاءِ، مئہ خانو

* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + سُرور = فَرحَت]

— **دارُالسَلام:** [ا - مذ] صلح جي جاءِ، سلامتيءَ جو گهر، بهشت، جنت

* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + سَلام = سلامتي، اَمن]

— **دارُالسلطَنت:** [ا - مذ] گاديءَ جو هنڌ، تخت گاهه، راڄڌاني

* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + سَلطنت]

— **دارُالشرع:** [ا - مذ] شريعت مطابق فيصلن واري جاءِ، قاعدي قانون جي دربار، ڪورٽ، ڪچهري

* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + شرع = آئين، قانون]

– دارُ الشُوريٰ: [ا - مذ] صلاح مشورو ڪرڻ جي جاءِ، اسيمبلي، پارليامينٽ
* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + شُوريٰ = صلاح، مشورو]

– دارُالشِفا: [ا - مذ] اسپتال، صحت حاصل ڪرڻ جو هنڌ، تندرستي ملڻ جو گهر، شِفا خانو، دَواخانو
* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + شِفا = علاج، دارون]

– دارُالضَرب: [ا - مذ] ضرب خانو، سِڪن ٺاهڻ جو ڪارخانو، ٽِڪسال
* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + ضرب = ٺَپو مهرَ]

– دارُالعِبادَة: [ا - مذ] عبادت جو گهر، مسجد
* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + عبادَة = بندگِي]

– دارُالعَدالَة: [ا - مذ] انصاف جو گهر، ڪچهري، ڪورٽ
* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ +عدالة = عدالت]

– دارُالعُلُوم: [ا - مذ] علمن جو گهر، يونيورسٽي، مدرسو، اسڪول
* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + عُلُوم = علم جو جمع]

– دارُالعَمَل: [ا - مذ] عمل ڪرڻ جي جاءِ، دنيا
* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + عمل = ڪم، ڪرت]

– دارُالعَيار: [ا - مذ] ڪسوٽيءَ جي جاءِ، اُها جاءِ جتي ڪوٽي ڪري جي پرک ڪجي
* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + عيار = ڪري ڪوٽي کي پرکڻ]

– دارُالفَنا: [ا - مذ] بي بقا گهر، ناپائدار گهر، فاني گهر، دنيا، زمين
* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + فنا = فاني، ناپائدار]

– دارُالقَرار: [ا - مذ] هميشه آباد رهندڙ دنيا، نه فنا ٿيڻي دنيا، آرام ۽ راحت واري دنيا بي دنيا، جنت، بهشت
* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + قَرار = آرام، سڪون]

– دارُالقَضا: [ا - مذ] عدالت خانو، ڪچهري، انصاف ٿيڻ جي جاءِ، ڪورٽ
* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + قَضا = فتويٰ]

– دارُالڪُتُب: [ا - مذ] اخبارن ۽ ڪتابن وغيره پڙهڻ جي جاءِ، ڪتب خانو، لائبريري
* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + ڪتب = ڪتاب جو جمع]

– دارُالمَرَض: [ا - مذ] مريضن جي علاج ٿيڻ جو هنڌ، اسپتال، دواخانو، شفاخانو
* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + مرض]

– دارُالمُڪافات: [ا - مذ] جزاءِ سزا جي جاءِ، بدلي ملڻ جو گهر، آخرت
* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + مڪافات = عيوض، بدلو]

– دارُالمُلڪ: [ا - مذ] گاديءَ جو هنڌ، تخت گاهه، پايہ تخت
* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + ملڪ]

– دارُالمُومِنِين: [ا - مذ] مومنن (ايمانداران) جي جاءِ، بهشت
* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + مومنين = 'مومن' جو جمع]

– دارُالنَعِيم: [ا - مذ] نعمتن جو گهرُ، بهشت، جنت
* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + نعيم = 'نعمت' جو جمع]

– دارُ اليَتامہ: [ا - مذ] يَتيم خانو
* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + يتامہ = يتيم]

– دارُ شَش دَر: [ا - مذ] ڇهن دَروازن وارو گهر يعني دنيا (جنهن جا 6 دروازا: اولهه، اوڀر، ڏکڻ، اُتر، زمين ۽ آسمان آهن)، جهان، سنسار، ڪائنات
* [ع: دار = گهر، جاءِ، ماڳ + شَش = ڇهه (6) عدد + در = دروازو]

– دارين: [ا - مذ] (عدد تثنيه) ب گهر، ٻئي گهر، ٻئي جهانَ، دنيا ۽ آخرت، هِي جَڳ ۽ هُو جَڳ، دنيا ۽ قيامت
* [ع]

● دارِ ج دارُون: [ا - مث] ننڍي مَڇي
* [س/ات]

● دارُ ج دارَ: [ا - مذ] ڦوٽ، چِير، ڪِن، ڏَڪاءَ، ڪَپو، سِپو، ڦاڙ
* [س/ل/ق]

● دارا: [صفت] وڏو بادشاهه، شهنشاهه
* [ا - خاص] اڳاتي زماني ۾ اِيران جي هڪ بادشاهه جو نالو (جيڪو سڪندر جي وقت ۾ ماريو ويو هو هن کي 'داراءِ اڪبر' ۽ 'داراب' به سڏيندا آهن/دور اقتدار: 486 کان 550 ق - م)
* [ف]

– دارائي ج دارائِيُون: [ا - مث] بادشاهَت، حڪومَت، سلطنت

• **دالِ چِڪنو:** [ا - مذ] پاري ۽ سنکيءَ جو مرڪب (جيڪو طلاءَ ناهڻ ۾ ڪم ايجي)

• **دالچيني:** [ا - مث] گرم مصالحي جو هڪ قسم. هڪ خوشبوءِ دار وڻ جو چوڏو

※ [ف: دارچيني، سن: دار = ڪاٺ + چيني = چين. وَلايت جو]

• **دالڙو ج دالڙا:** [ا - مذ] ڏهائي جو ٿانءُ، ساڙهو، پاڳيو (منهن ويڪرو مال جي کير ڏهڻ لاءِ ڪم ايندڙ)، ڏکي، ننڍو ڪنو

※ [س/ل/ت]

• **دالو ج دالا:** [ا - مذ] ايوان، اڱڻ، صحن، آڳند، آڳر

※ وراندو، دالان

※ پرت جو هڪ قسم

※ اُنن ڦاڪن وارو گل

※ [ف]

※ [صفت] هٺ هيرو، پاليل، اُسيلو، داڌلو

※ چڙواڪ، آوارو

※ چِرڙيو

– **دالو ٿيڻ:** [اصطلاح] داڌلو ٿيڻ، پيارو ٿيڻ

※ چڙواڪ ٿيڻ، هٺ هيرو ٿيڻ

• **دالھن:** [ا - مث] ڪکن جو ٺهيل ننڍو ڪارو، ٺُٺي

※ [س/ات]

• **دالِي ج دالِيُون:** [ا - مث] گنڍي

※ [س/ل]

• **داليري ج داليريُون:** [ا - مث] مڇيءَ جو هڪ قِسم

• **دام:** [ظرف] هميشه، سدائين، دائم، قائم. شال هميشه هلي

※ [ع]

– **دام اِقبالہ:** [دعائيه جملو] شل هن جو اقبال دائما رهي، شل سدائين عزت رهي

• **دامُ ج دامَ:** [ا - مذ] پکين ڦاسائڻ جو جار، جال، جاري، چند، ڊيبي

'سکن جي پاليل، ڏکن ۾ پيئي، دامَ ۾ ڦاسي دل ڪيئن ويئي'

(ماستر چندر)

※ ڦاهي، ڦَندو، ڦاهو

※ ڪوڙڪو

※ سِرڪڻي، رَسي، نوڙي

※ دوکو، فريب، دولاب

※ [سن]

※ پئسي جو چوويهو حصو، چار ڪوڏيون، دَمڙي، ڪوڏي

※ قيمتَ، مُلھه، نرخُ، اُگھه، ناڻو، پئسو

'دامَ ڪري سڀ ڪام' (اردو محاورو)

※ گُرڻ

※ ڊِگھو ڪيل

※ دوائن تورڻ جو وٽ، توز جو هڪ وزن (هڪ تولو اَٺ ماسا)

– **دامُ آڙائڻ:** [اصطلاح] جار وِجھڻ

※ چَند پکيڙڻ

※ لالچ رکڻ

※ [س/ات]

– **دامدارُ ج دامدارَ:** [صفت] دامَ وارو، ڦاهي وارو، پکي ڦاسائيندڙ، ماري، شڪاري

※ پاپي، ظالم، بي رحم، ڪٺور

※ [س/ات]

– **دام دوالي:** [ا - مث] برهه ۽ عشق جي ڦاهي

※ [س/ات]

– **دام رکڻ:** [اصطلاح] ڦاهي اَڏڻ

※ پلوَ پکيڙڻ

– **دامَ ۾ آڻڻ:** [اصطلاح] قابو ڪرڻ، ڦاسائڻ

※ مڪر ۽ فريب ۾ آڻڻ

※ اثر هيٺ آڻڻ

– **دامُ وِجھڻ:** [اصطلاح] ڦاهي وِجھڻ، ڦَندو وجھڻ

※ ڦاسائڻ، آڙائڻ

※ چَند ڪرڻ، منڊُ منڊڻ

※ دائرو وِجھڻ

– **دامِيو ج دامِيا:** [صفت] دام وارو

※ وڏو چور، پاٽاريدار

※ [س/ات]

• **داماڏُ ج داماڏَ:** [ا - مذ] ڌيءُ جو مڙس، نياٺو، ناٺي، جاٺو

※ [ف]

• **دامانُ ج دامانَ**: [ا - مذ] دامن، پلئه، ڪِنار

٭ آڪرِ، ڪاوڙ (لفظ 'دهمان' جو عامي اُچار)

٭ [س/ل]

• **دامِڙو ج دامِڙا**: [ا - مذ] ٽانءَ جو هڪ قسم، پِتَلَ جو دِلو، ٽامائي، ٽامِڙو

• **دامنُ ج دامنَ**: [ا - مذ] چولي وغيره جو لَٽڪندڙ پلئه، داوَن، پَلَوُ، پاند، ڀَهَڳُ، چيڙو، جهولي

٭ جَبَلَ جي وَٽِ

٭ پَر، دامان، ڪنار، ڪَڇ، ڪس

٭ مٿاڙ، حد

٭ پنارو

٭ آسِرو، اَجهو، پَناهَ

٭ [ف]

– **دامن پڪڙڻُ**: [اصطلاح] پلاند جَهلڻ، داوَن وَٺڻ، دامن جَهلڻ

٭ روڪڻ، منع ڪرڻ، باز رکڻ

٭ مدد گهرڻ، آسري لَڳڻ، سَهارو وَٺڻ

– **دامن پکيڙڻُ**: [اصطلاح] پَلاند پکيڙڻ، جهولي جهلڻ

٭ دعا گهرڻ، خدا کان التجا گهرڻ، پنڻ

٭ اُميد رکڻ

– **دامن جَهلڻُ**: [اصطلاح] پَناهَ وَٺڻ، اَجهو وٺڻ، آسرو وٺڻ، اوٽ وٺڻ

– **دامنِ شب**: [ا - مذ] راتِ جو پويون پَهَر

٭ [ف: دامن + شب = رات]

– **دامن ڪشي ڪرڻُ**: [اصطلاح] پرهيز ڪرڻ، ڪنارہ ڪشي ڪرڻ، پاڻ بچائڻ

– **دامنگيرُ ج دامنگيرَ**: [صفت] چُهٽيل، چنبڙيل

٭ دعويدار، مدعِي

٭ ساٿي، پاسو وٺندڙ، رفيق، طرفدار

٭ پوئلڳ، مريد

– **دامنگيرُ هُجڻ**: [اصطلاح] پيڇو ڪرڻ، پنيان پوَڻ

٭ تنگ ڪرڻ، ستائڻ، تڪليف ڏيڻ

٭ چنبڙي پوڻ، پچر نہ ڇڏڻ

– **دامنِ محشر**: [ا - مذ] حَشَرَ جو ميدان

– **دامن ۾ ويڙهڻُ**: [اصطلاح] دامن ۾ لڪائڻ، اَجهو ڏيڻ، سهارو ڏيڻ، پناهہ ڏيڻ، محفوظ رکڻ، سلامتي بخشڻ

– **دامن وَٺڻ**: [اصطلاح] دامن جهلڻ، سَهارو وَٺڻ

• **دامِني ج دامِنيون**: [ا - مث] ڪاٺ جو ننڍو داسو، ٽوٽي، داوني

٭ [سن: سودامِني]

٭ کِنوڻِ، وِڄ، وڄئي، برق، گاج

٭ ترني، خوبصورت عورتَ

'مک ٻهِي محبُوبَ جو، ارڻ ٿيون اولي،

دامِنيون سڀ دور ٿيون، انگ اندر جولي' (بودو)

٭ [هند]

٭ ڪنگور

٭ عورت جي جنازي مٿان پوَندڙ ڪپڙو

• **دامڻُ ج دامڻَ**: [ا - مذ] بيڙيءَ جي وَنجهہ جو رَسو (جنهن جي ڇڪڻ سان سِڙهہ جا ساڪا يا چادرون سڀ کُلي پوندا آهن)، داماڻ، دامن

• **دانُ ج دانَ**: [ا - مذ] بخشش، خيرات، عطا، ڏاڻ، عطيو، اِمداد، بيک، ڀِکيا، پنُ، پچ

٭ اِنعام، تحفو ڏيڻ، ڏاڻُ، نذرانو، سوکڙِي، سوغات

٭ [پرا: داڻُ، سن: دان > دا - ڏيڻ]

– **دانُ پچُ ج دانُ پچَ**: [ا - مذ] دان، خيرات، بخشش

٭ سوغات، تحفو

– **دانُ پُنُ**: [ا - مذ] دان پچُ

– **داني ج داني**: [صفت] خيرات ڪندڙ، سخا ڪندڙ، سخي، فياض، وڏي دل وارو، دريا دِل

– **داني پُرشُ ج داني پُرشَ**: [صفت] سخاوَتَ ڪندڙ، سخِي مَرد

– دانِستِ ويھارَڻُ: [اصطلاح] پنچات سڏائڻ
* تلاش ڪرڻ، ڳولا ڪرڻ

• دانِستہ: [ظرف] ڄاڻي ٻجهي، ڄاڻي واڻي، ھاسيڪار، سمجهي ڪري [جيئن: ديده دانِستہ يعني اکين ڏٺي اکين اڳيان]

• دانِستِي ج دانِستِيُون: [ا - مث] ڪنگهہ
* [س/ٿ]

• دانِش: [ا - مث] ڄاڻ، ڄاڻڻ، ڄاڻپ، ڏاھپ، سمجهہ، عقل، فهم، ٻوڌ، علم
* [ف: دانستن = ڄاڻڻ]

– دانِش مندُ ج دانِش مندَ: [صفت] عاقِل، سمجهو، هوشيار، ڄاڻو، سياڻو، عَقلمند، ڏاهو، داناءُ، ٻُڌوان، سِيکيل

– دانِشمَندِي ج دانِشمَندِيُون: [ا - مث] دانائي، عقل، سمجهہ، هوشياري، عقلمندي، فراست، حِڪمَتَ

– دانِش وَرُ: [صفت] سِياڻو، ڏاهو، عقلمند، سمجهو، ذَهين، دانشمند، هوشيار، قابِل، ماهر

– دانِش وَرِي: [ا - مث] سِياڻپ، عقل، ڏاھپ، علم، حڪمت
* سائنس، وِگيان، هنر

• دانِشِڻُ: [مص - فعل متعدي] گهٽي ٻَڪ ٻَڪ ڪرڻ، ڄَهگِي هَڻڻ، گوڙ شور ڪرڻ، ٻَخِي هڻڻ
* ڪَچِهريءَ ۾ رعب ڏيکارڻ (ڏکيا لفظ استعمال ڪري)
* [س/ڪوهہ]
* [مص] دانشڻ
* [امر] دانِش
* [دانشيو دانشِيندو دانشِيل]

• دانقَلُ: [ا - مذ] دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارڪو وکر، (گاهہ جو هڪ قسم، پن ڏِگها ۽ بردار شاخون، گل ميرو آسماني)

• دانق: [ا -مذ] سِڪي جو هڪ قسم، چانديءَ جو هڪ ننڍو سِڪو، دِرهَمَ جو ڇهون حِصو، دانگ
* [ف]

• دانگُ ج دانگَ: [ا - مذ] تورَ جو هڪ وزن، ڇهن رتين جو هڪ وزن
* مثقال (واريءَ جي ذرڙي برابر) يا درم جو چوٿون حصو (طبي اصطلاح ۾ وزن چار رتيون، شرعي اصطلاح ۾ ٻہ رتيون ۽ ايراني ايڪيهہ جو آهن)
* ڪنهن بہ شيءِ جو ڇهون حصو، حصو، پاڱو، ٽڪرو
* [ظرف] ڏس، پاسو
* [صفت] بيوقوف، عقل وِيَلُ، عَقل ڪسيَل
* تڙيَلُ، نياڳو
* بدمعاش، چور، ڪوڙو
* [س/ات]

– دانگَردانگُ: [صفت] تمام وڏو بدمعاش، آڙاهہ لُچ
* [س/ات]

– دانگو ج دانگا: [صفت] بي وقوف، مورک، اَحمَق، نادان، موڳو، غائب دماغ
* بدمعاش، ڪَريلُ، ڏنگو، پليت، اندر ڪارو

– دانگُوڙو ج دانگُوڙا: [صفت] دانگو، اندر ڪارو، ڪِنو، خرابُ
* منهن ڪارو، دانگيءَ جهڙو
* [س/ات]

• دانگڙو ج دانگڙا: [ا -مذ] پاڻيءَ جي حوديءَ جي حاطي جو دَرَ
* [س/ٿ]

• دانگِي ج دانگِيُون: [ا -مث] مانيءَ پچائڻ لاءِ ٺڪر جو ٿانءُ، ٺڪر جو تئو

– دانگِي پَچِي ڪُتي جِي ذاتِ پرکَڻُ: [اصطلاح] نقصان سَهِي ٻئي جي لِياقَتَ پرکڻ

– دانگِي چَڙهَڻُ: [اصطلاح] ڏُڪار پَوڻ، گهر جو خرچ وڌي وڃڻ، معيار زندگي اوچو ٿي وڃڻ

– دانگِي گهمائِڻُ: [اصطلاح] بَچڙو ڪرڻ، مُنهن ڪارو ڪرڻ

– دانگِي مُنھَنَ تي مَلِڻُ: [اصطلاح] شَرمسار ڪرڻ، خَرابُ خوار ڪرڻ، تعدِي ڪرڻ، جَبُ ڪرڻ، ڪارو منهن ڪرڻ
* زِنا ڪرڻ

— **دَربَدَر ٿِيڻُ:** [اصطلاح] دَر دَر رُلڻ، رولُو ٿيڻ، ڀَٽڪڻ، رلڻ، رلي وڃڻ، بيگانو ٿيڻ، ڇڙو ٿيڻ، تباهه ٿيڻ

* حيران ٿيڻ، پريشان ٿيڻ

* ڪٿي به ٺڪاڻو نه هجڻ

— **دَربَدَر ڪرڻُ:** [اصطلاح] حيران يا پريشان ڪرڻ

* تباهه ڪرڻ

— **دَربَدَري:** [ا - مث] رولڙو، خواري، رلڻ جي حالت

— **دَرَ تي وَڃِي پَوڻُ:** [اصطلاح] پناهه وَٺڻ، سامَ پَوڻ

* شڪست قبول ڪرڻ آڙي مجڻ

— **دَرٻَڌڻُ:** [اصطلاح] دَر بند ڪرڻ

* [س/ات]

— **دَرَ تي پَڄِي اَچڻُ:** [اصطلاح] پناهه وَٺڻ لاءِ اچڻ، لطف ۽ احسان جي اُميد رکي اچڻ

* پاڻمرادو اچي پيش پوڻ

— **دَرَ تي ديرو وِجَهڻُ:** [اصطلاح] ڪنهن ڪم لاءِ جنبڙي پَوڻ، پِڇَرَ نه ڇڏڻ

* دروازي تي نوڪر ٿي ويهڻ

* دونهون دکائي ويهڻ

— **دَرپَٽجڻُ:** [اصطلاح] اولاد ٿيڻ

* نَصِيب جا دروازا کلڻ

'هڪ دَر لَٽي سو دَر پَٽي' (چوڻي)

— **دَرپِدَر:** [ظرف] دَربدر

* [س/ات]

— **دَرپردو ج دَر پَردا:** [ا - مذ] دَر جو پَردو، چِڪَ، چِڪَ

— **دَرِ دَرِ:** [ظرف] گهر گهر، هڪ هڪ دروازي تي، هر هڪ گهر ۾، جتي ڪٿي، دربدر

— **دَرِ دَرِ ڀٽڪڻُ:** [اصطلاح] هر هنڌ رلڻ، آواره گردي ڪرڻ، ڌِڪا کائڻ

— **دَرِ دَرِ گهرڻُ:** [اصطلاح] هَر هِڪَ دروازي تي سوال ڪرڻ، پنڻ، خيرات گهرڻ

— **دَرِ ڪوهه:** [ا - مذ] جبل جي وِچَ ۾ دروازو غارِ

* [ف: در + ڪوهه - جبل]

— **دَرَ لَهِي وَڃَڻُ:** [اصطلاح] خوار ٿيڻ، ڳلاهاب ٿيڻ، اُگهاڙو ٿيڻ

* [س/ات]

— **دَرَ ۾ مُنهن وِجَهڻُ:** [اصطلاح] ليٽو پائڻ، جهاتي پائڻ

* [س/ات]

* [ڪناية] نه مڃڻ، انڪار ڪرڻ

— **دَروازو ج دَروازا:** [ا - مذ] دَر، لَنگهه

— **دَروانُ ج دَروانَ:** [صفت] دَرَ جو پهريدار، چوڪيدار، حاجب، دربان، نوڪر، چوبدار، پٽيوالو، چپراسي

— **دَرواڻُ ج دَرواڻَ:** [صفت] دَروان، دَربان

● **دُر:** [صفت] بَد، خراب، بڇڙو، ڪِنو، نِڪمو، زَبون، نحس، نڀاڳو

* مشڪل، ڏکيو ڪٺن

* مرتب لفظن ۾ ڪم ايندڙ اڳياڙي (جيئن: درلَڀ، دراچار، دربل وغيره)

* [سن]

— **دُراَچار:** [ا - مث] خراب چال، بَدهلت، بَدچالي، ناجائز نفس پرستي

* [سن: در - خراب + اَچار - چال چلت، ريت]

— **دُراَچارِي:** [صفت] پاپي، جنهن جي چال چلت نيڪ نه هجي

— **دُرِ ٻَچَن:** [ا - مذ] خَراب وَچَن، خَراب واعدو

* ڪوڙي ڳالهه، بُڇڙي ڳالهه، بَدڪلامي، بَدزباني

* [صفت] بي لغام ڳالهائڻ وارو، زبان دراز، وات ڦاٽوڙو، بي لحاظ

— **دُرِ ٻَل:** [صفت] ڪمزور، نربل، هيڻو، نِستو، بي طاقت

— **دُرِ ٻلتا:** [ا - مث] ڪمزوري، هيڻائي، اَپرائي، ڏٻرائي

— **دُرجَن:** [صفت] خراب ماڻهو، بد افعالو، بڇڙو، بَدڪار

* دشمن، بَدخواهه، ويري، مَٺَ گهرو

— **دُرخَرچي:** [ا - مث] فضول خَرچي، اَجايو خَرچ

— **دُردَشا:** [ا - مث] خَراب حالت، بُري حالت

* بگڙيل نَصِيب، ڪمبختي

* غمگيني

* تنگي، مفلسي

• **دَرجو ج دَرجا:** [ا - مذ] لغوي معنيٰ ۾ ڏاڪڻ جو سيني ڪان مٿيون ڏاڪو، ڏاڪو، ڏاڪڻ جون پيرڙيون، پوڙي

* وڏو عهدو، مرتبو رتبو عهدو مَنصب
* جماعت، ڪلاس، ٽولي
* وڏائي، آب، اقبال
* حشمت، دٻدٻو رعب
* حِصو ڀَڱرو ڀَڱي، نَمونو پاڳو حَدَ، حَدَبَندِي، اِندو دنگ
* اَجر، ثواب، نيڪي، بدلو عيوضو
* اَنگن جي ورڇ، حسابي ورڇ (علم رياضيءَ جي اصطلاح ۾)
* زمين جو ٽي سو سٺيون حصو (يا ڊگري) (جيڪو اٽڪل روءِ 111 (هڪ سو يارنهن) ڪلوميٽرن جي مفاصلي جو ٿِڪبو آهي ۽ سج کي انهيءَ مفاصلي طيءَ ڪرڻ ۾ 4 منٽ ٿا لڳن)

– **دَرجا:** [ا - مذ] (جمع ۾) اَنگن جا درجا [جيئن: ايڪا، ڏهاڪا، سو، هزار، ڏهه هزار، لک وغيره]، حسابي ورڇ

– **دَرجا ڦيرائڻُ:** [اصطلاح] امتحان ٿيڻ بعد شاگرد کي هڪ درجي مان ٽپائي ٻئي درجي ۾ ڪرڻ

* حساب ۾ ڏنل رقمن جون جنسون جدا جدا ڪري رکڻ

– **دَرجا وَڌائِڻ:** [اصطلاح] ترقي ڏيڻ، رتبو وڌائڻ، منزل وڌائڻ

* اضافو ڪرڻ

– **دَرجه حَرارَت:** [ا -مذ] گرمي پَد، تپش جي ماپ، بخار جو ڪاٿو

– **دَرجو پائِڻ:** [اصطلاح] نيڪ ڪم جو بدلو حاصل ڪرڻ

* وڏو درجو ملڻ

– **دَرجي بہ دَرجي:** [ظرف] ڏاڪي بہ ڏاڪي، منزل بہ منزل، قَدم بہ قَدم

* سلسليوار
* رَفتہ رَفتہ، هوريان هوريان، آهستي آهستي

– **دَرجيوارُ ج دَرجيوارَ:** [صفت] سلسلي وار، رتبي وار، واري سان، مرتبي آهر، شان آهر عهدي آهر

– **دَرجي وارو:** [صفت] وڏي مرتبي وارو

• **دَرخت ج دَرخت:** [ا - مذ] وَڻ، شَجر، پيڙ

* [ف]

• **دَرخشــان:** [صفت] روشن، چمڪندڙ جهلڪندڙ جهرڪندڙ، تجليدار

* [ف: درخشيدن = چمڪڻ]

• **دَرخواستَ ج دَرخواستُون:** [ا - مث] گهُر، عرض، عَرضداشت، عَريضي، سوال، اِلتِماس، گذارش، آرزو، تَمنا، لکيل عرض، عرض نامو، گذارش نامو، وينتي پتر

* [ف: در = ۾ + خواستن = گهرڻ]

– **دَرخواستَ ڏِيڻ:** [اصطلاح] عَريضي ڏيڻ، ڪنهن شيءِ حاصل ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪرڻ

– **دَرخواستَ ڪرڻُ:** [اصطلاح] درخواست ڏيڻ

* ڪنهن تي پڪارڻ، دانهڻ

– **دَرخواستَ گُذار:** [صفت] دَرخواست ڪندڙ عرضدار، سپاس گذار

• **دَردَ ج دَردَ:** [ا - مذ] ڪَشٽ، ڏُهڪ ڏُک، سور، اَهنج، پيڙا، تڪليف

* افسوس، رنج، شوڪ، غم
* اهنج، اوکائي، سختي، مصيبت، مشڪلات
* ڪشالو جاکوڙ
* [ف]

– **دَرد آلوده:** [صفت] ڏکويل، درد ڀريو دِل سوز

* [ف: آلودن = رلڻ ملڻ]

– **دَرد آميز:** [صفت] ڏک سان ڀريل، ڏکارو رَنجيده، دَردناڪ

* [ف: آميختن = رلڻ]

– **دَرد اَنگيزُ:** [صفت] ڏک پيدا ڪندڙ (دل ۾)، ڏک جهڙو، ڏکارو رنجيده، ڏک ڀريو

– **دَردَ ٻانيِ:** [صفت - مث] دَردَ واري، سورن واري

– **دَردُ جاڳَڻُ:** [اصطلاح] سور ٿيڻ، ڏک ٿيڻ، اِيذاءُ ٿيڻ

– **دَردَ جي دَوا هُئَڻ:** [اصطلاح] فائدو پهچائڻ، ڪم جي شيءِ هئڻ

– **دَردَ دُکَ ٽِيڻ:** [اصطلاح] دَردَ دَفعَ ٿيڻ، ڏک سورَ لهي وڃڻ، خوشي حاصل ٿيڻ، آرام ۾ اطمينان نصيب ٿيڻ، خوش گذارڻ

• **دُرِنَٽُ ج دُرِنَٽَ:** [ا - مذ] پَکِيءَ جو هڪ قسم (ميرانجهوڙي رنگ جوءِ پانڊي)
* [س/ات]

• **دِرَنگُ ج دِرَنگَ:** [ا - مذ] هَبَڪَ، هَٽَڪَ، هچڪچاهَٽَ
* [ف: دِرنگ = دير]
* خوف، ڀَوُ، ڊِجُ، ڏَپُ، خطرو
* وِيچار
* ڌيان، خيال
* ڍِيرِجُ، تاملُ، دِرَ، تاخير، وَقفو

– **دِرَنگُ نہ ٿِيڻُ:** [اصطلاح] خوف نہ ٿيڻ
* خيال نہ ٿيڻ

• **دُرَنگو ج دُرَنگا:** [صفت - مذ] ٻِن رَنگَن وارو
* ٻِٽِيءَ چال هلندڙ، بي وفا، مڪار، منافق، اندر هڪڙو ٻاهر ٻيو، اندر پليت
* [ف]
* [مث: دُرَنگِي ج دُرَنگِيُون]

• **دَرو ج دَرا:** [ا - مذ] ٻِن جَبلَن جي وِچان رَستو، لَنگهہ، لانگهو، گهٽ
* [ف: دره = لنگهہ، ڦاڪ]
* مِٺي پاڻيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم (نَنڍڙي مڇي، جيڪا ڳاڙهين ڇلرن سان ستَ پوءِ قد هڪ انچ جي برابر). نَنڍِي مَڇِي
* ڏَڳِي ڳاڏِيءَ جي چيڙي ۾ نڪتل ٽڪر (جنهن تي عام طور هار ويهندا آهن)

– **دَرو ڏِيڻُ:** [اصطلاح] آرو ڏيڻ، وَلو ڏِيڻ، وَڪڙ وِجهڻ
* [س/کوه]

• **دِرو ج دِرا:** [صفت - مذ] اک ڦِريل، ٽِرڙو، ٽيڏو
* [س/ل]

• **دُرو ج دُرا:** [ا - مذ] چَمَ جو پَٽو، چمڙي جو نهيل چهبڪ (جيڪو سزائن ڏيڻ ۾ ڪم ايندي). ڦَٽڪو، ڏرو، تازيانو، ڪوڙو
* [ع: دره = چابڪ]

– **دُرا لڳڻُ:** [اصطلاح] شرعي يا فوجي سزا جا ڪوڙا يا تازيانہ لڳڻ، جسماني سزا ملڻ

– **دُرا هَڻَڻُ:** [اصطلاح] ڪوڙا يا تازيانہ هڻڻ، شرعي سزا ڏيڻ، جسماني سزا ڏيڻ

• **دَراوتَ:** [ا - خاص] جَبَلَ جي هِڪ لَڪ جو نالو (جنهن مان نئين بارڻ لنگهي ٿي)

• **دَروازو ج دَروازا:** [ا - مذ] جاءِ ۾ اَندر يا ٻاهِر وَڃڻَ جو لَنگهہ، دَرِ، ڪِواڙُ، ڦاٽَڪ، لڪ، ڏيڍِي، ٻَنيو
* موريءَ جو دروازو

– **دَروازو بَند ڪَرڻُ:** [اصطلاح] دَر بند ڪرڻ، دَر ٻوڙڻ
* اندر اچڻ نہ ڏيڻ، منع ڪرڻ
* تاڪِيون بند ڪرڻ

– **دَروازو ٻِيڙڻُ:** [اصطلاح] دَربَند ڪرڻ، دَر ٻُوڙڻ

– **دَروازو تڪِڻ:** [اصطلاح] شدت سان انتظار ڪرڻ

– **دَروازو قائم ڪَرڻُ:** [اصطلاح] دَر بَند ڪرڻ
* دَر مضبوط هئڻ

– **دَروازو قائِم هُئڻُ:** [اصطلاح] دَر بَند هئڻ

• **دِرواش:** [ا - مث] گهرجَ، ضرورت، کَپ، حاجَتَ
* [ف/س/ات: 'درخواست' جي بگڙيل صورت]

• **دَرواڻِي:** [ا - خاص] مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو (جيڪو رستمالين جي شاخ آهي)

• **دُرو:** [ا - مذ] هِڪَ تاري جو نالو قَطب تارو، ڌُرو

• **دُرودُ ج دُرودَ:** [ا - مذ] اُها دعا ۽ سلام جيڪو حضور نبي ڪريم محمد مصطفىٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم تي پڙهيو وڃي
* رَحمَتَ، تَحسِين، آفرين، تَعرِيف، دعا، تَسبِيح، صَلواةَ (جيڪاهن خدا جي طرفان هجي رحمت ۽ برڪت جي معنىٰ، ملائڪن طرفان هجي تہ اِستغفار ۽ مسلمانن طرفان هجي تہ دعا سلام، ۽ جانورن ۽ پکين طرفان تہ تسبيح)، ڌَڻِيءَ جي مهر لاءِ دعا
* [ف]

– **دُرود پڙهَڻُ:** [اصطلاح] سلام پڙهڻ، دعا پڙهڻ، صلوات پڙهڻ

• **دَرُوغُ ج دَرُوغَ:** [ا - مذ] ڪوڙُ، جوٽُ، ڪِذِبُ، بهتان
* [ف]

— **دَست بِدست:** [ظرف] هٿوهَٿ
* جلدي، اُنهيءَ وقت

— **دَست بُرد:** [ا - مث] خيانَتَ، گهوٻي، ناجائز تصرف، لُٽ، غَبن، خُرد بُرد

— **دَست بَردارِ ٿيڻ:** [اصطلاح] هَٿ ڪڍڻ، ڇڏڻ، باز اچڻ، تَرڪ ڪرڻ

— **دَست بُرد ڪَرڻُ:** [اصطلاح] گهوٻي هڻڻ، خيانَتَ ڪرڻ، لُٽڻ

— **دَست بَستہ:** [ظرف] هَٿَ ٻڌي، هَٿَ جوڙي
* اَدبَ ۾، سعادتمنديءَ سان
* [ف: بَستن = ٻڌڻ]

— **دَست بُوس ٿِيڻُ:** [اصطلاح] هَٿَ چُمڻ، نيازَ ۾ نوڙَتَ ڪرڻ
* [ف: بوسيدن = چمڻ]

— **دَست بيعَت ڪَرڻُ:** [اصطلاح] مُريد ٿيڻ، ڪنهن جي هٿ تي بيعت ڪرڻ

— **دَست پَناهہ:** [ا - مذ] ٽانڊَن ڪڍڻ جو چمٽو
* هَٿَ هيٺ، حفاظَتَ ۾، اَجهي هيٺ آيل

— **دَست خَطُ** ج **دَست خَطَ:** [ا - مذ] هَٿَ جولِکيل، هَٿَ جي لِکَت، لِکَتِ، لِکَتِي، هَٿَ اکر، قلمي نسخو
* پنهنجي هَٿَ جي علامتَ، نشاني يا صحِي (Signature)

— **دَست خَطِي:** [صفت] هَٿَ جولِکيل، قَلمي
* دَستِي

— **دَست دَرازُ:** [صفت] چالاڪ
* هَٿ دِگهيرينڌڙ
* چور
* ظالم، زيادتي ڪندڙ

— **دَست دَرازِي:** [ا - مث] هَٿَ جي چالاڪي، رڪاوٽَ، رَنڊَڪَ، خَلَلُ
* ظلم، زيادتِي، نااِنصافِي، اَنياءُ

— **دَست دَرازِي ڪَرڻُ:** [اصطلاح] زيادتي ڪرڻ
* ڪم ۾ اَٽڪاءُ وجهڻ

— **دَست راست:** [ا - مذ] ساڄو هَٿُ
* [صفت] معتبر، اَعتماد وارو، سَچو مددگار

— **دَست رَس:** [ا - مث] پهچ، پُڄَتِ، پُڄَندِي، رَسائِي، طاقَتَ، هَلندِي، هَٿَ پهچ، هَٿَ دِگهيرَ، ٽَونگِري، حيثيت، اُپِرَ، هَٿَ وَس، اُپاءُ، وَسيلو

— **دَسترِسِي:** [ا - مث] دَسترس، پَهچ، رَسائِي، هَلَندِي

— **دَستِ شِفا:** [ا - مذ] صحت بَخشِيندَڙ هَٿُ
* [صفت] اُهو حَڪِيم يا طَبِيب، جنهن جو علاج هميشہ ڪامياب وڃي

— **دَستِ غيب:** [ا - مذ] ظاهري وسيلي کان سواءِ مدد، غيبي مدد
* [ڪناية] مفت جو مال، رشوت جو مال

— **دَستِ قُدرَت:** [ا - مذ] قُدرَتَ جو هَٿُ، طاقَتَ، قُدرَتَ، سگهہ، شِڪتي، سَمرٿِي، قابُو، اِختيار، وَس

— **دَستَڪ:** [ا - مث] هَٿَ جو ڌَڪ، دَروازي تي هَٿَ سان ڌَڪ، آواز، کڙڪو، کڙڪاٽ
* ٺَڪاءُ
* تاڙي

— **دَستڪارُ:** [صفت] هَٿَ جو ڪارِيگر، هُنرمند، اُهو شخص جنهن جي هٿ ۾ ڪونہ ڪو هنر هجي، هنروارو

— **دَستڪارِي** ج **دَستڪارِيون:** [ا - مث] هَٿَ جي ڪارِيگرِي، هَٿَ جو هُنر، هَٿَ جو ڪَم، ڪاريگرِي، هُنرمندِي

— **دَستَڪ ڏِيڻُ:** [اصطلاح] دَر کڙڪائڻ، ڪَڙو کڙڪائڻ، سڏڻ، آواز ڏيڻ
* تاڙي وڄائڻ

— **دَست ڪَرڻُ:** [اصطلاح] هَٿِ ڪرڻ، حاصل ڪرڻ، لَهڻ، قَبضي ۾ ڪرڻ

— **دَست گاهہ:** [ا - مث] مال ۽ اسباب، طاقت، زور، مدد، اُپاءُ، وَسيلو، رَسَدَ، پُڄَندِي، قُدرت، پُڄَتِ، مقدُور، مهارَتَ، مشق

• **دَشتُ ج دَشتَ:** [ا - مذ] صحرا، بيابان، رڻ پٽ، رڃ، ميدان
٭ جهنگل، بيلو
٭ [ف]
– **دَشت پيما:** [صفت] جَهنگ جهاڳيندڙ، بَيابان ۾ ڦرندڙ
٭ آوارو، پريشان، واٽڙو
– **دَشتِ پيمائي:** [ا - مث] بيابانن ۾ رلڻ جي حالتِ، جهنگل جهاڳڻ جي حالت
– **دَشت نَوَردُ:** [صفت] جهنگلَ ۾ رُلندڙ، بَيابان جهاڳيندڙ
– **دَشت نَوَردي:** [ا - مث] جهنگل/بيابان ۾ رلڻ ۽ دربدر ٿيڻ جي حالت
• **دَشتِ بي دولَت:** [ا - خاص] رياست قلات ۾ بولان دَرّي جي منهن وٽ هڪ ميدان (جيڪو 'کُرد' قوم جي ملڪيت آهي)
• **دَشت خاني:** [ا - خاص] اِيران ۽ مڪران ۾ رهندڙ هڪ قوم جو نالو
• **دَشتِي:** [ا - خاص] هڪ ذات جو نالو، بلوچستان جو هڪ قبيلو
• **دِشتِ:** [ا - مث] نَظر، نگاهه، دِرشت
٭ [سن: دِرش - ڏسڻ]
• **دُشٽُ ج دُشٽَ:** [صفت] خَراب، ڪِنو، بڇڙو، نياڳو، چَندول، نَحس، بَدڪار، بَدچال
٭ ظالِم، بي رَحم، پاپي
٭ ڪوتو، ڪوڙو
٭ بَد ذات
٭ [سن: درشت = در = خراب + شت = وَرتاءَ = خراب هلڻ وارو]
– **دُشٽائي:** [ا - مث] خرابي، بڇڙائي، بدڪاري، برائي، گناهه، پاپ
• **دُشِڪارِي ج دُشِڪارِيُون:** [ا - مث] اُلٽي، قيءِ، اوڪارو
٭ [س/ات]
– **دُشِڪارِي اَچڻُ:** [اصطلاح] قيءِ اَچڻ، اُلٽي اَچڻ
• **دُشمَنُ ج دُشمَنَ:** [صفت] خَراب نيّتَ وارو، بَدخواهه، ويري، مخالف، شترو، غنيم، رِپ، عَدو، وِروڌي، پٺيان پيل، مَنگهو، حَريف، رَقيب
٭ [ف: دشمن؛ سن: دشت = خراب + من = ويچار جي شڪتي]
– **دُشمنائُو:** [ا - مذ] دشمَني، دشمنو، دشمنيءَ وارو
– **دُشمَن جاني:** [صفت] جان جو دشمن، وڏي ۾ وڏو دشمن، قاتِل دشمن، موتمار دشمن
– **دُشمَن مرنئي:** [محاورو] بارَ کي ٻاراتو ڏيئي دعا ڪرڻ
– **دُشمَنو:** [ا - مذ] ويرِ، عَداوَتَ، بَدخواهِي، وِروڌ، دشمني
– **دُشمَنُ هيٺ ڪرڻُ:** [اصطلاح] دشمن کي زيربار ڪرڻ، دشمن کي فتح ڪرڻ، دشمن تي فوقيّتَ حاصل ڪرڻ، دشمن کي شڪست ڏيڻ
– **دُشمَني ج دُشمَنيُون:** [ا - مث] ويرِ عَداوَتَ، وِروڌ، ضِد، خُصومَتَ، بغض، دشمڻي، ڪلفت
– **دُشمَڻُ ج دُشمَڻَ:** [ا - مذ] 'دشمن' جو رواجِي اُچار
– **دُشمڻاٽُو ج دُشمڻاٽا:** [صفت - مذ] دشمَڻ جو، ويرين جو، دشمنيءَ وارو، دشمڻڪو
– **دُشمڻِڪو ج دُشمڻِڪا:** [صفت - مذ] دشمنيءَ وارو، دشمنيءَ جو، دشمڻاٽو
– **دُشمڻِي ج دُشمڻِيُون:** [ا - مث] دشمني
• **دَشنا:** [ا - مذ] خَنجَر، تَلوارَ ڪَٽاري
٭ [ف]
• **دُشنامُ:** [ا - مث] گارِ، گار گَند، خراب لفظ
٭ [ف]
– **دُشنام طراز:** [صفت] گَلا ڪندڙ، اِلزام هڻڻ وارو
• **دُشو ج دُشا:** [ا - مذ] اوني چادر جو هڪ قسم، دشالو، مليرُ، بوڇڻ
٭ ديسي اُٽيل ڪپڙو، ٿلهو ڪهرو، جاڏو، سادو (ڪهرو)
٭ [سن/هند: دشا]
• **دُشوارُ ج دُشوارَ:** [صفت] ڏکيو، اَهنجو، اوکو، مشڪِل، سَخت، ڪَٺن
٭ [ف: دش = خراب + 'وار' نسبت جي نشاني]
– **دُشوارِي ج دُشوارِيُون:** [ا - مث] مشڪلاتِ، ڏکيائي، اَهنجائي، سختي، تَڪليف

• **دُعا ج دُعائُون:** [ا - مث] الله پاڪ کان گهُرڻ جي حالت، گهُر سَڏ، خواهش، مرادَ، آرزو، گهرج، ضرورَتَ، درخواست، عرض، التجا، اِستدعا، مِنتَ، اَرداس، سوال

* خيرعافيت جي چاهنا، مناجات

* مغفرت، فاتحہ

* آسِيس، آشيرواد، پراٿنا

* نيڪِي، ڀلائِي، عافِيَتَ، بَرڪَتَ، نعمت

* ڦيڻو، شوڪارو، جهاڙَ، روحاني علاج

* [ع: دعا = هن سڏيو]

– **دُعا دَقما ڪرائِڻُ:** [اصطلاح] تندرستي ۽ بخت جي بلندي لاءِ دعا گهرائڻ

* ڦيڻو وِجهائِڻ، تعويذ وَنڻ

– **دُعا دِل سان نہ لڳَڻُ:** [اصطلاح] پَڪَ نہ ٿيڻ، اَعتبار نہ اَچڻ

– **دُعا سَلام:** [ا - مذ] کيکارَ خوش خير عافيت، سلام ڪرڻ، عليڪ سليڪ

– **دُعا ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] ڀلائِي چاهِڻ، نيڪِي گهرڻ، الله تعاليٰ کي اِلتجا ڪرڻ، آسِيس ۽ عافيت گهرڻ

– **دُعاگُو ج دُعاگُو:** [صفت] خيرخواهہ، ٻئي جي لاءِ دعا گهرندڙ، دعا ڪندڙ، خيريت گهرندڙ، خير گهرندڙ، ڀلو گهرندڙ، آسيس ڏيندڙ

* عَرضدار، نيازمَند

– **دُعاڪو:** [صفت - مذ] دعاگو

– **دُعاگُهرَڻُ:** [اصطلاح] خدا تعاليٰ کان ڀلائي گهرڻ، مراد گهرڻ، ڀلو گهرڻ، عافِيت گهرڻ، حاجتَ رَوائِي چاهِڻ

* تَعزِيَتَ ڪرڻ، عذرخواهِي ڪرڻ

– **دُعا لڳَڻُ:** [اصطلاح] دعا جو اَثر ڪرڻ، مرادَ پوري ٿيڻ

– **دُعائي خير:** [ا - مث] بارگاهِ بارِي تعاليٰ ۾ نيڪ دعا، سٺي اِلتجا، بَرڪَتَ، آسِيس (عام طور تي مسجد يا ڪچهريءَ ۾ ويٺل سڀ گهرن)

* نڪاح واري دعا

* فاتِحہ

• **دَعوِيٰ ج دَعوائُون:** [ا - مث] گهُر، طَلَبَ، تَقاضا، چِڪَ، خواهش، مطالبو

* [ع: دعا = هن گهرڪئي]

* معاملو، تَڪرار، بَحَث، حَق

* مُقدمو، ڊِيوانِي ڪيس

* فَريادَ، دانهن، ڪوڪَ، پُڪارَ

* قاعدي جي ڪارروائي

– **دَعوِيٰ ٻَڌَڻُ:** [اصطلاح] مُقدمو ناهڻ، مُقدمو ڪرڻ

* ڪنهن ڪم جو شرطيہ اعلان ڪرڻ

– **دَعوِيٰ ڄمائِڻُ:** [اصطلاح] مُقدمو ڄمائڻ، قبضو ڄمائڻ، حَق ڄمائڻ

– **دَعوِيٰ داخِل ڪَرڻُ:** [اصطلاح] ڪورٽ ۾ ڪيس ڪرڻ، مُقدمو ڪرڻ، گهُر داخل ڪرڻ

– **دَعوِيٰ دارُ ج دَعوائِي دارَ:** [صفت] دَعويٰ ڪندڙ، فَريادِي، پُڪارِيندڙ، مُقدمو ڪندڙ، حَق گهُرندڙ، عَرضدار، دانهِين، مُدَعي، چِڪِيندڙ، تَقاضا ڪندڙ

* دشمن، رَقِيبُ

– **دَعوِيٰ گِيرُ ج دَعوِيٰ گِيرَ:** [صفت] گهڻيُون دَعوائون ڪندڙ

* جَهڳڙالو، تَڪرارِي

– **دَعوِيٰ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] حَق جتائِڻ

* مطالبو ڪرڻ، گهُر ڪرڻ، دَرخواستَ ڪرڻ

* فرياد ڪرڻ، مقدمو ڪرڻ

– **دَعويدارُ ج دَعويدارَ:** [صفت] مُدعِي، فَريادِي

* رَقِيبُ، مخالف

* تَقاضا ڪندڙ

• **دَعوَتَ ج دَعوَتُون:** [ا - مث] ڪوٺَ، نينڊَ، نوتو، سَڏُ

* ڪاڄ جي ڪانڊَ، شاديءَ جي ڪوٺَ، وَليمي جو سَڏ

* مجلس ۾ شَرِيڪ ٿيڻ جو سڏُ

* ضِيافتَ

* [ع: دعا = هن سَڏ ڏنو]

– **دِلگِير ڪَرڻُ:** [اصطلاح] نااُميد ڪرڻ، مايوس ڪرڻ، اُباڻڪو ڪرڻ

– **دِلگِير ھُئڻُ:** [اصطلاح] مايوس ھئڻ، نااُميد ھئڻ، خَفا ھئڻ، اُباڻڪو ھئڻ

– **دِلگِيري:** [ا-مث] اَفسوس، ڏُک، غَم، غَمگِيني، غَمِي، سوڳ

* پَريشاني، لاچارِي، مَلُولائِي

– **دِلِ گُھريو ج دِلِ گُھريا:** [صفت] مَرضِيءَ موجِب، خواھش مطابق، دِل تي، گُھربَل، پَسنديده

* پيارو، مَحبوبُ، پريتَم

– **دِلِ لاھِڻُ:** [اصطلاح] ھِمَتَ ھارڻ، دِل نَنڍِڙي ڪَرڻ، گُھٽِتي ڪَرڻ، اُميد آسرو ڇَڏڻ

– **دِلِ لاھي ھَٿَ ۾ ڪَرڻُ:** [اصطلاح] دِلِ شِڪَستو ٿِيَڻ، دل ننڍڙي ڪرڻ، ھينئُون لاھڻ

* دَٻ ٿِيَڻ

– **دِلِ لائِڻُ:** [اصطلاح] چِتِ لائڻ، خيال ڏيڻ، ڪنھن ڪم سان دِل لائڻ، دِلِ وِجان سان ڪم ڪرڻ

* محبت ڪرڻ، عشق ڪرڻ

– **دِلِ لَڳائِڻُ:** [اصطلاح] لاڳاپو ڳنڍڻ

* محبت ڪرڻ، عشق ڪرڻ

* فِدا ٿيڻ

* ڪو ڪم ڌيان سان ڪرڻ، سَچِيءَ دل سان ڪرڻ، چاھ وَٺڻ

– **دِلِ لَڳڻُ:** [اصطلاح] طبيعت جو متوجہ ٿيڻ، روحَ جو رِيلو ٿيڻ، چاھ ٿيڻ، شوق پيدا ٿيڻ

* محبت ٿيڻ، عشق ٿيڻ، قرب پيار ٿيڻ

– **دِلِ لَڳِي ج دِلِ لَڳِيُون:** [ا - مث] پيار، قربُ، عشق، موھ، پيوَند

* مَسخِري، چَرچو، کِلَ، ٺوڳ، ڳَھِو

– **دِلِ لوڏو نہ کائِڻ:** [اصطلاح] پَڪَ ھئڻ، گُھٽِتي نہ ھئڻ، يَقِين ھئڻ، خوف نہ رَکڻ

– **دِلِ لوڙِڻُ:** [اصطلاح] نااُميد ڪرڻ، ھِمَتَ ٽوڙڻ، بي ھِمَت ڪرڻ، شوق ٽوڙڻ، مايوس ڪرڻ، بي دل ڪرڻ

– **دِلِ لوڙَھِڻُ:** [اصطلاح] ھِمَتَ ھارڻ، بي ھِمت ٿِيَڻ، ھِمَتَ وِڃائِڻ، دِل شِڪَستو ٿيڻ، دِلِ لاھڻ

* سَندِرو ڇوڙڻ

* غَمگِين ٿيڻ

– **دِلِ لَھَڻُ:** [اصطلاح] ھِمَتَ ڇَڏڻ، نااُميد ٿيڻ، آسرو لاھي ڇڏڻ

* ڪنھن واقعي کي اڳواٽ سھڻ، ڪا اَڻ وڻندڙ خبر ٻُڌڻ لاءِ

* اڳواٽ تيار رھڻ

* [س/ات]

* مَنجھہ لَھَڻ

– **دِلِ ۾ اَچِڻُ:** [اصطلاح] خَيال ٿِيَڻ، يادِ پَوڻ، يادِ اَچِڻ، ڪنھن ڳالھہ جو دل ۾ تصور اچڻ

– **دِلِ مارِڻُ:** [اصطلاح] نفساني خواھش کان دِلِ کي روڪڻ، طبيعت کي ڪنھن شوق کان ھَٽائڻ

– **دِلِ ماندِي ٿِيڻُ:** [اصطلاح] دِلِ جو ڪِچ ڪِچ ڪرڻ، مونجھہ ٿيڻ، بي آرامِي ٿيڻ

* مَن اُداس ٿيڻ، غَمزده ٿيڻ (ڪنھن پياري جي يادِ ۾)

– **دِلِ ۾ اُمنگ اُٿڻُ:** [اصطلاح] دِلِ ۾ جَذباتِ پيدا ٿيڻ، دِلِ ۾ وَلوَلا جاڳڻ، دِلِ تي عجيب قسم جي ڪيفيت طاري ٿيڻ

– **دِلِ ۾ پَرَم وِجھڻُ:** [اصطلاح] دِلِ ۾ رَحم پيدا ٿِيَڻ، ٻاجھہ پَٽِجِي وَڃڻ، تَرس کائِڻ، قِياس ڪرڻ، مهربانيءَ لاءِ آماده ٿيڻ

– **دِلِ ۾ ٿِيڻُ:** [اصطلاح] خِيال ٿيڻ

* ڏُک ٿيڻ، اَرمان ٿيڻ

* ڪنھن ڳالھہ کي خراب سمجھڻ، بُرو لَڳڻ

– **دِلِ ۾ جاءِ ڏِيڻُ:** [اصطلاح] عزت ڏيڻ، دِلِ سان احترام ڪرڻ

* پاڻَ وَٽِ آڻڻ، وڏيءَ حُبَ سان آڻڻ، تعظِيم ڪرڻ

* ھِمَت اَفزائِي ڪرڻ، داد ڏيڻ

– **دِلِ ۾ جاءِ ڪَرڻُ:** [اصطلاح] دِلِ ۾ اَحترام ڪرڻ

* دِلِ تي اثر ڪرڻ، دل ۾ ويھڻ

* پاڻ مَڃائِڻ، پنھنجو قَدر ڪَرائِڻ

– دِلِي ج دِلِيُ: [صفت] دِل جو، دل وارو، جاني، جگري

* حُبَ وارو، قُربَ وارو، پيارو

* [ظرف] دِل تي، مَرضِيءَ تي

* دِل سان، سِڪَ سان، قربَ سان

– دِليان: [ظرف] دِل سان، جان سان، پنهنجيءَ مَرضِيءَ سان

* دلئون، دِل کان، دِل مان، دِلئون

– دِليخَم/دِلِ خام: [صفت] دِل شِڪستو، مايوس

* ڪَڪِ، بيزار

– دِليخَم ٿِي پَوَڻُ: [اصطلاح] دِل شِڪستو ٿِي پَوَڻُ

* ڪَڪِ ٿِي پَوَڻُ

– دِلِيُون هَڻَڻُ: [اصطلاح] پَهَ پَچائڻُ

* خيال ڪرڻُ

* گِهٽِيُون ڪائڻ

• ڏلارو ج ڏلارا: [صفت - مذ] پيارو، لاڏلو، معشوق

* [سن: درلالن]

* [مث: ڏلاري ج ڏلاريُون]

• دِلاسو ج دِلاسا: [ا - مذ] ڏَڍُ، آسرو، دِلجاءِ، تَسَلي، خاطِري، آٿَتَ، دِلداري، هِمَتَ

* فَرحَتَ، تَسڪِينَ، آرام

– دِلاسائِي ج دِلاسائِيُون: [صفت] فقط دِلاسا ڏِيندڙ

– دِلاسو ڏِيَڻُ: [اصطلاح] تَسَلِي ڏِيڻُ، هِمَتَ ٻڌائڻُ، آٿَتَ ڏِيڻُ، دِلداري ڏِيڻُ، خاطِري ڏيڻُ، دِل وڌائڻُ، هوشياري ڏيڻُ

* ڪَم ڪَرڻُ جو واعدو ڏيڻُ

– دِلاسي جِي ٻُڪَ نہ هُڻَڻُ: [اصطلاح] رڳو هائو هائو ڪرڻ پر ڪجھ بہ نہ ڪرڻ، ڪوڙا واعدا ڪرڻ، ٽال مَٽول ڪرڻ، ڪوڙا دلاسا ڏيڻ

• ڏلالُ ج ڏلالَ: [صفت] رَستو ڏيکاريندڙ، واٽَ لائيندڙ

* [ع: دل = هن اڳواڻي ڪئي]

* خَريدار ۽ وِڪڻندڙ جي وچ ۾ سودو ڪرائيندڙ، سودو ٺاهيندڙ، گماشتو، آڙهيتو، ٻِلاوڙُو

* ٻن جي وچ ۾ ڳالهائيندڙ، ٽِياڪڙ، وَڪِيل، ثالث

* گراهڪ ڦاسائيندڙ، سوديباز، اَصيل

* ڪُٽڻ، وِچوئُو

* ڀڙوو، دلو

– ڏلالِي ج ڏلالِيُون: [ا - مث] ڏلالَ جو ڪَم، ٻِلاوڙِپ

* ٽياڪڙِي، ثالثي

* سودي ڪرائڻ جو معاوضو (جيڪو سودي ڪرائڻ جي عيوض وڪڻندڙ ۽ خريدار کان ڏلال يا ايجنٽ کي ملندو آهي)، ڪجھ سيڪڙو (جيڪو خريد فروخت جي عيوض ڏلال يا ايجنٽ کي ڏبو آهي)، دستوري اُجورو، ڪميشن، ٻلاوڻ

* [ڪنايہ] حَرامَ جي ڪمائي، ڀڙوَتَ

– ڏلالِي ڪَرڻُ: [اصطلاح] ڪَمِيشَن وَٺَڻ، اُجورو وٺڻ

* ڀڙوَتَ جي ڪميشن وٺڻ

* [ڪنايہ] مناسب رقم کان وڌيڪ پئسا وٺڻ

• ڏلالَتَ ج ڏلالَتُون: [ا - مث] هِدايَتَ، رَهنمائي

* نِشان، عَلامَتَ، پَتو، آثار، اُهڃاڻ

* دَلِيل، ثابِتِي، شاهِدِي

* [ع: دَل = هن سونهون ڪيو]

– ڏلالَتَ ڪَرڻُ: [اصطلاح] دَلِيل هجڻ، ثابتِي هجڻ

• ڏلان: [ا - خاص] ڏاڙهياڙي جبلن مان وهندڙ هڪ نئن جو نالو

• دِلاوَرُ ج دِلاوَرَ: [صفت - مذ] دِل وارو، هِمَتَ وارو، دِلير، بَهادر، شجاع، سورمو، جوان مَرد، سورهيہ

* [ف: دِل + آوردن = آڻڻ]

* [ا - خاص] حضرت غازي عباس علمدار عليہ السلام جن جو لقب

'شاهي آ زماني تي، عباس دِلاوَرَجي' (مدهوش پٽو)

* مردَ جو نالو

– دِلاوَرِي ج دِلاوَرِيُون: [ا - مث] شجاعَتَ، بَهادِري، جَوانمَردي، جرائت، دِليري

• دِلبَرُ ج دِلبَرَ: [صفت] دِلِ ڪَڍِي ويندڙ، دِل کسي ويندڙ، محبوب، معشوق

* [ف: دل + بردن = ڪڍڻ جو امر]

'وسري ويا هِتي ٻَئِي جڏهن دل جان سان دِلبر ڏِٺم' (سيد مصري شاهہ)

• دِلبَر لَڪُ: [ا - خاص] چاچڙي پرسان سرڪاري ناڪو يا حد بَندي ءَ لاءِ ڪوڙيل نشان

* [س/ٿ]

– **ڏُوچُوبو ج ڏُوچُوبا:** [ا - مذ] ٻن ڪاٺين وارو تنبو. ٻه سرخو (تنبو)

– **ڏُوڇِتِي ج ڏُوڇِتِيُون:** [ا - مث] ٻن ڇتين يا ڪنڌن واري جاءِ. ٻچندي، جاءِ ۾ نهيل طاق وانگي اڌ ڇت (سامان وغيره رکڻ لاءِ)

– **ڏُودستو ج ڏُودستا:** [صفت - مذ] ٻن هٿن وارو. ٻه هٿيائڙي

* مضبوط، زبردست
* اڻ گهڙيو. بي ڍولو. اڏنگو
* بد شڪل. بدصورت
* بيهودو. بدفضيلتو. ٺرڙو
* اٺاڙي، جڏو. بي هنر. اڻ جاڻ

– **دوڏل:** [صفت] ٻه ڏليو. ٻه چتو. ڦرندڙ گهرندڙ. ڦرٽو گهرٽو

– **ڏُو ڏاريو:** [ا - مذ] ٻن ڏارين يا منهن وارو

* هڪ واڍڪو اوزار

– **دو راهو ج دو راها:** [ا - مذ] اُها جاءِ جتان ٻه رستا نڪرن. ٻه واٽو

– **دو رُخو ج دو رُخا:** [صفت - مذ] دورنگو. دو طرفو. ٻن طرفن وارو. ٻه پاسائو. ٻه طرفو

* ٻيائيءَ وارو

– **دو رَنگو ج دو رَنگا:** [صفت - مذ] ٻن رنگن وارو. ٻه رَنگو. چِتڪمرو. چِٽ چِٽ

* گهوڙي جو هڪ قِسم. ڪارو. ابلق
* ٻيائي رکندڙ. جيڪو اندر هڪڙو ۽ ٻاهر ٻيو هجي. منافق. ڪوڙو. ٺڳ. پاکنڊي. ڪُپتي

– **دو رَنگِي ج دو رَنگِيُون:** [ا - مث] ٻيائي. ڪپٽ. دغا. دولاب. چال. مڪر. فريب

– **دوزانُو:** [ظرف] ٻن گوڏن ڀر. جوئن ڀر

– **دوزانُو ويهڻُ:** [اصطلاح] گوڏن ڀر ويهڻ. جوئن ڀر ويهڻ. ڪُپ ڪوڙي ويهڻ. گوڏا کوڙڻ

* ڄهڪڻ. هُشڻ (وهڻ جو)

– **دوسالو ج دوسالا:** [صفت - مذ] ٻن سالن جو. ٻن سالن وارو

– **دوسَرا:** [ا - مذ] ٻه گهر. ٻه جهان

– **دوشالو ج دوشالا:** [ا - مذ] ٻن پڙن واري شال. دوپٽو

– **دوطَرفو ج دوطَرفا:** [صفت - مذ] ٻن طرفن وارو. ٻنهي طرفن کان. ٻنهي طرفن جو. ٻه پاسو

– **دوطَرفِي ج دوطَرفِيُون:** [ا - مث] ٻن طرفن واري. ٻن پاسن واري

* ڪن ٻه ٻن ڌرين جي ٻاڻ ۾ وڙهڻ جي حالت. نااتفاقي. اٽڪٽ. جهيڙو. نفاق. مخالفت. ڪلفت. ضديت. دشمني. ويڇ. ترخلائي. اختلافي
* [ظرف] ٻنهي پاسي

– **دونا:** [صفت] ٻيڻو. ٻيو دفعو

* مڙيل. موٽيل. وريل

– **دونا ٽِينا:** [ظرف] اوٽ موٽ

* ٻئي ٽئي
* هَر طرحَ
* [ا - مث] گولين راند ۾ هڪ داءُ

– **دونازِي ج دونازِيُون:** [ا - مث] ٻه نالي. ٻن نالين واري بندوق. دونالي. ڏنالي

* [س/ٿ]

– **دونالِي ج دونالِيُون:** [ا - مث] ٻه مُنهين. ٻن مُنهن واري بندوق. ڏنالي

– **دونِيمر:** [صفت] ٻه اڌ. ٻه ٽڪر

● **دوڻ:** [ا - مذ] روشنائي. سوجهرو. روشني

* پاڇو. اولڙو. پرتوو. عڪس
* [سن: دو- چمڪڻ]

● **دَوا ج دَوائُون:** [ا - مث] سنڀي. ڦڪي. دارون. درمل. علاج. تدارڪ. ڏڀ. ٻڪي. درمان. چارهه. چارو

* پسار. جڙي ٻوٽي

– **دواخانو ج دواخانا:** [ا - مذ] دوائن ملڻ جو هنڌ. دوا جو گهر. ويڄ گهر. طبابت خانو. درمل خانو. شفا خانو. اسپتال. مطب

– **ديکَڻُ:** [مص - فعل متعدي] ڏسڻ، نظر ڪرڻ
* ڳولڻ، ڍونڍڻ، تلاش ڪرڻ
* آزمائڻ، اِمتحان ڪرڻ
* جاچڻ، پرکڻ
* سِکڻ، پرائڻ
* چڪاس ڪرڻ، معائنو ڪرڻ
* ديدار ڪرڻ، درشن پسڻ

• **ديکَيا جِ ديکَيائُون:** [ا - مث] سِکيا، اُپديش، نصيحتَ، ڌرمي هِدايتَ، سمجهاڻي
* [سن: ديڪشا - ڌرمي هدايتَ]

• **ديگِچيني جِ ديگِچينيُون:** [ا - مث] لوهَ جا ننڍا پراڻا ٽُڪر، سڙيل لوهَ جا پراڻا ڪنيل ٽڪر، پراڻي لوهَ جي پور

• **دِيگَر:**[صفت] ٻيو، وڌيڪ، دِگر
* [ف]

• **ديگَمبَر:** [صفت] اُگهاڙو، نانگو
* جِين ڌرم جو اُگهاڙو فقير
* [سن: دِڪ > اُگهاڙو - نانگو]
* [ا - مذ] پلڪار جي ڇهنب
* ملڪ
* طرف

• **ديڳِ جِ ديڳِيُون:** [ا - مث] ڪاڌي رَڌڻ جو وڏو ٿانءُ، ٽامي جو وڏو ديڳڙو، ڪُنِي
* [مجازاً] پينا، خيراتَ، تِل ڦل، جانور رڌي نذراني طور ڏنل
* [ف]

– **ديڳِ باسِڻُ:** [اصطلاح] جانورن جي ديڳ تيار ڪرائي خيرات ڪرڻ، طعام جي خيرات باسڻ

– **ديڳ تيغ جو مالِڪُ هُئڻ:** [اصطلاح] ڌنوان ۽ ٻلوان هئڻ، شاهوڪار ۽ طاقتوَر هئڻ، ونهيو ۽ وِير هئڻ

– **ديڳِ جِي کُرِڙُ هُئڻ:** [اصطلاح] وڏي خاندان سان رشتو هئڻ

– **ديڳِ جي کرِڙ ئي ڪافي هُئڻ:** [اصطلاح] گهڻي مالَ منجهان ٿورو حِصو ئي ڪافي هئڻ

– **ديڳِ چاڙهَڻ:** [اصطلاح] ڪائڻ جي ڪا شيءِ عام جام ڪري چڙهڻ، جهجهو ڪاڌو تيار ڪرڻ (ورهائڻ لاءِ)

– **ديڳچِي جِ ديڳچِيُون:** [ا - مث] ٽامي ۽ پتل جو ننڍو ديڳڙو، ديڳڙي، هانڊي

– **ديڳڙو جِ ديڳڙا:** [ا - مذ] رَڌَ پچاءَ لاءِ هڪ برتن، ننڍي ديڳ، وڏو ڪُنو

– **ديڳِڙِي جِ ديڳِڙِيُون:** [ا - مث] رَڌَ پچاءَ لاءِ هڪ برتن، ننڍو ديڳڙو، ننڍي ڪُنِي

– **ديڳِڙِي چاڙهَڻ:** [اصطلاح] رڌي ڪائڻ
* پنهنجي محنت ڪرڻ
* حال سارو مهمانن جي تواضع ڪرڻ

– **ديڳِڙِي ڌارَ هُئڻ:** [اصطلاح] ڪائڻ پيئڻ جو وهنوار ڌار هئڻ (هڪ گهر ۾ ٻن آڪهين جو)

– **ديڳِيين:** [ظرف] ديڳين ۾

• **ديگُوڙو جِ ديگُوڙا:** [ا - مذ] گيدوڙو، ليسوڙو

• **ديڳِين وارو:** [ا - خاص] هڪ جبل جو نالو

• **دِيمَ جِ دِيمُون:** [ا - مث] فوجَ، لَشڪَر، سپاهه
* گهٽ، ميڙ، اَنبوهه

– **دِيمَ ڪَرَڻُ:** [اصطلاح] گهڻي تعداد ۾ گڏ ٿيڻ
* بدبوءِ ڪرڻ
* [س/ات]

– **دِيمِي جِ دِيمِيُون:** [ا - مث] هڪ وڏي فوج، لشڪر جو ڪٽڪ
* اَڻ کٽ خزانو

• **دِيمَڪُ جِ دِيمَڪَ:** [ا - مذ] اُڌوهي
* اُٺ جي هڪ سنج جو عضوو، پلاڻ جي پوئين حصي کي مضبوط ڪري جهلڻ وارو رَسو

• **دينُ جِ دينَ:** [ا - مذ] قرض، اُڌار، کَٽَتِ، لهڻو ڏيڻي
* بخشش، عطيو
* اَحسان، ڪرم
* [سن: دا - ڏيڻ]

– **ڏَتِ ڏَتِ ڪَرڻُ:** [اصطلاح] ڏَباءِڻ، هِيسائڻ

– **ڏَتِ ڪَرڻُ:** [اصطلاح] ڏَباءَ رکڻ

* منع ڪرڻ

* اَڪِ ڏيکارڻ، دڙڪو ڏيڻ، تنبيهه ڪرڻ

• **ڏُتَ ج ڏُتُون:** [ا - مث] ڏُتارَ، ٺَڳِي، ڏوهه، ورغلاءُ

* [سن: ڌورت = ٺڳه]

– **ڏُتَرُ ج ڏُتَرَ:** [صفت] ڌتارو، ڌتاريندڙ، دولابِي، ٺڳ، ڌوپائي، رماڪي

– **ڏُتِڻُ:** [مص - فعل متعدي] ڌتارڻ، ٺڳڻ، برغلائڻ

* [مص] ڏُتڻُ

* [امر] ڏُتِ

* [ڏُتيو ڏُتيندو ڏُتيل]

• **ڏُتُ ج ڏُتَ:** [صفت] نَشي ۾ چُور، مدهوش، بَدمست، جيڪو نشي واريءَ حالتِ ۾ هجي

• **ڏُتارَ ج ڏُتارُون:** [ا - مث] ٺَڳِي، ريب، دلبو دولابُ، فريب، ڌوڪو، مڪر، رماڪ، ڏُتَ، ڀَرمُ، بَرغلاءُ، چورت، ڌاڙ، ٺڳارَ، لوڀُ، موهه، چترُ

* [سن: ڌورت = ٺگ]

– **ڏُتارَڻُ:** [مص - فعل متعدي] ٺَڳڻ، ريبڻ، دلبو ڏِيڻ، ڌوڪو ڏِيڻ، فَريب ڏِيڻ، ڏُتڻ، ڀَنِيلائڻ، ڀِرمائڻ، بَرغِلائڻ

* پاڻ ڏانهن ڪشش ڪرائڻ

'پانئيم نہ پيلو مون کي ڏاءِ ڏتاريو' (شاهه)

* لالِچائِڻ، ڏاڍائِڻ

* رِيجهائِڻ، راضِي ڪرڻ

* موهڻ، هِرڪائڻ، چترائِڻ

* [مص] ڏُتارَڻُ

* [امر] ڏُتارِ

* [مضارع] ڏُتارِيان (ج) ڏُتارِيُون، ڏُتارِين (ج) ڏُتارِيو، ڏُتاري (ج) ڏُتارِين

* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ 'پيو' جا مذڪر مونث ٻنهي واحد، جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]

* [حال] ڏُتاري ٿو (ج) ڏُتارِين ٿا

* [حال مث] ڏُتارِي ٿي (ج) ڏُتارِين ٿيون

* [ماضي] ڏُتاريو (ج) ڏُتاريا

* [ماضي مث] ڏُتارِي (ج) ڏُتارِيُون

* [مستقبل] ڏُتارِيندو (ج) ڏُتارِيندا

* [مستقبل مث] ڏُتارِيندِي (ج) ڏُتارِيندِيُون

* [اسم مفعول] ڏُتارَيلُ

– **ڏُتارو ج ڏُتارا:** [ا - مذ] ڏُتارِيندڙ، رِيبِيندڙ، ٺَڳِيندَڙ، ريبي، ڌوتڙُ، ڌوپائي، رماڪي، لالچائيندڙ، هِرڪائيندڙ، ڦِسلائيندڙ، رِيجهائِيندَڙ، ٻِڪيڙِيندڙ

• **ڏُتِڪارَ ج ڏُتِڪارُون:** [ا - مث] لَعنَتَ، مَلامَتَ، ڦِٽڪارَ

– **ڏُتِڪارَ پَوڻُ:** [اصطلاح] لَعنَتَ پَوڻ، مَلامَتَ ٿيَڻ

– **ڏُتِڪارَڻُ:** [مص - فعل متعدي] لَعنَتَ وِجهڻ، ذَليل ڪرڻ، خوار ڪَرڻ

* [مص] ڏُتڪارَڻُ

* [امر] ڏُتڪارِ

* [مضارع] ڏُتڪارِيان (ج) ڏُتڪارِيُون، ڏُتڪارِين (ج) ڏُتڪارِيو، ڏُتڪاري (ج) ڏُتڪارِين

* [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ 'پيو' جا مذڪر مونث ٻنهي واحد، جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]

* [حال] ڏُتڪاري ٿو (ج) ڏُتڪارِين ٿا

* [حال مث] ڏُتڪارِي ٿي (ج) ڏُتڪارِين ٿيون

* [ماضي] ڏُتڪاريو (ج) ڏُتڪاريا

* [ماضي مث] ڏُتڪارِي (ج) ڏُتڪارِيُون

* [مستقبل] ڏُتڪارِيندو (ج) ڏُتڪارِيندا

* [مستقبل مث] ڏُتڪارِيندِي (ج) ڏُتڪارِيندِيُون

* [اسم مفعول] ڏُتڪارَيلُ

• **ڏُتِڙ ج ڏُتِڙيُون:** [صفت - مث] دلِي، ٻڙِوي، ڏُوتِي، ٻِياڪَڙِ، وِچ ڪَٽي، ڪَٽڙِ

* [ا - مث] جوئرجو هڪ قسم

* [س/ات]

– **ڏمڪِجَڻُ:** [مصدر 'ڏمڪڻ' مان فعل مجهول] هِيسجَڻ، ڏهلجَڻ، هِيسجي وڃڻ

❊ انديشو ٿيڻ، اُڌڪو ٿيڻ، وَهم ٿيڻ، ڊڄڻ، خوف ڪرڻ

❊ [ڏمڪيو ڏمڪبو ڏمڪيل]

– **ڏمڪڻُ:** [مص - فعل لازمي] ڊَپ ٿيڻ، ڊڄڻ، خوف ٿيڻ، ٻڙٿيڻ، ڏَر ٿيڻ، هِيسجَڻ، ڏبجَڻ، سهمجي وَڃڻ، هِراسجي وَڃڻ

❊ انديشو ٿيڻ، اُڌڪو ٿيڻ

❊ سُور ٿيَڻ، اِيذاءُ ٿيڻ، سور جي سوٽَ اُڀرڻ

❊ آواز ڪرڻ

❊ ڪنهن وزندار شيءِ جو هيٺ ڪِرڻ، ڌَهڪو ڪرڻ

❊ [ڏمڪيو ڏمڪيا، ڏمڪِي، ڏمڪِيُون، ڏمڪندو ڏمڪندا، ڏمڪَندِي، ڏمڪَنديُون، ڏمڪِيل]

– **ڏمڪِي ج ڏمڪِيُون:** [ا - مث] دَڙڪو، دابُ، هاشاماشا، ڌُڪو، ڀِيڪِي، دَبڙاٽ، تَنبِيهَہ، جهَٽ، چِينبَ، چِڙَبَ

❊ ڊَپ، ڊاءُ، خوف، دَهشَتَ، خَطرو

– **ڏمڪِي آميز:** [صفت] خوفَ ۾ وجهندڙ، ڊَر ڏِيارِيندڙ

– **ڏمڪِي ڏِيَڻُ:** [اصطلاح] دَڙڪو ڏِيڻ، هِيسائڻ، ڊيڄارڻ، تَنبِيهَہ ڪرڻ

• **ڏمڪُ ج ڏمڪَ:** [ا -مذ] لوهَہ جي تختي سان يا وزن دار شيءِ، هڪ ڳَرو لوهَہ جو اوزار (جنهن سان رستي جا پٿر ڪٽجن يا هموار ڪجن)، پٿرن ڀڃڻ جو اوزار، وَڏاڻ جو هڪ قِسم

• **ڏمڪڻُ:** [مص - فعل متعدي] اَچڻ، اَچي سَهڙڻ، اَچي رَسَڻ

❊ گهڙي ڪَن ٻيهَڻ، ترسڻ، ٺهرڻ

❊ [مص] ڏمڪَڻ

❊ [امر] ڏمڪ

❊ [ڏمڪيو ڏمڪندو ڏمڪِيَل]

• **ڏمڪِياڻِي:** [ا - خاص] بگٽي بلوچن جو هڪ قبيلو

• **ڏُملو ج ڏُمِلا:** [صفت -مذ] ڏُنڌلو، غبارآلود، غير شفاف، ميرو

❊ [سن]

• **ڏمُلِي ج ڏمُلِيُون:** [ا -مث] حَشَر، واويلا، ماتم، گهوڙا گهوڙا

❊ [س/ل]

– **ڏمُلِي مچائِڻُ:** [اصطلاح] حَشَر بَرپا ڪرڻ، واويلا ڪرڻ، شهر مٿي تي کڻڻ

• **ڏمڻ ج ڏمڻِيُون:** [ا - مث] لوهارَن جو هڪ اوزار، باهہ کي هوا ڦوڪڻ جو اوزار، ڌنوڻ، ڌنوڻِي، ڦوڪڻي

❊ [سن: ڌمن]

❊ گهوڙي گاڏِيءَ جو ڏِڪُ، ڇِتي

– **ڏمڻُ:** [مص - فعل متعدي] واءُ ڀرڻ، هَوا ڏِيَڻ، هَوا ڦوڪِڻ، ڌَنوڻُ، ڌُوڻڻ

❊ زورَ سان دَٻڻ، ڦَسِڻ، وِجهڻ، دَٻائڻ، زور ڏيڻ، زور لائڻ

❊ چِڪڻ

❊ هَلائِڻ، جورڻ

❊ وِڃائِڻ، وَڃڻ

❊ ڪوڙ ڪرڻ

❊ [سن: ڌمن]

❊ [مص] ڏَمَڻ

❊ [امر] ڏَمِ

❊ [مضارع] ڏَميان (ج) ڏَميُون، ڏَمِين (ج) ڏَميو ڏَمي (ج) ڏَمِين

❊ **[زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ 'پيو' جا مذڪر مونث تورِي واحد، جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]**

❊ [حال] ڏَمي ٿو (ج) ڏَمِين ٿا

❊ [حال مث] ڏَمي ٿي (ج) ڏَمِين ٿيون

❊ [ماضي] ڏَميو (ج) ڏَميا

❊ [ماضي مث] ڏَمِي (ج) ڏَميُون

❊ [مستقبل] ڏَمَندو (ج) ڏَمَندا

❊ [مستقبل مث] ڏَمَندِي (ج) ڏَمَندِيُون

❊ [اسم مفعول] ڏَميَلُ

– **ڏمِڙي ج ڏمِڙِيُون:** [ا - مث] هارمونيم ۾ هوا ڀرڻ جي پيتي

❊ ڦِڦڙَن ۾ ساهَہ کَڻَڻ جي نَلِي، نَبضَ

# Mufasil Sindhi Lughat

Vol- V

(چ-ڇ-ح-خ-د-ڏ)

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY